# ڏونگر سي ڏوريندیون

## جيجي ڊاڪٽر در شهوار سيدهء سائين جي ايم سيد جي خط و ڪتابت



سهيڙيندڙ

سيد ضياشاهه/ منير شاهه

# ڏونگر سي ڏوريندي

سائين جي ايم سيد ۽ جيجي ڊاڪٽر درشھوار سيد جي خط و ڪتابت

سھيڙيندڙ

**سيد ضيا شاھ ۽ منير شاھ**

ڪاڇو پبليڪيشن

ڪراچي، سنڌ

# ڪتاب نمبر

**27**

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب : ڊونگر سي ڊوريندين
موضوع : خط
سهيڙيندڙ : سيد ضيا شاھ / منير شاھ
ڇاپو ٻيو : اپريل 2011
ٽائيٽل : ڪپتان ابڙو
ڪمپوزنگ : عبدالقيوم قاسماڻي qayoom@ymail.com
ڇپيندڙ : ذڪي سنز پرنٽرز ڪراچي
ڇپائيندڙ : محمد علي ماجد
ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي
0300-2879794
قيمت: 220 رپيا

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Doongar Sy Doreendayoon (Letters)
**Compiled By: Syed Zia Shah / Muneer Shah**
Second Edition: April 2011
Printed by Zaki Sons Printers, Karachi.
Published by Kachho Publication Karachi
Room # 431, 4th floor, Taj Paper Center,
Shahrah_e_Liaquat, Karachi, Sindh.
**Price Rs. 220/-**

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

## اسٽاڪسٽ

ڪاٺياواڙ اسٽور، اردو بازار، ڪراچي. ٿامس اينڊ ٿامس، ريگل چوڪ، صدر ڪراچي. پيتائي بُڪ هائوس، نزد اورنگزيب مسجد گاڏي کاتو حيدرآباد. ڪنگ پن بُڪ شاپ، پريس ڪلب، حيدرآباد. ڪامريڊ بڪ اسٽال، ڄامشورو ڦاٽڪ. رابيل ڪتاب گهر، اسٽيشن روڊ، لاڙڪاڻو. مهراڻ ڪتاب گهر، سامهون سينا لان ويجهو گهنٽي ڦاٽڪ لاڙڪاڻو. عزيز ڪتاب گهر، بڙاج روڊ، سکر. الفتح نيوز ايجنسي، مهراڻ مرڪز سکر. ممتاز ڪتاب گهر ريلوي لائين دادو. گل ڪتاب گهر نزد انڊس هوٽل، لکي در شڪارپور. اشرف بڪ اسٽال، مسجد روڊ نوابشاھ. المهراڻ ڪتاب گهر، اسٽيشن چوڪ، ميرپور خاص. رحيم ڪتاب گهر، مهراڻ چوڪ بدين.

---

هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو سيپٽمبر 1998ع ۾ جي ايم سيد فائونڊيشن ڪراچي، ڇپيو هو.

سڪن واري سڏ، متان ڪا مونسين ڪري،
اندر جنين اڏ، ڏونگر سي ڏورينديون.

(شاهہ)

# جيجي ڊاڪٽر درشهوار سيد

پهرين مسلمان سنڌي عورت جنهن شاهه لطيف تي پي ايڇ ڊي جي ڊگري ايڊنبرا يونيورسٽي مان حاصل ڪئي. سندن شمار سنڌي ادب ۽ زبان جي نامور اديبن ۽ يونيورسٽي جي ماهر تعليم ۾ ٿئي ٿو. کين سنڌي، انگلش، اردو ۽ فارسي زبان تي عبور حاصل هو.

**ولادت** : 21 مارچ 1940

**والد جو نالو:** غلام مرتضيٰ سيد

**تعليم:**

- بي-اي سينٽ جوزف ڪاليج ڪراچي مان 1967ع ۾ ڪئي.
- ايم-اي فلاسفي يونيورسٽي آف ڪراچي مان 1969ع ۾ ڪئي.
- فارسي سرٽيفڪيٽ ڪورس سنڌ يونيورسٽي مان 1972ع ۾ ڪيو.
- ايم-اي ساؤٿ ايشين اسٽڊيز يونيورسٽي آف سسيڪس، انگلينڊ 1977ع ۾ ڪئي.
- فيلڊ آف اسپيشلائزيشن، پي-ايڇ ڊي، "شاهه لطيف جي شاعري" تي يونيورسٽي آف ايڊنبرا 1984ع ۾ ڪئي.

**نوڪري:** ليڪچرار ۽ اسسٽنٽ پروفيسر جي عهدي تي 1985ع کان 1991ع تائين فائز رهي. ان کان علاوه ڪراچي يونيورسٽي جي شعبي فلاسفي ۾ درس و تدريس جا فرائض انجام ڏنا. 1991ع ۾ "شاهه لطيف ڀٽائي چيئر" يونيورسٽي آف ڪراچي جي ڊائريڪٽر جي عهدي تي فائز ٿي. سندن تحقيقي مقالا سنڌي، اردو ۽ انگريزي ۾ شايع ٿي چڪا آهن. پاڻ ڪيترن ئي قومي ۽ بين الاقوامي سطح جي سيمينارن ۽ ڪانفرنسن ۾ شرڪت ڪئي ۽ مقالا پڙهيا.

**مرتب ڪيل ڪتاب:**

1. **شاهه جو رسالو جلد 1:** سنڌي، اردو، فارسي ۽ انگريزي ۾ ترجمي تي مشتمل)
2. **ڪشف الابيات** (ڏسٽي، جنهن مان شاهه سائينءَ جو ڪوبه شعر مختلف رسالن ۾ آسانيءَ سان ڳولهي سگهجي ٿو).
3. **شاهه لطيف جي موسيقي** (موسيقيءَ تي مختلف مضمونن جو مجموعو)
4. **تحقيق جو طريقيڪار** (تحقيق ڪرڻ لاءِ مختلف مضمونن تي مشتمل)
5. **شاهه لطيف ڪي ڪهانيان** (اردو ۾ شاهه جي رسالي ۾ مختلف قصن ڪي ٻارن لاءِ آسان ڪهاڻين جي شڪل ۾)
6. **شاهه لطيف جي ببليو گرافي** (شاهه لطيف بابت ڇپيل مواد جي فهرست)

**ايوارڊ**

- "ارنسٽ ٽرمپ ايوارڊ" 1985ع ۾ حاصل ڪيو.
- "گورنمينٽ آف سنڌ ڪيش ايوارڊ" 1988ع ۾ مليو.
- "لطيف گولڊ ميڊل ايوارڊ" 1988ع ۾ گورنمينٽ آف سنڌ جي طرفان مليو.
- "سچل سرمست ايوارڊ" 1990ع ۾ حاصل ڪيو.
- "لطيف ايوارڊ" 1991ع ۾ حاصل ڪيو.

**وفات:** 26 ڊسمبر 1997ع تي سنڌ جي هيءَ باوقار ۽ باصلاحيت نياڻي وڃي مالڪ حقيقي سان مِلي.

## انتساب

سائين جي ايم سيد جي
وڏي نياڻي،
**جيجي زرين تاج جي نان،**
جنهن جي ئي نيپاج،
ڪوشش ۽ محنتن سان
جيجي وڏي تي ۽
پي ايڇ ڊي ڪئي.

سيد ضيا شاهه

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ♦ اداري پاران | محمد علي ماجد | 09 |
| ♦ تاثر | سيد ضيا شاهہ | 10 |
| ♦ ٻہ اکر | سيد ضيا شاهہ | 11 |
| ♦ پيش لفظ | محمد ابراهيم جويو | 17 |

خط

- جيجي ڊاڪٽر درشهوار سيد جا سائين جيٰ ايم سيد ڏانهن لکيل خط 24
- سائين جي ايم سيد جا جيجي ڊاڪٽر درشهوار سيد ڏانهن لکيل خط 120

# اداري پاران

2011ع ۾ جڏهن سنڌ جي تعليم تي نظر ڊوڙائجي ٿي ته اسان کي سواءِ مايوسيءَ جي ٻيو ڪجهه به پلئه نه ٿو پوي. ڇو ته اهو سچ آهي ته اسان جا تعليمي ادارا، سنڌ ۾ کليل ته آهن، پر انهن ۾ تعليم ڏني نه ٿي وڃي. جنهن ۾ گهڻا اسڪول ته وڏيرن جون اوطاقون ۽ گودام بڻيل آهن، وري گهڻا اسڪول کليل ته آهن پر انهن ۾ استاد وري پڙهائيندا به ڪونهن. اهڙي ماحول ۾ اسان جي نياڻين جي تعليم ته ويتر نه هئڻ جي برابر آهي. ڇو ته اسان جا وڏيرا، مير، پير، پنهنجين نياڻين کي پڙهائيندا ڪونه آهن، ۽ انهن جي تعليم کي عيب سمجهندا آهن. تڏهن سائين جي ايم سيد 50 سال پهرئين پنهنجي نياڻي جيجي درشهوار سيد کي پڙهايو بلڪ اعليٰ تعليم لاءِ کين لنڊن پڻ موڪليو. جيتوڻيڪ ڪيترن ئي سنڌن عزيزن اعتراض واريا، پر سائين جي ايم سيد پنهنجي ڌيءُ کي خط لکي چيو ته، ”تنهنجي تعليم جي ڪاميابي منهنجي زندگيءَ جي مشن جي سرانجامي جو واڌارو آهي.“

وري ٻي هنڌ لکيو اٿائين ته، ”تنهنجي ٽيسز ڊگري وٺڻ واري ڪانه ٿي گهرجي، توکي سنڌ جي پنج هزار ورهين جي پيغام جي کوجنا ڪرڻي آهي.“

ان مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته سيد وٽ نياڻين جي تعليم جي ڪيتري اهميت هئي. جڏهن ته اڄ اسان وٽ تعليم جون مڙئي روايتي ڊگريون ته ورتيون وڃن ٿيون. پر انهن جي تعليم جو معيار گهٽي ياڳي نه هئڻ جي برابر آهي. ان ذڪر واري ماحول ۾ سائين جي ايم سيد ۽ جيجي درشهوار سيد اڄان به وڏيڪ ياد اچن ٿا.

**محمد علي ماجد**

ڪراچي، سنڌ
09 اپريل 2011ع

# تاثر

نهـائينءَ کـان نيـنهن سـڪ منهنجـا سـپرين!
سـڙي سـارو ڏيـنهن پـاهر پـاڦ نـہ نڪـري.

هي ڪائنات ڪروڙن سالن کان وجود ۾ آئي ۽ ڪهڙي خبر تہ ڪيترو وقت هلي ۽ ان عرصي ۾ انسان جي زندگي اُن پاڻي جي ڦوٽي مثل ئي تہ آهي. جيڪا خبر نہ آهي تہ ڪيڏي مهل ختم ٿي وڃي. انهي مختصر وقت ۾ جيڪو ڪارائتو ڪم نہ ٿيو تہ اٺين انسان ختم ٿيو وڃي جيئن هيل تائين اربين انسان ختم ٿي ويا. پر ياد صرف هزارن ۾ آهن. ڪي انسان اهي آهن جيڪي پنهنجو وجود ٻين لاءِ وقف ڪريو وڃن، سندن زندگي جو مشن هوندو آهي تہ پنهنجي زندگي ماچيس جي تيلي وانگر مختصر ٻاري ڏيئو ٻاريو وڃي جيڪو مستقل روشني فراهم ڪري ٿو.

جيجي درشهوار سيد بہ ان تيلي مثل هئي، جنهن پنهنجي زندگي سائين جي ايم سيد جي زندگي لاءِ وقف ڪري وئي هئي. شايد ان سبب جي ڪري سائين جي وفات کان نيڪ ٻٽيهہ مهينن ۾ پاڻ بہ 26 ڊسمبر 1997 تي هن فاني دنيا کي خير آباد چئي وڃي حقيقي مالڪ سان ملي.

جيجي کي اسان کان وڇڙئي. اڄ پورا چوڏهن سال ٿي ويا آهن، پر سندس ياد جو ڏيئو اڄ بہ هر ان دل ۾ ٻري رهيو آهي، جنهن سان جيجي جي هڪ دفعو بہ ڪا ملاقات رهي هوندي.

اها جيجي جي ئي شخصيت هئي، جنهن سان حال اورڻ لاءِ هر خاندان جو فرد وٽس ايندو رهندو هو ۽ دل جو حال اوريندو رهندو هو. پر افسوس اڄ اسان وٽ اها شخصيت نہ رهي آهي، جنهن سان ويهي دل جو بار هلڪو ڪجي، جنهن کي ڏک سک ٻڌائجن. اسين هُن بنا اڌورا ۽ اڻپورا آهيون. پر جيجي جي ياد اسان وٽ سرمايو آهي جيڪا هميشہ اسان وٽ رهندي.

**سيد ضيا شاهہ**

4/4/2011

<u>پهريون ڇاپو</u>

# ٻه اکر

سنڌو ماءُ اهو ڪتاب مون کي هٿ ۾ ڏئي حڪم ڪيو
ته هن ۾ منهنجو دنيا لاءِ ڏنل پيغام درج آهي
ان کي ترجمو ڪري عالم اڳيان پيش ڪر،
پر ۾ ڏٺم ته منهنجي نياڻي درشهوار بيٺي هئي.
ان کي چيم ته "بابا مون کي طاقت نه رهي آهي تون
ان ڪم جي سرانجاميءَ ڪر!"
چيائين ته "بابا ڪم دشوار آهي."
ان تي شاهه لطيف ۽ سچل سائين ڪيس چيو
"بابا پرواهه نه ڪر، اسان تنهنجي ان ڪم ۾
سرانجاميءَ لاءِ مدد ڪنداسون.
جيڪڏهن توکي ان ڪم جي سرانجاميءَ لاءِ ايران
هند، عرب ۽ يورپ وڃي کوجنا ڪرڻ جي
ضرورت پوي ته به منهن نه موڙج
هي سعادت جهڙي تهڙي کي سپرد نه ٿيندي آهي
تون پيءُ جي نقش قدم تي هلي ان ڪم
جي سرانجامي ڪج."

(ديار دل داستان محبت)

سائين جي ايم سيد ان خواب کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ پنهنجي نياڻي کي اهل سمجهيو ۽ ان کي شاهه عبداللطيف تي پي ايچ ڊي ڪرائي، پهرين عورت جي پي ايچ ڊيءَ جو اعزاز ڏياريو. ان جو اصل ڪارڻ اهو هو ته شاهه لطيف جو پيغام امن ۽ آشتي، پيار ۽ محبت ۽ انسانيت جو سبق آهي، سنڌ جي صوفي ڪلچر جي تبليغ ڪرڻ آهي. ان لاءِ جيجي درشهوار شاهه لطيف تي جي ان پيغام جي ٿي تشريح ۽ پرچار ڪئي، نه ته ان کان اڳ شاهه لطيف جيڪي ڪجهه لکيو ويو هو ان ۾ مسلمان ۽ هندو ڪلچر جي اثرات

کي نظر ۾ رکي لکيو ويو ۽ هر ڪنهن شاهہ لطيف جي فڪر ۽ فلسفي کي صرف پاڻ ڏي ڇڪڻ جي ڪوشش ڪئي. جڏهن تہ جيجي پنهنجي تحقيق ۾ فريد الدين عطار ۽ جلال الدين روميءَ جي ڪلام ۽ شاهہ جي رسالي جي اثر جي گڏيل فلسفي کي اجاگر ڪيو.

جيجي درشهوار سيد سائين جي ايم سيد جي سڀ کان ننڍي نياڻي هئي، پاڻ کان بہ وڏيون ڀينرون ۽ بہ ڀائر هئا. سندن ولادت 21 مارچ 1940ع ۾ سن ۾ ٿي. انهي زماني ۾ سائين جي ايم سيد سياسي ميدان ۾ اڳتي هئا ۽ گهڻو ڪري ڪراچيءَ ۾ رهندا هئا. سندن ولادت کان پوءِ جلد پاڪستان وجود ۾ آيو ۽ سائين تي جيل ۽ نظربندين جا دور شروع ٿي ويا. ان دور ۾ سائين کي، جيجي کي اڳتي پڙهائڻ جو خيال ٿيو ان کان اڳ ۾ سندن بہ نياڻيون ڳوٺ ۾ ئي پرائمري تائين پڙهيون، انهن ڏينهن ۾ هندو ماستر ياڻيون پڙهائينديون هيون، ليڪن بعد ۾، ڳوٺ ۾ سهولت نہ هئڻ ڪري کين ڪراچيءَ ۾ حيدر منزل تي رهائي سينٽ جوزف ڪانوينٽ اسڪول ۾ داخل ڪيو ويو جتان پاڻ اسڪول ختم ڪرڻ کان پوءِ ساڳئي ئي ڪاليج ۾ بي اي جي ڊگري ۽ ان کان پوءِ ڪراچي يونيورسٽي ۾ فلاسافي ڊپارٽمينٽ ۾ ايم اي جي ڊگري حاصل ڪئي. هي اهو ئي زمانو آهي، جنهن ۾ جيجي جي پڙهڻ تي تمام گهڻا اعتراض ڪيا ويا، پر سائين سين ڳالهين کي درگذر ڪري کين پڙهايو جنهن جو ذڪر هن ڪتاب جي خطن ۾ بہ اچي ٿو. ايم اي ڪرڻ کان پوءِ جيجي کي اڳتي پي ايچ ڊي ڪرڻ جو خيال ٿيو ۽ ان لاءِ سائينءَ کين سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ داخل ڪرايو. ان وقت سيد غلام مصطفيٰ شاهہ وائيس چانسلر هوندا هئا ۽ اهي جيئن تہ سندن گهر جي فرد وانگر هئا ۽ جيجي جي پڙهائي ۾ شروع کان مدد ڪندا رهندا هئا، ان ڪري انهن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سندن مدد ڪئي.

سائين جن جيجيءَ کي فارسي سکڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ فارسيءَ جو سرٽيفڪيٽ ڪورس اُن ڪري ڪيائون تہ جيئن فارسي شاعريءَ جو مطالعو ڪري ايران ۽ سنڌ جي صوفي ڪلچر جو موازنو ڪري سگهن.

يونيورسٽيءَ ۾ ڪجهہ وقت رهڻ کان پوءِ ۽ اتي تعليمي ماحول نہ هئڻ ۽ صحيح معنيٰ ۾ ڪو استاد نہ ملڻ سبب سائين جيجيءَ کي 1974ع ۾ لنڊن

اماڻيو تہ جيئن اتي وچي شاهہ لطيف تي پي ايچ ڊي ڪن.

اهڙيءَ طرح انگلينڊ جي University of Sussex جي ساؤٿ ايشين اسٽڊيز مان Comparative History of Religions ۾ ايم اي 1976ع ۾ ڪيائون ۽ پوءِ واپس موٽي آيا ۽ ان کان پوءِ وري University of Edinburgh ۾ The Poetry of Shah Abdul Latif جي عنوان تي پي ايچ ڊي لاءِ ويا، جيڪا 1984ع ۾ ڪري واپس موٽيا. ان دوران کين ڪھڙيون تڪليفون آيون ۽ اهو سڄو عرصو ڪيئن گذرين ۽ سندن والده جي وفات ۽ ان جو منهن بہ نہ ڏسي سگھڻ جو صدمو برداشت ڪيائون ۽ اهو سڄو ذڪر هنن خطن ۾ ملندو.

ان کان پوءِ پاڻ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي Pakistan Study ڊپارٽمينٽ join ڪيائون. بعد ۾ وري Shah Latif Chair جي ڊائريڪٽر جي حيثيت ۾ علمي ۽ ادبي ڪم پڻ سر انجام ڏنائون. ان دوران پاڻ شاهہ لطيف تي مختلف ڪتاب مرتب ڪري ڇپرايا، جن ۾:

1) شاهہ جو رسالو جلد 1
(اردو، فارسي، عربي ۽ انگريزي ۾ ترجمي تي مشتمل)
2) ڪشف الابيات (ڏسٽي جنهن مان شاهہ سائينءَ جو ڪوبہ شعر مختلف رسالن ۾ آسانيءَ سان ڳولهي سگھجي ٿو)
3) شاهہ لطيف ـ شاعري اور فڪر (اردو ۾ سندن پي ايچ ڊي ٿيسز جو ترجمو
4) شاهہ لطيف جي موسيقي (موسيقيءَ تي مختلف مضمونن جو مجموعو)
5) تحقيق جو طريقيڪار (تحقيق ڪرڻ لاءِ مختلف مضمونن تي مشتمل)
6) شاهہ لطيف ڪي ڪهانيان (اردو ۾ شاهہ جي رسالي ۾ مختلف قصن کي ٻارن لاءِ آسان ڪهاڻين جي شڪل ۾)
7) شاهہ لطيف جي ببليو گرافي (شاهہ لطيف بابت ڇپيل مواد جي فهرست)

اهڙيءَ طرح سان ٻيا بہ گھڻائي ليڪچر ۽ پروگرام ڪيائون، جنهن سان شاهہ جو پيغام ٻين تائين پهچائجي. ان سلسلي ۾ شاهہ لطيف جي رسالي کي Audio ۽ Video تي آڻڻ جو پروگرام ڪيو هيائون، جنهن

سلسلي ۾ سيد صالح محمد شاهه جي آواز ۾ سڄو رسالو رڪارڊ ڪري، ڪيسٽن جي صورت ۾ آڻيو هئن ۽ ڪراچيءَ ۾ لطيف چيئر ڪي هڪ مستقل ادارو بڻائي، ان ۾ ميوزم ٺاهي، ان ۾ شاهه جا اهي ميوزڪ جا اوزار ۽ پيون سندس شاعريءَ ۾ سنڌ جي خاص ذڪر ڪيل شيون، رکڻ هئو ته جيئن ٻاهرين دنيا کي اسان جي ڪلچر کان متعارف ڪرائي سگهجي. پر زندگيءَ کين مهلت نه ڏني ۽ 26 ڊسمبر 1997ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري وڃي سائين سان مليون.

موجيم ڪه آسودگيءَ ما عدم ماست
مازنده به آنيم ڪه آرام نه نگيريم.

(آئون ان لهر برابر آهيان، جنهن تي منهنجو بقا رهي ٿو جي اها بند ٿي وڃي ته منهنجو وجود ئي ختم ٿي ويندو.)

جيجي در شهوار جي زندگيءَ سائين جي ايم سيد جي مشن جو سبب ٿي رهي ۽ ان جو واضح ثبوت هن ڪتاب جي خطن مان ٿيندو ته ڪيئن سائين ۽ جيجي هڪ ٻئي سان مختلف خيال ونديين ٿا ۽ سائين جي خواب کي عملي جامو پارائڻ لاءِ جيجي سڄي زندگي ڏني. جڏهن سائين هڪ خط ۾ چئي ٿو ته، ”ٻنهي پٽن جي اولاد وڏائڻ، ملڪيت ٺاهڻ ۽ اولاد جي تربيت ۽ تعليم کان مٿي ڪونه وڃي سگهيو آهي. ڪتاب اڪثر ڪري ڪونه پڙهن، رواجي زندگيءَ جا خود مطلبي ۽ جانورن جي زندگيءَ جي سڌريل شڪل کان مٿي نه آهن. ان ۾ مشغول آهن، تنهنجي تعليم جي ڪاميابي منهنجي زندگيءَ جي مشن جي سرانجامي جو واڌارو آهي.“ جيجي ان ئي خيال کي وٺي پنهنجي سڄي زندگي خاموشيءَ سان سائينءَ جي مشن جي سرانجاميءَ لاءِ وقف ڪئي.

جي تتو ٿئن تنورُجن، ته چنڊي ساڻ ڇهاءِ،
آڻي آڳ، ادب جي، ٻاري جان جلاءِ،
برقعان اندر ٻازيون، پنهنجون سڀ پچاءِ،
متان لوڪ لکاءِ، وصالان وڃ پئي.

جيجي درشهوار ۾ سائين ۾ خط و ڪتابت 1960ع کان جاري رهي جيڪي موجود آهن ۾ تقريباً اڍائي سؤ کن خط جيجي جا لکيل آهن، جيڪي سڀ سائين محفوظ رکيا ۾ سن لائبريري ۾ آهن ۾ اهڙي طرح سائين جا خط بہ جيجي محفوظ رکيا. انهن جي چونڊ ڪري هن ڪتاب ۾ ڪجهہ ڏنا ويا آهن. ڪتاب ڇپرائڻ جو خيال دراصل سيد منير احمد شاهہ (پيير ڏاڪري سڪرنڊ) جن جو هو. جيجي جي وفات کان پوءِ گڏ ڪچهري پئي ڪئي سون تہ منير شاهہ جنهن اهي سڀ خط لائبريري ۾ رکيل ڏنا هئا، ان صلاح ڏني تہ اهي خط ڪٺي، چونڊ ڪري هڪ ڪتاب ڇپرائجي، جو ان مان پڙهندڙن کي تمام گهڻي معلومات ملندي.

ان کان پوءِ لائبريري مان خطن جو فائيل ڪٺي آياسون ۾ چونڊ ڪري خط ڪڍياسون جن جي ڪمپوزنگ لاءِ سرفراز ميمڻ (نوابشاهہ) کي چيوسون ۾ پوءِ منير شاهہ ۾ مٺل ملاح ان جي ڪمپوزنگ جا پروف ڏٺا.

جيجي درشهوار بہ سائين وانگر خط و ڪتابت جو سلسلو گهڻن سان رکيو ۾ هر خاندان جي فرد وٽ انهن جو ذخيرو تمام گهڻو هوندو. جيڪي جيجي سان خط و ڪتابت ۾ رهيا. رڳو مون وٽ ئي جيجي جا چاليهہ کن خط ۾ ڪارڊ هوندا، جيڪي هن مختلف وقتن تي لکيا.

جيجي جي زندگي تي اچ نظر ٿو وجهان تہ هڪ ڳوٺ جي بند ماحول ۾ جنم وٺن ٿيون، پوءِ ڪراچي ۾ تعليم حاصل ڪندي، پاڻن جي ٻارن کي پڙهائيندي، لنڊن مان پيءُ جي خواهش تي پي ايچ ڊي ڪري اچن ٿيون ۾ 1984ع کان 1997ع تائين انهن تيرنهن سالن ۾ شاهہ سائين جي پيغام کي اڳتي وڌائڻ لاءِ سائين جي مشن جي سرانجاميءَ لاءِ جاکوڙين ٿيون. پر سائين جي وفات کان پوءِ پاڻ کي اڪيلو سمجهندي، ٻن سالن ۾ ئي وڃي سائين سان ملن ٿيون تہ جيئن وري ٻيءِ دنيا ۾ وڃي سائين سان گڏ ٿين. پر افسوس جو اسان جي سماج ۾ معاشري جي بندش ڪري آخر ۾ جيجي کي سائين جي پير ۾ بہ نہ ٿو رکيو وڃي، ڇو جو روايتن مطابق زنانو قبرستان الڳ آهي، پوءِ سوچيان ٿو تہ سائين ڇو هڪ عورت (جيجي) کي پنهنجي مشن جي سرانجاميءَ جو ڪارڻ سمجهيو؟

**سيد ضيا شاهہ**

پهريون ڇاپو

# پيش لفظ

ڊاڪٽر دُرِ شهوار سيد، سنڌ جي اُها باوقار حوصلہ مند ۽ ساڃاهہ ـ وان نياڻي هئي، جنهن نہ رڳو پنهنجي خاندان جو پر سموريءَ سنڌ جو سنڌ ۾ ۽ سنڌ کان ٻاهر، نالو روشن ڪيو. هُن جو والد محترم سنڌ جي اُها عزت لائق شخصيت هو جنهن جو جديد سنڌ ۽ اُن جي جديد قومي شعور جي تعمير ۾ لازوال ڪردار هو.

ڊاڪٽر دُرِ شهوار سيد، پنهنجي والد جي تربيت هيٺ رهي، انهن جي سڀاڄهائپ ۽ سادگي، سيرت ۽ ڪردار واري بلندي ۽ علم ۽ عملِ وارا گڻ حاصل ڪري، سچ پچ پاڻ کي سنڌ جي سرزمين جي هڪ مثالي گڻوان، سڀاڄهي ۽ عالم عورت ثابت ڪيو.

باوجود خانداني رسمن جي قيد ۾ جڪڙيل سماج جي رڪاوٽن جي، هِن سدوريءَ ۽ سلڇڻي نياڻيءَ، صرف ۽ صرف پنهنجي والد محترم جي محبت، رهبريءَ ۽ ساٿ سان، سنڌ يونيورسٽيءَ کان ڏورانهين انگلينڊ جي سسيڪس يونيورسٽيءَ تائين جو علمي سفر طيءِ ڪيو ۽ وڏيءَ محنت، اورچائيءَ ۽ همت سان پيءُ جي خواهش جو احترام رکندي، سنڌ جي صوفين جي عالمي پيغام "Universal Message of Sufis of Sindh" جهڙي هڪ دلپذير ۽ اعليٰ موضوع جو انتخاب ڪيو ۽ سالن جي پورهئي ۽ ڏاڪٽرن ۽ علمي وسيلن ۽ خود پڙهڻ جي محدوديت جي باوجود، سنڌ جي اُن "پهرينءَ نياڻيءَ هئڻ" جو شرف حاصل ڪيو جنهن شاهہ لطيف جي فڪر عظيم ذريعي سنڌ جي صوفين جي جامع پيغام تي ڊاڪٽريٽ جي مُستَنِد ۽ مُعتبر ڊگري حاصل ڪئي.

لائق پيءُ ۽ سدوريءَ ڌيءَ جي خطن جي هِن مجموعي جي مطالعي سان لائق پڙهندڙ بخوبي محسوس ۽ معلوم ڪري وٺندا تہ سنڌ جي هن پُر عزم نياڻيءَ، پنهنجي علم جي تڪميل لاءِ، ڪيڏي نہ جاکوڙ ۽ ذهن جي ڪيڏيءَ نہ يڪسُوئيءَ ۽ همہ گيريت کان ڪم ورتو آهي. مختلف ادارن ۾ داخلا جا

ڏکيا مرحلا، استادن ۽ علمي رهبرن (Guides) جي علمي فيض جو استفادو
چڱيل ۽ اڻ چڱيل ڪتابن ۽ دستاويزن جي تلاش ۽ انهن جو تفصيلي ۽
باريڪ مطالعو مختلف ٻولين جي ڄاڻ جي حاصلات، ۽ تصوف، ويدانت ۽
يورپ جي Mysticism بابت، مذهبن ۽ فلسفن جي اڀياس، ايم اي، ايم فل ۽
پي ايچ ڊي جي علمي ۽ مطالعاتي تقاضائن جو پوراٿو ـ اِهي ڏکيا ۽ اٽاو لڪ
هئا، جيڪي سَنَ جهڙي ڪُندائتي ڳوٺڙي ۽ پيراٿي / سَيّداڻي گهر جي
نياڻيءَ کي نہ رڳو لنگهڻا پيا، پر، سنڌيءَ جي مقبول محاوري موجب، ”تَڪر
ٽاڪڻا“ پيا. اُن سڄي سفر ۾ جيڪا رهنمائي سيد اعظم سائين جي ايم
سيد، پنهنجي نياڻيءَ جي ڪئي، سا سچ پچ تہ والدين لاءِ هڪ سبق ۽ هڪ
مثال آهي.

جيجي دُرشهوار جا هي سادا، ناهہ نوهہ کان آجا، بنهہ گهريلو ۽
پنهنجائپ وارا خط پڙهي، جتي هِن پختي عزم ۽ ارادي واريءَ نياڻيءَ جي
مستقل مزاجيءَ کان متاثر ٿيڻو پوي ٿو اُتي علم جي راهہ ۾ رڪاوٽن جي
ڄاڻ پڻ ملي ٿي، ۽ اُتي اسان جي ملڪ جي ادارن، استادن ۽ شاگردن جي
ابترحال جو نقشو بہ اسان جي اکين آڏو ترِي اچي ٿو ۽ معلوم ٿئي ٿو تہ منزل
جي حاصلات لاءِ رڳو جذباتيت ۽ هلڪي نعري بازي ضروري نہ آهي، پر اُن
لاءِ اولُ العزميءَ، ڄاڻ، ۽ محنت ۽ خالص محنت جي ضرورت آهي.

اسان جي هن مانيٽي ۽ معصوم شخصيت جي مالڪ نياڻيءَ جا هي
خط اُنهن شاگردن لاءِ سچ پچ گائيڊ ـ بُڪ جي حيثيت رکن ٿا، جيڪي علم
جي حاصلات لاءِ پرڏيهہ پڙهڻ جا خواهشمند آهن. ڊاڪٽريٽ جون ڊگريون
تہ سنڌ ۾ سوين ماڻهن حاصل ڪيون هونديون، پر ٻاهرينءَ دنيا ۾ علم جي
ڊاڪٽر ٿيڻ لاءِ جنهن ذهني وِلوڙ ۽ جسماني پورهئي ۽ جنهن رولڙي ۽
ويچارپ مان ماڻهوءَ کي گذرڻو پوي ٿو اُن لاءِ جنهن متوازن خود اعتماديءَ ۽
باوقار خودداريءَ سان حالتن کي مُنهن ڏيڻو پوي ٿو اُن جو سچو پچو نقشو
هِنن خطن ۾ موجود آهي.

هِن مجموعي جو پهريون خط، جيڪو مادر علمي سنڌ يونيورسٽي،
ڄامشوري، مان 28 نومبر 1972ع تي، يعني اڄ کان پورا 26 سال اڳ، جِي
جِيَ دُرشهوار پنهنجي والد محترم کي لکيو هو اُهو خط پڙهي، محسوس ٿئي

تو تہ اسان جي استادن ۽ شاگردن جو معيار ۽ ذهني سطح اڄ بہ اُتي ئي بيٺي آهي ـ خط ۾ لکي ٿي:

"انهن نوجوانن جو ذهن ڪڏهن بالغ ٿيندو ڪجهہ چئي نٿو سگهجي. ڪهڙي مُنهن سان هِنن ۾ اميدون رکجن. جيڪي سڄو سالُ ڪلاسن جو مُنهن ڪونہ ڏسن. امتحان ۾ استادن کي ريوالور ڏيکاري، ڌمڪيون ڏئي، آرام سان ڪاپي ڪري، پوزيشن کڻن ۽ فرسٽ ڪلاس پاس ٿين! پوءِ انهن جي قابليت جو اندازو خود لڳائي سگهون ٿا. اِنهيءَ جي باوجود افعالن جا سنا هجن تہ بہ چڱو!

"ٻئي طرف استاد هر حالت ۾ پنهنجي دقيانوسي عقيدا شاگردن تي مڙهڻ جي ڪوشش ۾ آهن! جيڪو نہ مڃين، تہ ڊگريءَ تان هٿ کڻي ـ جيئن 14 سالن کان پوءِ مس مس وڃي الانا صاحب کي ڊگري ملي آهي! جن جي نظر ۾ ڊرتيءَ سان محبت ۽ ڌرتيءَ جي ساراهہ ڪفر آهي، ۽ ٻئي طرف Virtues (نيڪيون) صرف ۽ صرف مسلمانن جي ميراث آهن. جيڪي ٻئي ڪنهن بہ مذهب جي پوئلڳن ۾ ٿي نٿيون سگهن! سواءِ سندن گروهہ جي ملن جي، ٻيا هنن جي نظر ۾ سڀ پتڪيل آهن! تعليم نہ ٿي، هڪ تماشو ٿيو. اهڙن استادن ۽ شاگردن سان گڏ ڪم ڪرڻ لاءِ يا هنن جهڙو ٿيڻو پوي يا چريِن جي اسپتال ۾ اڳ ئي روم رزرو ڪرائي ڇڏجي!"

ڇا اڄ بہ ساڳي حالت نہ آهي؟ استاد مارون کائين پيا. تعليمي ادارن ۽ هاسٽلن کي چوڌاري ديوارين ڏئي جيل خانو بڻايو ويو آهي. شاگردن ۽ استادن کان رينجرس ۽ پوليس وارا تلاشي وٺي، پوءِ کين اندر داخل ٿيڻ ڏين ٿا! جتي تعليم جي محافظ رينجرس ۽ پوليس هجي، استاد شاگردن کان ڊڄن، ۽ شاگرد پنهنجن هيڏن تي آڪرا ۽ پروان ڏاڍن جا غلام هجن، اُتي تعليم جو معيار ڪيئن بلند ٿيندو! جتي درسگاهن ۾ آزاد سوچ اختيار ڪرڻ جو حق نہ هوندو، تہ ڪٿر پنٿي استادَ لائق ۽ ذهين شاگردن کي لازمي طرح 14 سالن ۾ ڊگريون ڏيندا، ۽ چاپلوس ۽ "تون مون کي حاجي چئہ، مان توکي قاضي چوان" قسم جي شاگردن کي ٻن ٽن سالن اندر ڊگريون ملي وينديون، ۽ پوءِ ڊگرين جي پرڻ وارا ڊاڪٽر جيڪو ذهني علاجُ هِن ابوجهہ ۽ وهمن ۾ ورتل غلام قوم جو ڪندا، اُن جي نتيجي کان باخبر آهيون.

اهڙيءَ طرح ڄڃي جي دُرشهوار علم جي حاصلات لاءِ جڏهن پرڏيهه لاءِ اُسهي هئي، ته هن جو مطمع نظر صرف ڊگري نه هو پر هُن جو مقصد علم جي حاصلات هئي، پوءِ اُهو علم انگليند ۾ ملي يا ايران ۾، آمريڪا ۾ ملي يا انڊيا ۾. هر هنڌ هُن ڪوشش ڪئي، ۽ پنهنجي وسيع النظر، وسيع القلب ۽ عالم والد کان وک وک تي رهنمائي حاصل ڪئي، ۽ جڏهن علم حاصل ڪري موٽي، ته مانَ ۽ مريادا سان ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ اچي استاد ٿي. ولايت ۾ تعليم دوران تصوف ۽ شريعتي مذهبن جي تقابلي جهڙي وسيع ۽ گنجلڪ موضوع جي اُڃياس لاءِ هِن ذهين، حساس ۽ باصلاحيت نياڻيءَ کي کهڙيءَ طرح لائبريرين ۾ پيٽيون پيون، ڪهڙن ڪهڙن استادن جي ليڪچرن ۾ شريڪ ٿيڻو پيو اُن جو سچو نقشو هِنن خطن مان ملي وڃي ٿو. پر باوجود اُن جي سندس ڄاڻ اڌوري ۽ تشنه رهجي وڃي ٿي، ته پنهنجي عالم پيءُ کان خطن ذريعي رهنمائي حاصل ڪري ٿي، ۽ سندس باڄهارو محسن، عظيم پيءُ هڪ ماهر استاد بڻجي، سندس رهنمائي ڪري ٿو ۽ ڪيس سمجهائي ٿو ته ڪيس ڪهڙا ڪهڙا ڪتاب پڙهڻ گهرجن. اِن مان سائين جي ايم سيد جي علمي برتريءَ ۽ وسيع مطالعي جي ڄاڻ پوي ٿي ته جتي انگليند جا قابل استاد درشهوار جي رهنمائي ڪرڻ ۾ قاصر رهن ٿا، اُتي سائين جي ايم سيد ڄڃي جيءَ جي نه رڳو رهنمائي ڪري ٿو پر ڪيس گهربل ڪتاب هِتان هُتان هٿ ڪري موڪلي ٿو. ائين ڄڻ ته اسان جي هيءَ سُلڇڻي ۽ محنتي نياڻي تطرفو علم، يعني ذاتي مطالعي، استادن جي رهبريءَ ۽ والد جي سڪيا وسيلي، حاصل ڪري ٿي. اِن مان ڄاڻ پوي ٿي ته اسان جي ملڪ ۾ ڊگري وٺڻ ڪيتري آسان آهي ۽ ٻاهر ڪيتري مشڪل ۽ ڏکي آهي!

هِنن خطن مان دُرشهوار جو پنهنجي والد بزرگوار لاءِ جيڪو احترام ۽ پيار جهلڪي ٿو اُهو مثالي آهي، هڪ ڀيري سائين جي ايم سيد تي ڪنهن نامراد خوني حملو ڪيو هو ۽ سائين خوش قسمتيءَ سان بچي ويو هو ۽ اِها خبر پرڏيهه ۾ اخبار ذريعي پهتي ته ڄڃي جيءَ جي جذباتي ڪيفيت ڪهڙي ٿي، اُن جو اندازو سندس خط جي هِن اقتباس مان ٿئي ٿو:

”لنڊن جي اخبار .... ۾ خبر شايع ٿي ته ويرين توهان تي وار ڪري پنهنجي وير ۽ ذلالت جو مظاهرو ڪيو!

چڱــا ڪــن چڱــائيون، مَنـــايون مُـــٽن،
جـو ورُ جُـڙي جـن سـين سـي وڙُسـي ئـي ڪـن!.

خبر پڙهڻ کان پوءِ سمجهه ۾ نہ پئي آيو تہ مون کي روئڻ کپي يا توهان کي نئين زندگي ملڻ تي کلڻ ۽ خوشيون ڪرڻ! پهرين خيال آيم تہ شايد خدا سائينءَ کي اسان ڏيئرن جي حال تي رحم اچي ويو. وري سوچيم تہ اِها منهنجي ڪوتاهہ نظري ۽ خود غرضي ٿيندي، جو اِهو سوچيان! ورنہ توهان جي زندگي تہ سنڌ ۽ سنڌي قوم لاءِ ايتري ئي اهم آهي جيتري اسان لاءِ ـ جن جي طرفان ۽ جن جي خاطر توهان ڪيترين نہ تڪليفون برداشت ڪندا آهيو!" (12 فيبروري 1976ع)

هِنن خطن مان جتي درشهوار جو پنهنجي والد لاءِ بي انتها پيار ۽ احترام جهلڪي ٿو، اُتي سائين جي ايم سيد جو پنهنجي نياڻيءَ لاءِ اٿاهہ محبت ۽ رهبرانہ رَوَيو بہ ايري اچي ٿو. جڏهن درشهوار پنهنجي ماءُ جي وفات تي پريشان ٿي وجي ٿي تہ ڪيس اُن ڏک برداشت ڪرڻ لاءِ جيڪو عالمانہ خط لکن ٿا، سو پڙهڻ جهڙو آهي ـ

"زندگي هڪ روشنيءَ جي جهلڪ وانگر آهي، جڏهن ڏيو يا بتي وسامي ٿي تہ چڻ هئي ڪانہ. اهي ڏک ۽ ارمان سڀ ائسوسيئيشن جي ڪارڻ آهن، جي زندگيءَ جي سمورن دکن جو ڪارڻ ٿين ٿا. مهاتما گوتم بہ اهڙيون حالتون ڏسي ۽ اُن سان، جي دک پيدا ٿين تن مان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ لاءِ ورهين جا ورهيہ بن ۾ رهي، ڌيان ۽ فڪر بعد، زندگيءَ جي اسرار کان واقف ٿيو هو جنهن بعد کيس معلوم ٿيو تہ دک سڀ لاڳاپن جي ڪارڻ پيدا ٿين ٿا. اُنهن جي چار مان آزادي حاصل ڪرڻ صحيح علم جو مقصد آهي، جنهن کي ٻُڌي سڏيو اٿن. توکي فلسفہ روح مذهب جي پڙهڻ لاءِ اِن ڪري موڪليو اٿم تہ تون اُن نِروان جي راز کان واقف ٿين، "بيدل" سائين فرمائي ٿو:

ســـــڪ رمـــــز وجـــــود وچـــــاوڻ دي
نهـــين حاجـــت پـــڙهڻ پڙهـــا وڻ دي

هاڻ، جي تون، جنهن کي علم حقيقي يا روحاني رمزون معلوم ڪري، ماڻهن کي ان مان واقف ڪرڻ لاءِ موڪليو اٿم، سا لاڳاپن جو شڪار ٿي، دک جي انتها جو اِئين اظهار ڪنديءَ، تہ اسان جو ڪهڙو حال ٿيندو؟ ....... توکي ٻڌ، مهاوير، ڪرشن، محمد صلعم، رومي، شاهہ لطيف ۽ سچل جي علمن جو ڪسٽوڊين (محافظ Custodian) ٿيڻ لاءِ چيل آهي. جي تو بہ ڪمزوري ڏيکاري تہ هيڏي ساري سنڌي قوم جو ڪهڙو حال ٿيندو جي دکن ۽ دردن ۾ پيڙجي رهيا آهن!" (12_1_1976).

ان کان اڳي، 30 ڊسمبر 1976ع جي خط ۾ مرحومہ جي ذاتي عظمت ۽ حرمت جو ذڪر ڪندي، پنهنجيءَ ڏکياريءَ ڌيءَ کي آٿت ٿا ڏين:

"........ ماڻهين وڏي خوش قسمت عورت هئي، جنهن تي موتيءَ جا داڻا ڏيئون، بہ صالح فرزند ۽ 17 پوٽا ۽ پوٽيون ڇڏي، سک کي لتون هڻندي، چڙهندي سج، جيئن هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيو سهاڳڻ ٿي گذري. اسان سيني صبر ۽ تحمل سان اِهو صدمو برداشت ڪيو آهي. تون بہ اميد تہ اهڙيءَ طرح Stoical fortitude (صبر جميل) سان ان کي برداشت ڪنديءَ...."

هيءَ سنڌ جي بي بها ۽ بي بدل نياڻي، سنڌ جو وڏو اثاثو (Asset) هئي. هن جي پي ايچ ڊيءَ جي ٿيسز جي اهميت محسوس ڪندي، سنڌي ادبي بورڊ اُن کي انگريزيءَ ۾ ڇپايو ۽ اُن جو اردو ترجمو پڻ تازو ڇپجي چڪو آهي.

جي ڄي درشهوار جي ڪمِٽمينٽ (سِرَ سيتائيءَ) محنت ۽ اورچائيءَ جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ پاڻ ٽن سالن لاءِ لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽيءَ جي چيئر پرسن ٿي، تہ اُن مختصر عرصي ۾ ڪيڏو نہ معيار جو ڪم ڪري ڏيکاريائين. اُن جو ثبوت سندس هينئن سهيڙيل ۽ شايع ڪيل ڪتابن مان ملي ٿو:

(1) شاهہ لطيف ۽ سنڌي موسيقي
(2) شاهہ لطيف تي تحقيق
(3) شاهہ لطيف بابت ببليو گرافي
(4) شاهہ جو رسالو (ٽئن زبانن ۾) جلد 1
(5) ڪشف الابيات (ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي سهيڙيل

ڪتاب جي تدوين)

(6) تحقيق جو طريقيڪار

هِن اعليٰ پايي جي محقق ۽ عالم خاتونءَ جا سمورا خط، جيڪي هُن پنهنجي والد محترم ڏانهن لکيا، ۽ سندن والد جي سمورن جوابي خطن کي جيڪڏهن مڪمل صورت ۾ ترتيب ڏئي ڇپائجي ها، ته اسان کي اجا وڌيڪ حاصلات ٿئي ها. مون کي پڪ آهي، سندس بقايا خطَ به وڏو اثاثو آهن، جن جو ڇپجڻ به ضروري آهي. ”نهروءَ جا ڌيءَ ڏانهن خطَ“ ۽ ”پِتي جا بينظير ڏانهن خط“ به تاريخي حيثيت رکن ٿا. پر هِنن خطن جي نوعيت ۽ اهميت نرالي آهي، ڇو ته هي خط به طرفا آهن. يعني ڌيءَ جا پيءُ ڏي خط ۽ پيءُ جا ڌيءَ ڏي خط ـ اِن ڪري هِنن خطن جي اهميت ۽ افاديت پيٽي آهي. هي خطَ سنڌي زبان ۾ خط نويسيءَ جو هڪ منفرد ۽ نادر نمونو آهن، جن جي اپياس مان زندگيءَ جي مختلف شعبن سان واسطو رکندڙن کي رهنمائي ۽ رهبري ملي سگهي ٿي.

آخر ۾ سائين جي ايم سيد جا هي پيار ڀريا دعائيہ ۽ اعترافي لفظ اسان جي هن بيِ بدل نياڻيءَ لاءِ وڏ ۾ وڏ خراج به آهن ته ”تنهنجي تعليم جي ڪاميابي منهنجي زندگيءَ جي مِشن جي سرانجاميءَ جو واڌارو آهي!“ سائينءَ جي مِشَن جي وارثِ هن سنڌ جي سدوريءَ نياڻيءَ جا هي خط سچ پچ ته اسان لاءِ اِن لحاظ کان به وڏي وٿ آهن.

**محمد ابراهيم جويو**

حيدرآباد سنڌ
10 آگسٽ 1998ع

## 24 ـ ڏونگر سي ڏورينديون

ڪراچي
5 نومبر 1965

خوش هجو.
قبله گاه بابا صاحب

اسلام عليڪم.

توهان جو خط پهتو، احوال معلوم ٿيو. توهان جي طبيعت خراب هئڻ جو ٻڌي گهڻو خيال ٿي پيو آهي. خدا ڪندو ته هن وقت تائين توهان جي طبيعت نيڪ ٿي وئي هوندي.

حاجي دائود• اسان کي ٽڏهن فون تي چيو ته پئسا گهرائي وٺو سو صبح جو گهرائي ورتاسون سندس ڪوٺيءَ تان.

گذريل سال کان هن سال ڪاليج جو ڪم ٻيڻ تي وڌي ويو آهي. هر مهيني 5 ٽيسٽون ۽ 5 ٽيوٽوريل ٿا ٿين. انهيءَ ڪري سڄو مهينو محنت ڪرڻي ٿي پوي. ڪتابن جي ڪجهه تڪليف آهي، جو ولائت جا ڪتاب هٿ ملن ڪونه ٿا. اسان جي لائبريريءَ ۾ هڪ يا ٻه ڪاپيون مس آهن، جن تان نوٽس ناهڻا آهن. ادا چيو ته ولائت مان گهرائي ڏيندوسانءِ، سو ٻه اچا ته شايد ڪير ڪونه ٿو وٺي، جنهن کي چئي.

بابا مون کي جنرل سوال مليو آهي، فلاسافيءَ ۾. جنهن لاءِ پورو مواد ته ڪنهن به ڪتاب مان ملڻ ناممڪن آهي. جيئن ته مون کي به نئون Subject آهي، تنهن ڪري Satisfactory جواب ڪونه ٿيندو. سوال لکي رهي آهيان، مهرباني ڪري ڪجهه نڪتا ٻڌائيندا، ته سوال پورو ڪري، 13 تاريخ ڏيڻو آهي. سوال هي آهي.

Is ethics worth while? If so, why?

توهان جي ڌيءَ
درشهوار

---

• حاجي داؤد ميمڻ اصل سن جو ۽ حيدرآباد ۾ ڪاروبار اٿس

ڪراچي
2.9.67

خوش هجو.
قبلہ گاه پيارا بابا صاحب

اسلام عليڪم.

عرض تہ جيئن سن مان آئي آهيان تہ بيڪار ويٺي آهيان. نہ داخلا جو ڪجهہ ٿيو آهي نہ رزلٽ جو. بس اها خبر پئي آهي تہ داخلا شروع آهي ۽ رزلٽ هن هفتي نڪرندو. داخلا ڪرايان پر ڪير ڪرائي ڏي. چاچي بہ اڄ ڪلهہ لاهور ويل آهي. ڪندي تہ ڪم ڪانہ آهي، پر وري بہ چوانس ها. چاچي (سيد غلام مصطفيٰ شاهہ) کي توهان منهنجو رول نمبر ڏنو هو پر اهو بہ جلد لاهور ويو سو چئي نٿو سگهجي تہ ڪا چٺو چواءِ ڪري سگهيو هجي. وري بہ جيئن خدا کي منظور هوندو. نتيجو نڪري تہ پوءِ داخلا جو فڪر ڪريان. پر ڊپ اهو آهي تہ داخلا بند نہ ٿي وڃي.

ادا ننڍو (سيد امام محمد شاهہ) بہ اتهين آيو. پئي ڏينهن ڪورٽ مان آيو ۽ اسريو نوابشاهہ. نہ پاڻ ڪا داخلا وغيره جي باري ۾ مون کان پڇيائين، نہ مون چيس. ادا وڏو نہ ڪم ڪندو نہ ميار اٿس. باقي پراين کي ٿيون منٿون ڪرڻيون. اديءَ رضيہ کي فون تي چيم تہ چيائين تہ منهنجي بدلي ملير ٿي آهي، سو هلي ڪانہ سگهنديس. باقي تون خود وڃي يونيورسٽيءَ ۾ فارم وٺي پري اڄ. هڪ تہ منهنجي نہ يونيورسٽي ڏٺل، نہ ڪا واقفيت. ڪٿي ۽ ڪهڙي ڊپارٽمينٽ ۾ وڃان ۽ ڪنهن کي چوان. پيو تہ هت هر هنڌ influence جي ضرورت ٿي پيش اچي.

نہ تہ بہ يونيورسٽيءَ سان واقفيت واري ڪا پهر گڏ هجي، تہ بہ ڪٿي گڏ وڃان. بهرحال اڃان نتيجي جو انتظار ٿي ڪريان. تيسين توهان لکو تہ ڇا ڪريان، ڪنهن کي چوان. توهان آزاد هجو تہ ڪنهن جي ڪاڻ ڪيڏي نہ پوي.

توهان جي ڌيءَ
درشهوار

ڪراچي
12.9.67

خوش هجو.
قبلہ گاه پيارا بابا صاحب

السلام عليڪم.

توهان جي پهرين خطن جو جواب ٽپال رستي موڪليم. وري ٽيون ڏينهن ادا وڏي هٿان خط مليو.

جيئن ته اڳي لکيو هوم ته فارم وٺي آيس. اڄ خيال هئم ته پرنسپل ڪاليج (اسان واري ڪاليج) جو Character سرٽيفڪيٽ ڪپي ۾ صحيح ڪرائي فارم ڏئي، داخلا وٺي اچان يونيورسٽيءَ مان. پر ڪلهہ ادا وڏي (سيد امير حيدر شاهہ) مون کان پڇيو ته داخلا تو ورتي. مون چيو ته فارم آندو اٿم، سياڻي پري داخلا وٺنديس، ته چيائين ته بابا سان انهيءَ باري ۾ مون ڳالهايو ته يونيورسٽيءَ ۾ Co_education آهي، اتي پڙهڻ نيڪ نہ ٿيندو تنهن ڪري Home Economics ڪٽي، ته بابا چيو ته تون وڃي سمجهائينس ته ائين ڪري. تنهن تي مون چيو ته سمجهائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. بابا جي اها مرضي آهي ته مون کي ڪهڙو اعتراض ٿي سگهي ٿو. پر مون ميٽرڪ کان اهو ڪم ڪونہ ڪنيو آهي، سو هڪ ته مون کي ڪٽندا ڪونہ، ٻيو ڇهن سالن جو ڪم ٻن سالن ۾ مون کان ڪيئن ٿي سگهندو. تنهن تي چيائين ته "امداد" ڪيئن وڪالت ڪئي. ٿي ويندو بشرطيڪہ تون تيار هجين. ٻيو ته فلاسفي ٿي ڪٽين، سو اها پڙهڻ کان پوءِ انسان "گدوءَ" جي وڃڻ جو لائق ٿو ٿئي وغيره. مون چيو توهان جي مرضي. پيارا بابا! پاڙهڻ بہ مون کي توهان وهاريو. تنهن وقت بہ مخالفت ٿي، پر مون کي ان وقت جو پورو احساس ننڍيءَ عمر ڪري نہ پئجي سگهيو. هاڻ وري اهو سوال اٿيو آهي. جي توهان جي مرضي هجي ته تعليم ڇا، آئون ساهہ بہ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. باقي Home Economics مون کان ڪانہ ٿيندي. تنهن کان ڇونہ اتي توهان وٽ اچي سکان، ڇو جو توهان جي لکيل ڪتابن مان، مون جيڪو ڪجهہ معلوم ڪيو آهي، سو آئون 14 سال اسڪولَ ۽ ڪاليج ۾ بہ حاصل ڪري نہ سگهيس. توهان جي مرضيءَ مطابق مون فلاسفي ۽ تاريخ، ڏکئي ۾ ڏکيا ڪم

ڪنيا، جيڪي توهان جهڙا Genius ٿي ڪٿي سگهن ٿا. پر اهي سڀ ڳالهيون سمجهندي ۽ پنهنجي ڪمزور دماغ جي باوجود، مون اهي ڪم ڪنيا ۽ آهستي آهستي مون کي به دلچسپي ٿيڻ لڳي ۽ پڙهڻ شروع ڪيم. ۽ توهان جي اعليٰ دماغ ڪري صرف توهان جي پيروسي تي، اڳتي پڙهڻ لاءِ تصور ۾ اميدن جا محل اڏڻ لڳيس. هاڻ وري به توهان جيڪو حڪم ڏيو ائين ڪريان.

اجان ته نتيجو ڪونه نڪتو آهي. خدا جي خبر نه آهي ته ڪهڙي مرضي آهي، باقي ماڻهن جي مرضي ڏسجي پئي. بابا توهان اسان کي حد کان وڌيڪ پيار ڏني، تمام حساس طبيعت جو ڪري چڙيو آهي، تنهن ڪري ذرو به برداشت نٿا ڪري سگهون. خط ته تمام ڏکهو لکيو هوم، پر اهو ڦاڙي وري لکيو اٿم. ڇو جو گهٽي ڳالهائڻ ۾ انسان جذباتي ٿي اهو ڪجهه لکيو وڃي، جيڪو نه ڇوڙڻ گهرجي.

توهان اميد ته خوش هوندا. ياڪر قبول ڪندا.

توهان جي ڌيءُ

درشهوار

ڪراچي
17 نومبر 67

قبلہ گاه پيارا بابا صاحب

السلا عليڪم.

عرض تہ اسان جي پڙهائي شروع ٿي وئي آهي، پر اڃان تائين ڪتاب صرف هڪ مليو آهي. ضروري ڪتاب ڪُل 15 ونڻا آهن. پر ڪراچيءَ ۾ ڪٿي بہ نٿا ملن. هڪ ڪتاب "مسلم فلاسافيءَ" جي ملڻ جو ڪجهہ امڪان آهي. پروفيسر صاحب دڪان جو نالو ٻڌايو آهي، پر قيمت اٽس (بہ جلد) 300 رپيا. سو پڇا ڪانہ ڪرائي اٿم. انهي ڪري جو پئسا ڪونہ آهن. توهان چيو تہ ڳوٺ وڃي پئسن جو بندوبست ڪندا، پر اڃان ڪجهہ نہ ٿيو آهي. مون ۾ ٻارن فيس بہ ڪانہ ڏني آهي.

تنهن ڪان سواءِ گهر جي خرچ لاءِ هن وقت صرف 20 روپيا پيا آهن. اديءَ کي اڳي خط لکڻ لاءِ چيم، پر هوءَ بہ ٻارن ۾ مصروف آهي.

منهنجا هاڻ 3 بجي تائين ڪلاس ٿيندا آهن. پوءِ ٽپال جو وقت نڪريو وڃي. اڄ شب برات جي موڪل آهي.

هن وقت فلاسافيءَ ۾ نوَ (9) شاگرد ٿيا آهيون. انهن ۾ چار ڇوڪريون آهيون. پر هڪ ڇڏي وئي. هڪ 50 سال عمر جو شاگرد آهي، ٻي ڳالهہ تہ بابا منهنجون مارڪون نڪتيون آهن. تاريخ ۾ صفا خراب مارڪون نڪتيون آهن، حالانڪہ اُهي ٻئي منهنجا پيپر سٺا ٿيا هئا ۽ ڊپ خالي Logic جو هئم. پر جي تاريخ ۾ سٺيون مارڪون ملن ها تہ ڊويزن ڪانہ وڃي ها. اڳي ادا وڏي مارڪون ڪيدائي ڏنيون هيون. هن دفعي پيپرن جي جانچ ڪرائجي تہ وري مٿائي تہ ڪونہ ڇڏيا اٿن. پر ادا وڏو اڄ ڪلهہ يونيورسٽيءَ تان ناراض آهي، سو ڪم ڪونہ ڪندو. Metaphysics ۾ فرسٽ ڊويزن مارڪون آهن. لاجڪ جي خبر هيم، پر تاريخ ۾ الائجي ڇو گهٽ مليون آهن.

بابا توهان چيو هو تہ ڪتاب ڪٽان ٻاهران گهرائي ڏيندا. سو هاڻ جڏهن ڪنهن کي ڇئجي تڏهن وقت تي پهچن. مئي ۾ امتحان ٿيندو. انهن ڇهن مهينن ۾ سڀ ڪتاب پڙهڻا آهن. سو ڪتاب اچن تہ شروع ڪريان.

زياده خير

توهان جي ڏيءَ

درشهوار

ڪراچي
2.9.68

قبلہ گاه پيارا بابا صاحب

السلام عليڪم.

عرض تہ يونيورسٽي کلي وئي آهي. 26 آگسٽ کان قاعدي موجب ڪلاس ٿيڻا هئا، پر روز هڪ پيرڊ مس ٿو ٿئي. پيو وقت اجايو برباد ٿيو وڃي انتظار ۾. سواءِ هڪ ٻن جي. نہ استادن ۾ ذميداريءَ جو احساس آهي ۽ نہ ئي شاگرد دلچسپي ٿا وٺن. گذريل سال بہ ائين گذري ويو. هاڻ هي آخري سال آهي، پر اجان تہ ڪو حال ڪونہ ٿو ڏسجي. ڏهن شاگردن مان، حاضر ڪڏهن ڪڏهن چار آهن. استادن جي لاغرضائيءَ تي ڪجهہ زبان ٿا کوليون تہ ڪامياب ٿيڻ تان هٿ ٿو کڻڻو پوي، تنهن ڪري سڀ چپ آهن. ايم اي فائنل وارن شاگردن ٻڌايو تہ اڳي ڪن شاگردن استادن جي بي پرواهيءَ تي ڪجهہ چيو تہ، ذهين شاگردن کي ناڪاميءَ جو منهن ڏسڻو پيو. تنهن ڪري بهتر اهو آهي تہ خاموشيءَ سان پنهنجي محنت ڪريو استادن ۾ اميد رکڻ اجائي آهي.

باقي جيڪي ايماندار آهن، انهن کي دٻايو پيو وڃي. ڊاڪٽر رشيد صاحب جيڪي توهان سان ملڻ آيا هئا، انهن اهڙي ڪجهہ بي ايماني ڏسي وائيس چانسلر کي اطلاع ڏنو پر نتيجو اهو نڪتو تہ کيس يونيورسٽيءَ مان ڪڍي ڇڏيائون. حالانڪہ فلاسافي آنرري طور پڙهائيندا هئا، بغير پگهار جي. جرمن پڙهائڻ جو پگهار ملندو هون. هاڻ کيس پيو هلين. توهان مون کي فلاسافي آف مذهب کڻڻ لاءِ پيو هو. ريگيولر شاگرد صرف 5 آهيون. جن جي مرضيءَ تي Optional Subject رکيا ويندا. شاگرد ٿورن هئڻ ڪري ڊپارٽمينٽ جي مهندار (هيڊ) جو چوڻ آهي تہ ستن آپشنل ڪمن مان گهٽو ڪري هڪ، نہ تہ لاچار بہ رکڻا پوندا. ۽ ٻيا چار سبجيڪٽ Compulsory جدا آهن. مون فلاسافي آف مذهب کڻڻ لاءِ چيو آهي، ٻيا سڀ ڊاڪٽر اقبال ٿا کڻن. مون کي بہ استادن چيو تہ تون بہ سڀن سان گڏ اقبال کڻ، مون چيو تہ اسان اقبال کي فلاسافر ئي نٿا تسليم ڪريون، پوءِ فلاسافي انهيءَ جي ڪيئن پڙهون. جنهن تي چيائون، تون تہ مرضيءَ واري آهين. ريگيولر شاگرد

هئڻ جي حيثيت ڪري شايد منهنجو ٻه سبجيڪٽ رکڻو پوين. پر اُن ۾ ٻه هڪ مشڪل آهي ته اهو سبجيڪٽ ڊاڪٽر منظور احمد يعني انهيءَ ساڳي استاد جي ذمي آهي، جنهن کي گذريل سال ٻه سبجيڪٽ مليل هئا ۽ هفتي ۾ ٻارهن پيرڊ هئڻ جي باوجوُد هفتي ۾ مشڪل سان هڪ يا ٻه ڪلاس وٺندا هئا. سو ٻه 50 منٽن جي بدلي 15ـ 20 منٽ مس ليڪچر ملندو هئو. جنهن ڪري هڪ سبجيڪٽ ڏهن ئي شاگردن جو رهجي ويو. جنهن ۾ استاد سان گڏ اسان جو ٻه ڏوهه آهي، جو هن جي بي پرواهيءَ تي اسان ٻه اهڙو رويو اختيار ڪيو. جو هڪ پيپر جي ته خود تياري ڪري ڏنوسون، پر ٻيو ڇڏي ڏنوسون. پر هن کي ڪا پرواهه ڪانه آهي، نه ئي ڪو پڇڻ وارو اٿس ته شاگردن پيپر ڇو ڪونه ڏنو؟ هاڻ هن سال 5 پيپر هن سال جا ۽ هڪ گذريل سال جو ٻه ڏيڻو آهي، جنهن ۾ Self Study ڪرڻي پوندي ۽ جي هي سبجيڪٽ ٻه ڪنيم ته خود ڪرڻو پوندو. پر اقبال ٻه نٿي ڪڻڻ گهران. ڪيترو سوچڻ جي باوجود ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڇا ڪريان. هاڻ توهان ئي ٻڌايو ته ڇا ڪٽان. هن هفتي اندر پڙهائي شروع ٿيندي، تنهن ڪري توهان پنهنجو مشورو ڪجهه جلد موڪليندا، ته انهيءَ تي عمل ڪريان. توهان هت هجو ته توهان وٽ ئي ڪٽي ڪجهه پڙهان. سمجهه ۾ نٿو اچيَ ڇا ڪجي.

توهان جي ڏيءُ
درشهوار

ڪراچي
20.9.68

قبلہ گاه پيارا بابا صاحب

السلام عليڪم.

توهان جا ٻئي خط مليا، هڪ پهرين، ٻيو رجسٽرڊ ٿي آيو. انهيءَ سان گڏ موڪليل ڪاغذ ۽ ادا جو خط ادا کي ڏنم. خط جي جواب ۾ دير ٿي اُن لاءِ معافي ٿي گهران. ادا هت ڪيس جي سلسلي ۾ آيل هئو. احوال تہ توهان کي ڏئي چڏيو هونداڻين.

توهان وارو فوٽو اڄڻ شرط يعني ڳوٺان جڏهن آياسون تہ ادا کي ڏنم. هاڻ وري جڏهن توهان لکيو تہ پڇڻ تي ادا ٻڌايو تہ ابراهيم جوڻيي کي ڏنو اٿس. مون کي ٻڌائڻ وسري ويو.

بابا مون فلاسافي آف رليجن ڪنئي آهي، ٻن ڇوڪرين ٻين بہ ڪنئي آهي. انهن کي راضي ڪري ڪٺايم. باقي ڇوڪرن سين، اقبال ڪنيو آهي. اسان جا ڪلاس بہ هن سال تہ خدا جي مهربانيءَ سان اجان تہ ٿين پيا. اڳتي بہ الله تي ٿا رکون. ٻارن کي اجان تہ آئون پٽي پاڙهيان. هڪ هڪ ٻار جي ٽيوشن جا 50 يا 60 رپيا ٿيندا. بدر* جن بہ ڪن ٻارن جا 60 رپيا تہ ڪن جا 50 رپيا ٿا ڏين. تقريباً اڍائي سؤ رپيا ٻارن جي ٽيوشن تي لڳندا. فيس تي ڏيڍ سؤ رپيا جدا ٿا لڳن.

توهان جي ڌيءَ
درشهوار

---

* بدرالزمان شاهہ فرزند امير حيدر شاهہ

ڪراچي
3.10.68

قبلہ گاه پيارا بابا صاحب

السلام عليڪم.

توهان جو خط پهتو ۽ توهان جي طبيعت ناساز جو ٻڌي پريشاني ٿي. پوري ڪوشش ڪري توهان جي ڏنل مشوري تي عمل ڪرڻ جي عادت وجهنديس، جيئن بقول توهان جي، اعليٰ صفت حاصل ٿئي. في الحال اهو ڪم مشڪل پيو لڳي. آئون سمجهان ٿي تہ فلاسافيءَ مون تي ڪجهہ ابتو اثر ڪيو آهي. سوچڻ جي عادت پوڻ ڪري معمولي ڳالهہ کي وڏيڪ اهميت ڏيڻ سان ذهني پريشانيءَ ۾ اضافو ٿي پيو آهي. جنهن کي دور ڪرڻ لاءِ اڳي بہ سجدا ڏيڻ ڪري دل کي ڪجهہ تسلي ايندي هئي، پر هاڻ اها خود فريبي پئي لڳي. اِهو راز توهان جي ڪتابن ۽ فلاسافيءَ ٻنهي ظاهر ڪيو آهي، پر توهان جي ڪتابن ۾ تہ سچي مذهب کي هٿ ڪرڻ لاءِ اشارو هئو جنهن کي حاصل ڪرڻ سان انسان جي آسمان تائين رسائي ٿي سگهي ٿي، جنهن لاءِ Intuition جي ضرورت آهي. جيڪو سکيو ڪم نہ آهي.

Because the revealed truths, which can be guidance to us, are above our power of understanding. For this, special help from above is required, and one should be more than a man i.e. Superhuman. Nevertheless, I will try my best.

هي سڀ انهيءَ لاءِ لکيو اٿم تہ مون کي نہ صرف، خوش قسمتيءَ سان توهان جي اولاد هئڻ جو شرف نصيب ٿيو آهي، پر پاڻ کي توهان جي لاتعداد عقيدتمندن مان هڪ شمار ڪندي، توهان کان رهبري حاصل ڪرڻ جي خواهش مند آهيان. جي توهان، پنهنجي قيمتي مشورن سان وقت بہ وقت واقف ڪرائيندا رهندا تہ شايد سنئون رستو هٿ اچي وڃي.

توهان جي
درشهوار

ڪراچي
27.6.69

خوش هجو.
قبلہ گاه پيارا بابا صاحب

السلام عليڪم.

بابا هڪ سوال "فلاسافي آف رليجن" تي مليو آهي، سو Encyclopedia of religion مان ڪرڻو آهي. جيئن تہ يونيورسٽيءَ ۾ هڪ ڪاپي آهي، جيڪا هر وقت مصروف ٿي رهي، تنهن ڪري اُهو سوال توهان ڪي لکي ٿي موڪليان. جي توهان کي وقت ملي تہ مهرباني ڪري اهو لکي موڪليندا، ۽ جي انهيءَ ٽاپڪ تي ٻئي ڪنهن ڪتاب مان ڪجهہ ملي تہ اُهو بہ لکي موڪلجو.

Q. What is the relation between "Morality and Religion"? what is the goal of moral life and religion?

گهٽ ۾ گهٽ هيءُ سوال ڇهن سٽن صفحن جو هجي.

Morality and Religion هنن ٻنهين تي گڏ مواد شايد نہ ملي، تنهن ڪري هڪ هڪ جي لاءِ جدا ڏسڻو پوندو يعني رليجن جدا تہ Morality جدا (۽ relation بہ جدا) اسين سڀ خوش آهيون، اميد تہ توهان بہ خوش هوندا.

ياڪر توهان ۽ اديءَ کي رسن.

توهان جي ڌيءُ
درشهوار

مارئي هاسٽل
ڄام شورو
13.3.71

قبله گاه پيارا بابا سائين.

شال سدائين توهان جو سايو اسان جي مٿان هجي!

السلام عليڪم.

اڄ تائين توهان جا ٽي خط مليا آهن. مون هڪ خط موڪليو هئو پر شايد توهان کي ڪونه مليو آهي. ادا ننڍو چار پنج دفعا مون وٽ آيو آهي. سياڻي به اچڻ لاءِ چئي ويو آهي. جو مون کي ڪجهه سامان مثلاً يونيورسٽي گائون ۽ ڪمري لاءِ پردا وغيره وٺي ڏيڻا اٿس.

آئون 4 مارچ تي ادا ننڍي سان گڏجي ڪراچي وئي هيس. جو ڪتاب ڪٽڻا هئم. ورِي 6 تاريخ تي موٽي آيس.

10 مارچ تي دادي ليلان هاسٽل ۾ مون کي وٺڻ آئي هئي. مون چيو ته آئون آئي آهيان ته اڃان ڪيڏانهن ڪانه وئي آهيان. مون کي گهران اجازت ڪانه آهي. چيائين ته منهنجي گهر تان ڪير منع ڪونه ڪندئي. پوءِ مون کي وٺي پهرين چاچي (سيد غلام مصطفيٰ شاهه) جي گهر هلي، انهيءَ کي ٻڌايائين ته آئون هن کي وٺيو پئي وڃان. چاچي چيو ڀلي هلي. شام جو چاچو اُتي آيو پوءِ مون کي هتي هاسٽل ۾ ڇڏي ويو.

چاچي چيو ته ڪتاب کپني ته ٻڌائجان. مون اڳي خط ۾ لکيو هئو ته ڊاڪٽر هاليپوٽي توهان جي لائبريريءَ جو ڪيٽلاگ گهرائي، ان مان ڪجهه ڪتاب ڪٽي اچڻ لاءِ چيو هئو. جيڪو آئون ڪراچيءَ مان ڪٽي آئي آهيان. بيا نالا ٻڌايا اٿن ته انهن جا پهرين، صرف نالا ۽ مصنفن جا نالا لکي Bibliography تيار ڪرڻي آهي. پوءِ وقت به وقت پڙهڻ لاءِ ٻڌائيندا ويندا. گهڻا ڪتاب چياٿون ته يونيورسٽيءَ مان ملي ويندا. اڄ ڪلهه آئون علامه آءِ. آءِ قاضيءَ صاحب جو ڪتاب "براٿون گرل" پڙهي رهي آهيان. انهيءَ تي سمري به تيار ڪندي پئي وڃان. بيا ڪجهه مضمون رسالن ۾ لکيل پڙهڻ لاءِ ڏنا اٿن. پهرين Bibliography ۽ Synopsis لکڻ لاءِ چيو اٿن. ريسرچ ڪارڊ وٺڻ لاءِ چيا اٿن، اهي سياڻي ادا کي چوندس ته وٺي ڏئي.

مسٽر احمد علي صاحب جن فلاسافيءَ جا استاد آهن. ڊاڪٽر صاحب چيو تہ ان جا بہ ڪلاس Attend ڪندي ڪر. پر اسان جو شعبو شاگردن جي لحاظ کان صفا سڃيو آهي. ڪٿي هڪ تہ ڪٿي بہ شاگرد. تہ ڪٿي صفا بس. پر اهي بہ شاگرد اچن ڪونہ. پوءِ ڪلاس بہ ڪونہ ٿين. پر مون کي چيو اٿن تہ ڀلي اچ. جيڪي پڇڻو هجئي تہ پڇ يا Discuss ڪر. تصوف تي اڪثر مضمون پڙهي ٻڌائيندا آهن.

احمد علي صاحب خود بہ ريسرچ ڪري رهيو آهي. سو مون کي طريقو ڏيکاريائون تہ هن نموني سان شروع ڪبي آهي. پر پهرين تہ ڪافي پڙهڻو پوندو. چيو تہ عنوان ڳرو آهي، تنهن ڪري وقت ۽ محنت جي گهڻي ضرورت آهي. چون ٿا تہ If you complete this work, it will be the land mark in our history اڄ ادا (سيد امداد محمد شاهہ) زمين جا ڪاغذ صحيح ڪرائڻ آيو هئو. چيائين تہ ضياءَ* جي نالي ٿا ڪريون. ادا چيو تہ هڪ ڏينهن لاءِ ڳوٺ هلي، ڀلي ڪتابن جا نالا لکي اچجانءِ.

يونيورسٽيءَ ۾ اسين ويندڙيون ليڊيز بس ۾ آهيون. موٽندي جڳهہ ڪانہ ملندي آهي، جو شهر وڃڻ واريون ڇوڪريون ويهنديون آهن. ٻين شاگردن جي بسن ۾ مناسب نٿو لڳي، تنهن ڪري پنڌ ايندڙيون آهيون. اڄ ڪلهہ گرميون اوچتو وڌي ويون آهن، پر گهڻيون گڏجي هلنديون آهيون، پوءِ ڳالهين ۾ پنڌ ڪريو وڃون. ڳوٺ ۽ ڪراچيءَ سڀ خوش آهن. ڳوٺان خط ايندو آهي. ادا چيو تہ نيلو صفا ڏنگي ٿي پئي آهي ۽ پڙهي ڪانہ ٿي، هٽ ٽو وٽ ٿو چڙيانس تہ اتي رهي ۽ پاسي ۾ اسڪول آهي اتي پڙهي. مون چيو ڀلي چڙيوس.

مون اڄان فارسي پڙهڻ شروع ڪانہ ڪئي آهي. مون اڳي خط ۾ شايد لکيو هئو تہ ادا ۽ ادي وڏي هٽ آيا هئا ۽ سامان ڏئي ويا هئا. ڊاڪٽر هاليپوٽي، توهان وارو ڪتاب ”جيئن ڏٺو آهي مون“ پڙهڻ لاءِ چيو آهي ۽ چيو اٿن تہ انهيءَ تي ڪجهہ نوٽ بہ ٺاهيان. انهيءَ ڪري جو سندن چوڻ آهي تہ هن ڪتاب مان گهڻو مٽيريل ملي ويندو ۽ تمام فائديمند رهندو.

---

* سيد ضيا شاهہ فرزند سيد امداد شاهہ

عبرت اخبار ۾ توهان جي مديني وڃڻ جو اطلاع هو. پر ادا ٻڌايو تہ هرهڪ اخبار پنهنجي پنهنجي نموني، دليان ڳالهايون ٺاهي لکيون آهن. ڪن لکيو تہ ڪابل ويا آهن، ڪن لکيو تہ هاڻ اتي رهندا وغيره.* توهان چئو تہ هتان اِخبار موڪلڻ جي ڪوشش ڪريون. پيو هت سڀ خير آهي.

توهان جي پري رهڻ ڪري گهڻو خيال ٿو رهي، اميد تہ توهان جي طبيعت ٺيڪ هوندي.

گهڻي پيار مان ياڪر قبول ڪندا.

توهان جي ڌيءُ

نٺڙي.

---

* نوٽ: بنگلاديش تي فوجي چڙهائيءَ دوران، شيخ مجيب الرحمان جي مشوري تي سائين جي ايم سيد جن مدينيٰ شريف نڪري ويا هئا، جتان خان عبدالغفار خان سان ڪابل خطوڪتاب ڪندا رهيا.

سن
6.4.71

قبلہ گاه پيارا بابا صاحب

السلام عليڪم.

عرض تہ توهان جا سڀ خط ملن پيا. احوال معلوم ٿئي پيو پر افسوس تہ اسان جا خط توهان کي ملن ڪو نہ ٿا، سواءِ اديءَ جي هڪ خط جي. هاڻ وري عام لفافي ۾ موڪليون ٿا، خدا ڪري تہ توهان کي خط ملي.

آئون هڪ نہ ٻئي ڏينهن يونيورسٽيءَ ويندي آهيان. مختلف مضمون پڙهڻ لاءِ استاد ڏيندا آهن، جيڪي پڙهي وري Discuss ڪندا آهيون. توهان جا بہ ڪتاب، هڪ "جيئن ڏٺو آهي مون" ۽ ٻيو "ساهڙ جا سينگار" پڙهڻ لاءِ ڇپيا اٿن، جيڪي پڙهان پئي. "جيئن ڏٺو آهي مون" مان، ڊاڪٽر هاليپوٽي صاحب چيو تہ گهڻي مدد ملندي. ڪجهہ لکان بہ پئي، پر في الحال صرف پڙهڻ لاءِ چون ٿا. سڀ استاد ڏاڍي خلوص ۽ عزت سان پيش ايندا آهن. مون کي بهار جي موڪل ملي، ان تي هت آئي آهيان. سياڻي وري وينديس. هن دفعي ادا وڏي سان گڏجي ڳوٺ آيس.

هت ملڪ جا حالات خراب آهن، تنهن ڪري توهان پلي اتي هجو خدا ڪري تہ جتي بہ هجو خوش هجو. قاضي فيض محمد بہ گرفتار ٿيو آهي.

پاڪر گهڻا قبول ڪجو.

توهان جي ڌيءُ
درشهوار

ڄامشورو
6.6.72

قبله گاه پيارا بابا صاحب

السلام عليڪم.

عرض ته جيئن مون کي هت ڇڏي اسريا آهيو ته گهران ڪنهن به احوال نه ڏنو آهي.

ادا ننڍي (سيد امداد محمد شاهه) جي طبيعت جي باري ۾ توهان ڪراچيءَ ۾ ٻڌايو هئو ته خراب اٿس، پوءِ ته خبر نه پئي ته اڄ ڪلهه ڪٿي آهي؟ ۽ علاج به ڪري پيو يا نه؟ انهن جي طبيعت جو گهڻو خيال ٿو رهي.

ٻي ڳالهه ته مون توهان کي چيو هئو ته مون کي ڪتاب "Religious systems of the world" کپي. اهو ڪير به اچي ته موڪليندا. ٻيو ته Indus Valley Civilization تي به تي ڪتاب توهان وٽ هجن ته کپن ٿا. هڪ ته توهان مون کي سن ۾ پڙهڻ لاءِ به ڏنو هئو.

"Archeological Survey of India: Antiquities of Sind"
By Henry Cussins

اُهو ۽ ٻيا به به تي هجن ته موڪليندا.
ڪتاب ياد ڪري ضرور موڪلجو. فوٽن سان هجن ته بهتر.
ياڪر سلام سيئن کي رسن، ٻارن کي پيار.

توهان جي
درشهوار

## 39 ـ ڏونگر سي ڏوريندي يون

چامشورو
28 .11 .72

سدا خوش هجو.
قبلہ گاہ پيارا بابا سائين

جيئي سنڌ.

عرض تہ، اديءَ جن ڏي خط لکيو هئم، جنهن جو جواب اڃان ڪونہ آيو آهي. دير سان جواب اچڻ ڪري فڪر ٿيو پوي.

ڳوٺان موٽندي ادا وڏو ۽ بدر هٽ ملڻ آيا هئا. آچر جو ڏينهن هئڻ ڪري نيلو جن بہ مون وٽ هيون.

ٻي ڳالهہ تہ چاچي (سيد غلام مصطفيٰ شاهہ) منهنجي ٻاهر وڃڻ لاءِ چيا ڪيو آهي. انهيءَ جي باري ۾ في الحال ڪا خبر نہ آهي. ادا ۽ مون پهرين هڪ هڪ دفعو چاچي کي چيو هئو. روز مٿو کائڻ نيڪ نٿو لڳي.

ٻيو عرض تہ اسلام آباد سينٽر ۾ مختلف شعبن ۾ ليڪچرار جي پوسٽ لاءِ درخواستون گهرايون اٿن. هتان چئن ڇوڪرن درخواستون موڪليون آهن. هڪ تہ سينٽر جي سروس ۾ وڏيڪ فيسلٽيز آهن ٻيو جي سنڌي ڇوڪريون نہ ويون تہ پنجابي پناهگيرن سان جايون پرجي وينديون، پوءِ معمول مطابق سنڌي صرف رڙيون ڪندي رهجي ويندا تہ ڪين نوڪريون نٿيون ملن. ٻئي طرف پنجابين جو مثال آهي تہ ينگي ۽ پٽيوالي کان وٺي وڏين نوڪرين لاءِ، عورتون مرد جتي ٻڌن، بغير موقعو وڃائڻ جي دنيا جي ڪنهن بہ شعبي ۾ پهچيو وڃن. هيڏانهن اسان جو اهو حال آهي جو هڪ تہ وڏ ماڻهپي ۽ فخر کان، نوڪريءَ کي ڪجهہ بہ نہ سمجهن ٻيو جيسين ڪنجهن ۽ اوس پاس ڏي نهاري سوچين، تيسين موقعا وڃن هليا. پوءِ ان ۾ ڏوهہ ڪنهنجو؟ تقدير کي ٿاهڻ ۾ تدبير جو وڏو هٿ آهي. جي تدبير کان منهن موڙي ويهبو تہ ڪجهہ نہ ٿيندو. اسان جي عادت آهي تہ الزام هميشہ پنهنجي پاڻ تان لاهي، يا ٻئي ڪنهن تي ڏيندا آهيون يا تقدير تي. جيڪو سراسر غلط آهي. حقيقتن کي منهن ڏيڻ لاءِ اسان کي پاڻ ۾ همت پيدا ڪرڻ گهرجي. ڪيترو وقت پنهنجي پاڻ کي دوکو ڏيندا رهنداسون.

مون بہ هنن سان گڏ هڪ درخواست فلاسافي جي پوسٽ لاءِ موڪلي

آهي. جي اجازت لاءِ ترسي پوان ها تہ وقت وڃي هليو ها. تنهن ڪري موڪلي ڇڏيم. اميد تہ جيسين هتان جواب اچي تنهن کان اڳي توهان جو جواب اچي ويندو ۽ ڇا اها اُميد رکان تہ توهان هيءَ منهنجي معمولي خواهش ضرور پوري ڪندا. انهيءَ ۾ گهڻا فائدا ٿي سگهن ٿا. اميد تہ مايوس نہ ڪندا. هڪ تہ سينٽر کي بين يونيورسٽين جي مقابلي ۾ گهڻيون اسڪالرشپ ملن ٿيون. ممڪن آهي ڪو چانس ملي وڃي ۽ بنا خرچ جي ٻاهر ولائت موڪلي ڇڏين، ٻيو تہ پرائيويٽ شاگردن جي مقابلي ۾ سروس وارن کي وڏيڪ سهولتون ملنديون آهن. جي اسڪالر شپ نہ بہ ملي ۽ سروس ملي وئي، انهيءَ وچ ۾ چاچي وڃڻ جو سڄو ڪم پورو ڪري ڇڏيو تہ موڪل وٺي وڃي سگهان ٿي ۽ يونيورسٽي سروس ۾ هئڻ ڪري، ڪجهہ نہ ڪجهہ سهولتون ضروري ملي وينديون. وري بہ جيڪا توهان جي مرضي ۽ حڪم هجي.

توهان شايد اهو سوچيو تہ سروس ۾ سهولتون آهن تہ پوءِ هٽ سروس ڇو نٿي ڪريان؟ پر هٽ پنهنجي ڳوناٽن جي ذهنيت جو اندازو شايد توهان لڳائي نہ سگهو. جيترو يونيورسٽيءَ جون شاگرديائيون ۽ ليڊي ليڪچرار لڳائي سگهن ٿيون. انهن نوجوانن جو ذهن ڪڏهن بالغ ٿيندو. ڪجهہ چئي نٿو سگهجي. ڪهڙي منهن سان هنن ۾ اميدون رکجن، جيڪي سڄو سال ڪلاسن جو منهن ڪونہ ڏسن، امتحان ۾ استادن کي ريوالور ڏيکاري، ڌمڪيون ڏئي، آرام سان ڪاپي ڪري پوزيشن کڻن ۽ فرسٽ ڪلاس پاس ٿين. پوءِ انهن جي قابليت جو اندازو خود لڳائي سگهون ٿا. انهي جي باوجود افعالن جا سنا هجن تہ بہ چڱو.

ٻئي طرف استاد هر حالت ۾ پنهنجا دقيانوسي عقيدا شاگردن تي مڙهڻ جي ڪوشش ۾ آهن. جي ڪونہ مڃين تہ ڊگريءَ تان هٿ کڻن (جيئن 14 سالن کان پوءِ مس مس وڃي الانا صاحب کي ڊگري ملي آهي) جن جي نظر ۾ ڌرتيءَ سان محبت ۽ ڌرتيءَ جي ساراهہ ڪفر آهي ۽ ٻئي طرف Virtues صرف ۽ صرف مسلمانن جي ميراث آهن، جيڪي ٻئي ڪنهن بہ مذهب جي پوئلڳن ۾ ٿي نٿا سگهن، سواءِ سندن گروهہ جي مُلن جي، ٻيا هنن جي نظر ۾ سڀ پتڪيل آهن. تعليم نہ ٿي هڪ تماشو ٿيو. اهڙن استادن ۽ شاگردن

سان گڏ ڪم ڪرڻ لاءِ يا هنن جهڙو ٽيٽو پوي يا چرين جي اسپتال ۾ اڳئي روم ريزرو ڪرائي ڇڏجي.

اهو يقين ڪونه آهي ته جن جن درخواستون موڪليون آهن، انهن کي ڪٿن، پر ڪوشش ڪاميابيءَ جي ڪنجي آهي. پر هنن جي جواب ڪان پهرين، توهان جي اجازت جي ضرورت آهي.

اسلام آباد جيئن ته ڏاريو ملڪ ۽ ڏاريان ماڻهو هئڻ ڪري سڃاڻپ به گهٽ هوندي تنهن ڪري ماڻهو بنا هٻڪ جي پڙهي ۽ پاڙهي سگهي ٿو. منهنجو اهو خيال آهي، وري به توهان بهتر سمجهي سگهو ٿا. جواب جو انتظار رهندو.

منهنجو فارسيءَ جو امتحان 3 جنوريءَ تي آهي، معنيٰ هڪ مهينو اڃا آهي. اها خبر هجي ها ته ايترو جلد آئون اچان نه ها.

ريسرچ جو ڪو خاص ڪم ڪونه ٿو ٿئي. انهيءَ ڪري دل ڪٿي ٿي پئي آهي.

ادا جن مان ڪير هتان ٿيندو آيو ته شايد ٻن چئن ڏينهن لاءِ اچان. اديءَ جن کي چوندا ته مهرباني ڪري جلدي جواب ڏين. خط نٿو اچي ته پريشان ٿيو وڃان ته خبر نه ڇو دير لاتي اٿن.

اميد ته توهان جي طبيعت هن وقت نيڪ هوندي ۽ گهر ۾ به سڀ خير هوندو.

گهر ۾ سڀن کي سلام ۽ پاڪر، ٻارن کي پيار.

توهان لاءِ پاڪر.

توهان جي ڌيءَ

درشهوار

قبلہ گاه پيارا بابا صاحب

عرض تہ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ وارن لکيو تہ، اسان کي سنڌي لباس ۾ ڪجهہ تصويرون کپن، جيڪي رنگين ڪيندا. انهيءَ لاءِ اڄ تار موڪلي اٿن تہ اسين اڄ 10 بجي اچي رهيا آهيون. ڪجهہ درياهہ جي ڪناري تي ڪيندا ۽ بيا بہ اهڙا فوٽو ڪيندا، جنهن مان سنڌي ڪلچر جي خبر پوي.

مون لکيو هئو مان تہ جي اچو تہ ڪا ڇوڪري بہ پاڻ سان وٺي اچجو تہ مائين کي سمجهائي. پوءِ جهڙيون تصويرون وٺيون هوندن، اُهي وٺندا. توهان کي اطلاع لاءِ لکان ٿي.

توهان جي
درشهوار

مارئي هاسٽل
ڄام شورو
5.2.73

خوش هجو.
قبله گاه پيارا بابا صاحب

السلام عليڪم.

عرض ته هت پهچڻ سان ڏگرين جون فوٽو اسٽيٽ ڪيرائي، به ڪاپيون بي اي جون ۽ به ايم اي جون ۽ تي سبجيڪٽ جون آئوٽ لائين، حميده کهڙو کي موڪليون اٿم. خط ۾ آئوٽ لائين ڊاڪٽر ايني ميري شمل ڏي موڪليم ۽ هڪ ڪاپي آئوٽ لائين جي چاچي حسام الدين شاهه کي موڪلي اٿم. اڃان تائين ڪٿان به جواب ڪونه آيو آهي.

گهڻو ڪري هاسٽل ۾ ويهي پڙهندي آهيان. ڪڏهن ڪڏهن ڊپارٽمينٽ به ويندي آهيان. ڊاڪٽر هاليپوٽو حج تي ويل هئو هفتو ٽيو اٿس ته آيو آهي، پر اڃان مبارڪون وصول ڪري ڪونه پوريون ڪيون اٿس. مون کي چيائين ته هاڻ ڪوشش ۽ محنت ڪر ته توکي هن سال اندر ڊگري ڏيون. وري به دفعا ويس ته 12 بجي تائين انتظار ڪري آيس، پر معمول مطابق ڊپارٽمينٽ ۾ ڪونه آيا هئا. سڄي ڊپارٽمينٽ ۾ يارنهن استاد ۽ به شاگرد اٿن. يونيورسٽي ڪيمپس ۾ ته گهڻي رونق آهي، جو نيون داخلائون ٿيون آهن، پر ڪلاسن ۾ سڄ لڳي پئي آهي. استاد اوباسيون ڏيو ۽ پاڻ ۾ ڪچهريون ڪريو هڪ بجي گهر وڃن. لڳي ٿو ته هاڻ اسان جي موجوده جنريشن کي تعليم جي ڪا ضرورت ڪانه رهي آهي. هو پيدائشي قابل آهن. باقي ڪير چوين ته پڙهو يا امتحان ۾ ڪاپي نه ڪريو ته ڏاڙيلن جيئن ڇرا ۽ پسٽل ڏيکاري، هنگامو برپا ڪري ڏيندا ته فلاڻا استاد غدار آهن، سنڌين جي مدد نٿا ڪن. پوءِ زور نعرن تي ۽ تقريرن تي. خالي تقريرن سان قوم جي تقدير ڪانه بدلبي آهي. انهي لاءِ محنت ڪرڻي پوندي. ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي ته پراين کان اڳي، هي سنڌ جا سورهيه سپوت پنهنجو پاڻهين انت آڻيندا. هي سست، جاهل ۽ جلد باز پنهنجا حق وٺندا؟ ڪل تي اچي پنهنجي حال تي، جو اڃان به انهن ۾ اميدون رکيو ويٺا آهيون، ته اسان جو نئون نسل سجاڳ آهي ۽ بنگالين جيئن ضرور پنهنجا حق وٺڻ ۾ ڪامياب ٿيندا. ڪٿي بنگالي بهادر قربانيءَ جا پتلا، ڪٿي هي سست ۽ عيش پسند. هنن کان ايتري نٿي محنت

سن
19.10.73

خوش هجو.
قبلہ گاه پيارا بابا صاحب

السلام عليڪم.
ڊاڪٽر حميده کهڙو جا ٻہ خط آيل هئا، جيڪي اچي ڪنيم ۽ هڪ خط مسٽر هارڊيءَ جو هئو جنهن ڏي خط لکيو هئو سون.
ڊاڪٽر حميده لکيو تہ آئون 6 آڪٽوبر تي رواني ٿيندس ۽ پوءِ گهمندي ايندي. ڪيمبرج يونيورسٽيءَ جو فارم موڪليو اٿس ۽ لکيو هئائين تہ تيسين رکي ڇڏيان، جيسين پاڻ اچي. پوءِ گڏجي ڀرڻ لاءِ لکيو اٿس.
لکيائين تہ لنڊن ۾ مسٽر هارڊي موڪل تي پيو وڃي، انهيءَ جي مرضي آهي تہ 1974 کان ڪم شروع ڪريان، سندس نگرانيءَ ۾. هن خود خط ۾ لکيو تہ مون، مس کهڙو کي چيو هئو تہ گائيڊ ڪندس پر هن سال نہ، 1974ع ۾. تنهن ڪري حميده ڪيمبرج يونيورسٽيءَ وڃي ڳالهايو. چيائين تہ اتي استادن گهڻي دلچسپي ڏيکاري ۽ چيائون تہ فارم ڀري موڪلي. داخلا ۽ پڙهائي جنوري ۾ ٿيندي. هن لکيو تہ توهان پنهنجو وڃڻ ڪجهہ ڏينهن پٺ تي هٽايو تہ سنو نہ تہ ٻيلي وڃو. ٻنهين يونيورسٽين ۾ وڃي خبر چار وٺجو. هڪ ماڻهوءَ جي ايڊريس لکي اٿس تہ اُهو توهان جي مدد ڪندو. لنڊن ۾ بہ هڪ استاد چوي ٿو تہ ٻيلي اچي. پوءِ جتي بہ ٿي وڃي تہ سنو. خط موڪليان ها، پر ڇيم تہ رستي تي گم نہ ٿي وڃن، تنهن ڪري ڪنهن جي هٿان موڪليندس.

توهان جي ڌيءَ
درشهوار

سن
12.11.73

خوش هجو.
قبلہ گاہ پيارا بابا سائين

السلام عليڪم.

عرض تہ ڪيترو وقت گذري ويو آهي تہ توهان وٽان ڪو احوال نہ آيو آهي. اخبار ۾ وڏيڪ ٽي مهينا نظربنديءَ جي خبر پڙهيسون.

ٻاهر وڃڻ جي لاءِ بہ نہ ٿا ها ڪن، نہ ٿا نہ چون. ادا وڏي تہ چيو تہ بابا کي ڪونہ ڇڏيندا. باقي ڪراچيءَ بابا ائين ئي وينو آهي. جي اجازت جي اميد نہ هجي تہ پوءِ توهان بہ ڪٿي پنهنجي ڳوٺ اچو. ادا وڏي ٻي شڪايت ڪئي تہ ڏاڍو ٿو منهنجو خرچ ٿئي. 15 پوليس وارا آهن، اٺ ست شاگرد ۽ ماستر سان گڏ ٿي ماڻهو 60 ماڻهو روز ٿا ماني کائين گهر تہ پنهنجو آهي پر ماني تہ پرائي ٿي.

ڊاڪٽر حميده کهڙو جي بہ خبر نہ پئي تہ اتي پهچي وئي يا نہ. جي جنوريءَ ۾ ٽرم شروع ٿيڻو آهي تہ لڪپڙهہ ڪرڻ گهرجي، وري اهو ٽرم بہ ختم نہ ٿي وڃي. ٽي سال سنڌ يونيورسٽي برباد ڪيا، چوٿون انگلينڊ جي آسري ۾ گذري. ادا وڏو امان کان فارم تي صحيح ڪرائڻ آيو هئو. امان کي چيائين تہ هفتي کان پوءِ پاسپورٽ ملندو پوءِ ڪراچي هلنداسون. هفتو پوءِ حج لاءِ روانا ٿيندا.

حفيظہ پرڳڙي صاحب جي ڌيءَ کي چوائيندا تہ درزيءَ وٽان ڪپڙا ڪٽي وٺي. اجايا پيا ميرا ٿيندا دڪانن تي. سڀجي تہ ويا هوندا.

توهان جي طبيعت اميد تہ ٺيڪ هوندي. اتي ٻار ۽ وڏا اميد تہ خوش هوندا. هت سڀ خير آهي، ياڪر ۽ پيرن تي هٿ.

توهان جي ڌيءَ
درشهوار

Crosby Hall
Cheyne Walk,
London, SW35AZ
1.10.74

سدا خوش هجو.

قبلہ گاه پيارا بابا سائين

عرض تہ پهرين بہ هڪ ڪارڊ ۽ هڪ خط موڪلي چڪي آهيان، اميد تہ ملي ويا هوندا.

ڪلهہ 30th Sept تيَ انگريزيءَ ۾ ٽيسٽ هئي، سا ڏئي آيس، پوءِ ”ڊاڪٽر هارڊي“ آيو سو پنهنجي آفيس ۾ وٺي ويو. Subject جي باري ۾ پڇيائين ۽ چيائين تہ ٻن سالن ۾ توکي M.Phil جي ڊگريءَ لاءِ ريسرچ بہ ڪرڻي آهي ۽ سال جي آخر ۾ ٽن پيپرن ۾ امتحان بہ ڏيڻو آهي، تنهن ڪري توکي محنت گهڻي ڪرڻي پوندي ۽ ٻڌايائين تہ مون کي اسڪول، يونيورسٽي ۽ برٽش لائبريري کان سواءِ، انڊين لائبريريءَ جو بہ ميمبر ٿيڻو آهي. پر پوئين لائبريري ڪتاب ڪڻي وڃڻ نٿي ڏي، سو اتي ويهي پڙهڻا پوندا. امتحان جي پيپرن لاءِ باقائدي ڪلاس ٿيندا. ۽ هفتي ۾ هڪ يا بہ دفعا سيمينار ٿيندا، جن ۾ سمجهائيندا تہ ريسرچ لاءِ ڪيئن ڪم ڪجي. گذريل جمع تي ادا اعجاز• وٺي يونيورسٽي ڏيکاري آيو هئو چاچو بہ گڏ هئو. ڪلهہ تہ اڪيلي وئي هيس. پهرين تہ ڊپ پئي لڳو پر پوءِ تڪليف ڪانہ ٿي. يونيورسٽي هتان ڪجهہ پري آهي، سو پهرين بس ۾ هڪ ميل وڃڻو ٿو پوي ۽ پوءِ ٽيوب ۾ اسٽيشن وڃي ٽرين ۾ چڙهڻو ٿو پوي، وري بہ ڏهن پندرنهن منٽن جو پنڌ آهي. ڪالهہ وري سڌي بس ۾ آيس. هاڻي ڪوشش ڪري سڌي بس ۾ ويندِيس.

هن هاسٽل ۾ هندستان يا پاڪستان جي هڪ بہ ڇوڪري ڪانہ آهي، ڪوشش ڪري ڪنهن ويجهي هاسٽل ۾ جاءِ ڳوليندِيس.

هسٽري ڊپارٽمينٽ ۾ ڊاڪٽر زيدي پاڪستاني آهي، اهو توهان کي سڃاڻي ٿو. يونيورسٽيءَ ۾ پاڙهي ٿو. چيائين تہ آئون سن ويو هئس، ڇهہ

---

• اعجاز قريشي

ڪلاڪ تنهنجي فادر سان ڳالهايو هئم. اهو به ڏاڍو سمجهائي پيو ته گهڻو وقت پنهنجي تعليم لاءِ صرف ڪج.

بابا خواب وارو ڪتاب◆ توهان چيو هئو ته ڪٽي وڃج، پر پوءِ خبر نه ڪيئن رهجي ويو. ڪو سولو ماڻهو اچي ته ڏياري موڪلجو ۽ پير حسام الدين وٽان شاهه عنايت صوفيءَ تي ڪتابڙيون ۽ فارسيءَ ۾ ”بيسرنامو“ اهو قلمي نسخو هوندو. انهيءَ جو مائيڪرو فلم ڪرائي موڪليندا. ڊاڪٽر هاردي ڏاڍو خوش ٿيو جڏهن ٻڌايئن ته Manuscripts به مون وٽ آهن. خير محمد فقير جو به قلمي نسخو هوندو، اهو به موڪلجو يا وري ان جي مائيڪرو فلم. مون بينڪ ۾ اڪائونٽ کولائي ڪجهه پئسا رکيا آهن.

سياڻي 2 آڪٽوبر تي رجسٽريشن ٿيندي، پوءِ بينڪ جي نالي ليٽر وٺي موڪليندس ته هر مهيني پئسا موڪلين. ڪپڙا وغيره مون ڪونه ٺهرايا آهن. ادا اعجاز ٻڌايو ته ڪجهه سنڌي فيميليز آهن، جن سان وڃي ڪپڙا يا ضرورت جون شيون وٺو پر اُهي ملڻ ڪان ڊڄن پيا. يونيورسٽيءَ ۾ هڪ ڪراچيءَ جي ڇوڪري ملي، اُها اسڪول ۾ مون سان گڏ هئي، انهيءَ چيو ته ڪپڙا وٺڻا هجن ٿي ته مون سان هلج.

توهان ڪي ۽ گهر ۾ سين ڪي پاڪر ۽ سلام

توهان جي ڌيءَ

درشهوار

---

◆ ديارِ دل داستان محبت

## 49 ـ ڏونگر سي ڏوريندڀون

London

21.10.74

قبلہ گاہ پيارا بابا سائين

شال سدائين توهان جو سايو اسان جي سر تي هجي!

السلام عليڪم.

عرض تہ ڪافي عرصو گذري ويو آهي تہ ڪو احوال نہ ڏنو اٿو. هڪ پرديس، ٻيو خط نٿو اچي تہ خبر نہ ڪهڙا ڪهڙا برا خيال اچيو تنگ ڪن. خدا ڪري تہ توهان سڀ خوش هجو ۽ سلامت هجو. آمين!

مون هڪ خط پوسٽ ذريعي موڪليو. جو يقيناً توهان کي ملي ويو هوندو ۽ هڪ ادا زلف• کي ڏنم. انهي کي بہ ٽي هفتا تہ ٿي ويا آهن.

اديءَ جن 3 نومبر تي خط موڪليو وري نہ خبر نہ چار. اديءَ وڏيءَ نوابشاهہ مان خط موڪليو. پر اتي جي ڪا خبر ڪانہ پئي آهي.

ٻڌم تہ اخبار ۾ خبر آئي آهي، توهان جي سياست کان رٽائر ٿيڻ جي، خبر ڪيتري قدر درست آهي؟ توهان تہ ڪو احوال ڪونہ ٿا لکو؟ نہ موڪليو؟..

هتي خبر پئي آهي تہ مولانا روميءَ جي مثنويءَ جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڇهن Volumes ۾ ٿي چڪو آهي، ۽ يونيورسٽيءَ ۾ آهي. فارسي پڙهڻ بہ جلد شروع ڪرڻ واري آهيان. هت ريسرچ جي لاءِ ڏاڍو مواد آهي. ڪن استادن جو چوڻ آهي تہ ambitious پروگرام نہ رکان، جو ڪم تمام ڊگهو ٿي ويندو. پوءِ انهيءَ تي گهڻو وقت لڳندو. تنهن ڪري انهيءَ کي محدود ڪرڻ گهرجي. خير اڃان تہ شروعات آهي، اڳتي هلي خبر پوندي تہ ڇا ٿي ڪري سگهان ۽ ڇا ڪرڻ گهرجي.

توهان پنهنجي طبيعت جي بہ مهرباني ڪري خبر ڏيندا ڪريو نہ تہ انتظار ٿو رهي.

توهان جي ڌيءُ

درشهوار

---

• سيد يار محمد شاهہ مرحوم جو فرزند، جيڪو PIA ۾ پائلٽ آهي.

London
8.12.74

سدائين سلامت هجو.
قبله گاهه پيار بابا سائين

السلام عليڪم.

توهان جو خط 6 تاريخ مليو. احوال معلوم ٿيو.

فارسي مون پڙهڻ شروع ڪري ڇڏي آهي. ڊاڪٽر زيديءَ مهرباني ڪري خود اسان جي سپروائيزر کي چيو ته فارسي پڙهڻ جو منهنجي لاءِ بندوبست ڪري. انهيءَ ٻن استادن سان ڳالهايو. هڪ نثر ٿو پاڙهي ٻيو نظم. نثر ۾ "سياست نامه" نظام الملڪ جو آهي ۽ نظم ۾ حافظ پئي پڙهان. هت هاسٽل ۾ ٻه ايراني ڇوڪريون به آهن، چيو اٿن ته اسان وٽ به پڙهي سگهين ٿي.

جن ٻن پيپرن ۾ امتحان ٿيندو انهن لاءِ ڪافي پڙهڻو پوي ٿو ڇو ته انهيءَ امتحان جي نتيجي کان پوءِ Ph.D لاءِ ٽرانسفر ڪندا. هڪ هڪ Essay لاءِ ڏهه، پندرنهن ڪتابن کي ڪنسلٽ ڪرڻو ٿو پوي.

في الحال ڏاڍو ڏکيو ٿو ڪم لڳي پر آهستي آهستي عادت پئجي ويندي. ڇو ته ايڏانهن هڪ پيپر لاءِ هڪ ڪتاب پڙهڻو پوندو هئو هتي يعني يونيورسٽيءَ ۾ ڪافي قابل ماڻهو آهن. جيڪو ڪم هت ۾ ڪٽن ٿا، تنهن جي تهه تائين پهچڻ کان سواءِ نٿا ڇڏين. هفتو پهرين هڪ استاد جيڪو انگريز هئو سرائيڪيءَ تي ليڪچر ڏنائين ۽ سرائيڪي رسالا به ڏيکاريائين ۽ ڪجهه پڙهي ٻڌايائين. ٻڌايائين ته پنجاب ۾ سرائيڪيءَ جي Movement پئي هلي. پاڻ اتي وڃي حالات معلوم ڪري آيو هو. هنديءَ جا به استاد آهن. هڪ استاد مون کي خود گهرايو ته ٻڌم ته تنهنجو subject تمام دلچسپ آهي ۽ آئون هنديءَ ۾ Sufism تي ريسرچ پيو ڪريان. جيڪي انگريزيءَ ۾ ترجما ڪونه آهن، تن جي، جي توکي ضرورت پوي ته مون کان پڇندي ڪر. ۽ پاڻ وري شاهه لطيف اڄ ڪلهه پڙهي رهيو آهي. مون چيو مانس ته توهان جا جڏهن ڪي ليڪچر ڪلاس ۾ ٿين ۽ منهنجي ڪم جا هجن ته مون کي اطلاع ڪجو ته آئون ٻڌنديس. چيائين ته Kabir تي اڄي پاڙهي چڪو آهيان. اڳتي توهان کي ٻڌائيندس. ۽ ڪتاب به چيا اٿس ته جيڪي پاڪستان ۾ نٿا ملن ۽ هندوستان ۾ آهن ۽ سنڌيءَ ۾ ڪافي مواد صوفين تي ڇپيو آهي. سو سنڌيءَ وارو

چيائين تہ سُپروائيزر کي چوان تہ گهرائي ڏي، باقي وٽن آهن. سي چيا اتس تہ پڙهڻ لاءِ اُڌارا ڪٽي سگهان ٿي.

مولانا رومي جو جيڪو اردوءَ ۾ ترجمو ٿيو آهي ۽ توهان پڙهيو پئي، انهي جي باري ۾ مون لکيو هئو تہ هندو ازم جي استاد پڇيو آهي تہ، جي اردوءَ ۾ پاڪستان ۾ ڇپيو هوندو تہ اتي سستو ملندو. انهن چيو تہ توهان اسان کي خريد ڪري ڪنهن جي هٿان موڪليو تہ هو پئسا هٿ ڏيندو. انهيءَ لاءِ ادا کي چوندا تہ وٽي ڪنهن جي هٿان موڪلي، تڪڙ ڪانهي مهيني ٻن ڪان پوءِ پلي اچي. پر مهرباني ڪري اهو لکندا تہ اهو ترجمو ڪنهن ڪيو آهي ۽ قيمت ڪيتري اٿس.

ٻيو هڪ پروفيسر آهي، انسٽيٽيوٽ آف ڪامن ويلٿ "ڊيز"، ۾ انهيءَ پنهنجي خاندان جو شجرو گهريو آهي. اصل ۾ هو انهيءَ تي ريسرچ ڪري رهيو آهي. مون کي چيائين تہ تون پنهنجي فيملي ٽري (Family Tree) ٺاهي ڏي سگهندينءَ. پر عورتن جي نالن سان هجي. مون چيو تہ مون کي ياد ڪانہ آهي، توهان کي بابا کان پڇي پوءِ ٻڌائيندس. چيو مانس تہ عورتن جا نالا شايد نہ ملي سگهن، جو اسان وٽ ڪونہ لکندا آهن. چيائين تہ کهڙي فيملي جا نالا مون وٽ آهن ۽ سڄو فائيل ڏيکاريائين، جن ۾ پاڪستان جي ڪيترن ئي خاندانن جا شجرا هئا.

بابا! مون کي 65 پائونڊن جو ڊرافٽ مليو. ادا جو انهيءَ سان خط بہ هئو. جيڪو پهرين نومبر تي موڪليو هئائين، پر مون کي 3 ڊسمبر تي مليو.

جنهن استاد ڪتابن ۽ اخبارن جو پڇيو سو هن ڊسمبر ۾ جلدي ايڏانهن يعني پاڪستان اچڻ وارو آهي ۽ شايد توهان سان بہ ملڻ اچي. چاچو شايد جلدي پاڪستان اچڻ وارو آهي. ٿي سگهي ٿو هن ئي مهيني ۾ اچي.

جيترو جلد ٿي سگهي، مهرباني ڪري توهان پنهنجا ڪتاب موڪليندا. جنهن انگريزي ڪتاب جو توهان حوالو ڏنو آهي "Struggle for new Sindh" سو هت لائبريريءَ ۾ آهي. "موجوده سياسي مسئلا" بہ آهي. ٻيو "جنب گذاريم جن سين" جو بہ هڪ حصو آهي.

توهان اميد تہ خوش هوندا. آئون بہ خوش آهيان. ٻاڪر توهان کي ۽ ٻارن کي پيار.

توهان جي
درشهوار

London

14.4.75

قبلہ گاہ پيارا بابا سائين.

شال سدائين توهان جو سايو اسان جي سر مٿان قائم هجي!

السلام عليڪم.

عرض تہ توهان جو خط مليو بي حد خوشي ٿي. آئيندي خط لکڻ لاءِ ڪانہ چونديس. واقعي توهان کي نہ لکڻ گهرجي. خبر نہ آهي تہ ڇو ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍو ياد ايندا آهيو پوءِ لکيو اوهان.

ڪتاب اڃا ڪونہ پهتا آهن. ادا زلف (ڪيپٽن علي احمد شاهہ) چيو تہ امداد مون کي ڏنا ٿي، پر مون نہ ڪنيا. جو اسان جو سامان جانچيو ٿو وڃي. يونيورسٽي اڄ ڪلهہ بند آهي، ڪلاس ڪونہ ٿا ٿين. تنهن ڪري اُتي لائبريريءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن وينديون آهيان. نہ تہ اڄ ڪلهہ Senate House لائبريريءَ ۾ Ph.D ٿيسز استاد پڙهڻ لاءِ چئي آهي، انهي لاءِ ويندي آهيان. شاهہ ولي الله تي آهي، جنهن جي لکيل آهي، اُنهيءَ بہ ساڳي استاد جي سپرويزن ۾ لکي هئي 1971 ۾.

منهنجو جون ۾ امتحان آهي. هي qualifying امتحان آهي. ڪورس ڏاڍو ڏکو آهي خاص ڪري Hinduism تمام ڏکيو آهي. پڙهان پئي. هيءُ امتحان گهڻو ڪري سين ٻاهرين شاگردن کي ڏيڻو ٿو پوي، پوءِ داخلا پڪي ٿي ٿئين. يونيورسٽي جلد کلندي، پوءِ چوندي سانِ تہ ڪتاب گهرائي وٺن. توهان جي ڪتابن جي لسٽ ملي هئي. پنهنجي خاندان جي شجري لاءِ پهرين بہ لکيو هئم تہ هڪ انگريز سنڌ تي ڪجهہ ريسرچ پيو ڪري، بلڪہ سروس ۾ آهي، انهي بہ ٽي دفعا خط لکيا آهن ۽ فون ڪري پڇيو اٿس. هڪ دفعي گهرايو هئائين، وئي بہ هيس، پر مون ڇيو تہ مون کي نالا ڪونہ ٿا اچن. وري لکيو اٿس. يونيورسٽيءَ سان ڪجهہ تعلق اٿس.

توهان جي ڌيءَ

درشهوار

Middlesex
23.8.75

قبلہ گاه پيارا بابا سائين

السلام عليڪم.

توهان ڏي ٻہ خط موڪلي چڪي آهيان، هڪ پڙهائيءَ جي سلسلي ۾، ٻيو توهان جي خط جو جواب.

داخلا جي ڪوشش ۾ آهيان. پروفيسر خمزه علوي سان فون تي ڳالهايم. چيو مانس تہ مون کي داخلا جي سلسلي ۾ توهان سان ملڻو آهي ۽ مشورو ڪرڻو آهي. ٻڌايو مانس تہ Sufism تي ريسرچ ڪرڻ جو ارادو اٿم. لنڊن ۾ يونيورسٽيءَ ۾ گذريل سال داخلا ورتي اٿم وغيره. ڪافي فضيلت وارو ماڻهو ٿي لڳو. هڪ دفعي اسان جي Oriental School ۾ پاڪستان متعلق Speech بہ ڪرڻ آيو هئو ۽ چاچي مون کي هن سان ملايو بہ هو. ٽيون ڏينهن جڏهن ڳالهايومانس تہ چيائين، آئون لنڊن اچان پيو ٻن ڏينهن لاءِ. پوءِ فون نمبر ڏنائين تہ اُتي فون ڪري ٽائيم پڇي، پوءِ اچجانءِ تہ ڳالهائينداسون. توري مڙئي اميد تي آهي. خدا ڪري تہ داخلا ملي وڃي. انهيءَ جو پتو N.W.I واري شاگرد ڏنو هئو. هن جي پيڻ بہ Ph.D پئي ڪري. اُها بہ اڪثر فون ڪري پڇندي آهي تہ چا ٿيو ۽ ڪافي ڪاليجن ۾ استادن جا پتا ڏنا اٿن. Leeds ۾ علوي صاحب وٽ داخلا ٿي وئي تہ بهتر ٿيندو.

پوءِ فون تي توهان واري ڏنل ايڊريس واري نالي، لطيف ڪريم جي لاءِ پڇيومانس تہ ڪير آهي، چيائين منهنجو ڪزن آهي، ۽ حاتم صاحب چيائين تہ منهنجو Uncle آهي. 27 ۽ 28 آگسٽ تي لنڊن ايندو ڪا شادي اٿن. وري احوال ملڻ کان پوءِ لکنديس. چاچو غلام مصطفيٰ 16 آگسٽ تي لنڊن آيو. مون 18 آگسٽ تي فون ڪئي مانس پوءِ اچڻ لاءِ چيائين، ۽ وڃي ملي آيس. هاسٽل فون ڪئي هئائين، پر هنن کو پتو ڪونہ ڏنو هئن. وري ادا جو خط چاچي ڏي آيو جنهن ۾ ايڊريس منهنجي ۽ فون نمبر ادا لکيو هئن، تہ ضرور اديءَ سان ملجو. وري چاچي گهرايو هئو. جاءِ جو پڇياڻون، چيومانِ تہ هلي ڏسو ۽ ماني بہ کائو. پهرين ها ڪياڻون، پوءِ چياڻون تہ وري هڪ دفعو آئون وڃان، ڪين وقت ڪونَ ملندو. چاچي چيو تہ رمضان مديني ۾

رهنداسون، پوءِ ويندا‌سون (چاچي بہ مديني ايندي) چيائين تہ تنهنجي بابا سان بہ ملڻ ويندس. مون کان سوال پڇندا چا ٻڌايان. مون چيو تہ جيئن ڏسي تا وچو سو ٻڌائجونِ. امتحان جي باري ۾ ڪونہ ٻڌايو مانِ. نہ پاڻ پڇيائون امتحان جي شايد خبر ڪانہ هين تہ ڪو ڏيٺو هئم. سوچيم تہ چاچيءَ سان ڳالهہ چاچو ضرور ڪندو. ۽ هن کي سنڌي ڇوڪرين ۾ هزار عيب نظر ايندا آهن، وري ڪو ريمارڪ پاس ڪندي.

اميد تہ توهان خوش هوندا. ياڪر.

دعا ڪندا تہ جلد داخلا ٿي وڃي تہ پريشاني لهي.

توهان جي ڌيءُ

درشهوار

Middlesex
28.8.75

سدا خوش هجو.
قبلہ گاه پيارا بابا سائين

اسلام عليڪم.

توهان جو 18 آگسٽ جو خط مليو. انهيءَ کان پهرين بہ خط موڪلي چڪي آهيان. آخري خط ۾ لکيو هئم تہ فون تي حمزه علويءَ سان ڳالهايم پاڻ لنڊن اچڻ وارو آهي، انهي لاءِ ترسيل هيس تہ ملي، پوءِ احوال لکان.

اڄ 10 بجي ويس، سڄو احوال ٻڌايو مانس. چياائين تہ هڪڙا ماڻهو صرف ڊگريءَ لاءِ ايندا آهن، ٻيا واقعي علم حاصل ڪرڻ ايندا آهن. انهي لاءِ سٺي بنياد جي ضرورت پوندي آهي. انهي لاءِ چياائين تہ هن سال جيئن تہ ڪنهن ڊگريءَ لاءِ داخلا جي تاريخ نڪري وئي آهي، تنهن ڪري بهتر نموني ۾ utilize ڪرڻ لاءِ، مختلف استادن سان ملي، Guidance وٺي، ڪتاب پڙهہ ۽ لکي انهن کي ڏيکاريندي وڃ. هڪ Anthropology جي پروفيسر جو نالو ٻڌايائين، جيڪو ساڳي Oriental School ۾ آهي، تہ انهيءَ سان مشورو ڪري چوينس تہ، اڳتي منهنجو ريسرچ ڪرڻ جو ارادو آهي. سو انهيءَ تياريءَ لاءِ مون کي Guide ڪر. چياائين تہ هو محسوس ڪندو تہ شاگرد کي واقعي چاهہ آهي ۽ صرف ڊگري نہ گهرجيس. انهيءَ ڪري تون ساڳيو ڪم ڪندي رهہ. داخلا هن سال ٿئي يا ٻئي، فرق ڪونہ پوندو. ڪم تہ تون ڪندينءَ پئي. هونءَ داخلا سان جيڪو ٽن سالن ۾ ڪم ٿيندو اڳي شروع ڪرڻ ڪري عرصو ساڳيو لڳندو. باقي داخلا هڪ سال پوءِ ٿيڻ ڪري اڳي ريسرچ ختم ڪري سگهين ٿي. مون چيو مانس تہ پڙهڻ تہ ٿي سگهندو داخلا کان سواءِ بہ، پر ويزا جو چڪر ٿيندو ۽ پئسن جو. چو تہ داخلا کان سواءِ ويزا بہ ڪانہ ملندي ۽ پئسا بہ. چياائين پروفيسر سان ڳالهاءِ تہ as a casual student ڪري داخلا ڏين، پوءِ شايد ويزا وڌائي ڏين. وري هڪ ڇوڪريءَ سان ڳالهہ ڪيم، جيڪا Ph.D پئي ڪري. انهيءَ چيو تہ Casual کي ويزا نٿا ڏين. منهنجي ويزا جي تاريخ ۾ اجان ٽي هفتا آهن. 3 سيپٽمبر تي استاد Anthropology وارو موڪل کائي موٽڻو آهي، انهيءَ سان ڳالهائينديس تہ ڇا ٿو چوي.

موڪل جي ڪري استاد بہ نٿا ملن، جو ٻاهر ويل آهن. ڏاڍي پريشان آهيان.

رات بہ ٻہ ٽي ڪلاڪ مس ننڊ ڪئي هيم. صبح وڃڻو هئم. جواب بہ ڪو خاص سٺو ڪونہ مليو. جيتوڻيڪ تمام سٺي نموني پيش آيو ۽ چيائين تہ وري ڪو مسئلو هجئي تہ مون کان فون ڪري مشورو وٺندي ڪر. ها، Leeds نالي، جتي پاڻ آهي، چيائين تہ اسان وٽ تو وارو Subject ڪونهي. لنڊن يونيورسٽي بهتر اٿئي.

ويزا جي لاءِ ٽالپر صاحب (مير علي احمد ٽالپر) کي فون ڪري ٿي چوان. پروفيسر علويءَ ڪلهہ فون تي چيو تہ ٽالپر صاحب چيو پئي تہ جاءِ مٿائي اٿس تہ مون کي اطلاع ڪونہ ڪيو اٿس. مون بہ ٽي دفعا فون ڪئي پر ڪونہ مليو.

چاچي غلام مصطفيٰ کي ويزا لاءِ ڪونہ چيم، جو سمجهيم تہ داخلا ٿي وئي تہ پوءِ ڪنهن کي چوڻ جي ضرورت ڪانہ پوندي. چاچو اڄ هوٽل مٿائي پئي هنڌ ويو هوندو. سياڻي صبح جو روانا ٿيندا مديني، جتي چاچي بہ ايندي ۽ مهينو اُتي رهندا. ٿيون ڏينهن چاچي وٽ وئي هيس، وري ڳالهائڻ ڪونہ ٿيو.

توهان لکيو آهي تہ ڪلڪتي يا اديار مدراس، انتظام جو. سو پنهنجي پاسپورٽ تي تہ، نٿو وڃي سگهجي. British پاسپورٽ ٺهرائي وڃي سگهجي ٿو پر وري واپس اچڻ جي صفا اميد لاهڻي پوندي. ايتري همت اڃان پيدا ڪري نہ سگهي آهيان.

جرمنيءَ يا آمريڪا جي ڪا زبان سکڻ لازمي ٿي پوندي. وري بہ ڪنهن سان مشورو ڪنديس. آمريڪا ۾ لائيف تمام مختلف آهي. ۽ Safety ڪانہ آهي. اُتي جون ڇوڪريون، جيڪي هت آهن، انهن خود ٻڌايو تہ Crimes تمام گهڻا ٿا ٿين. ڪير بہ اڪيلي هلي يا رهي نٿو سگهي، خاص ڪري ڇوڪرين لاءِ مشڪل آهي.

ها، ايران ڪوشش ڪريان ٿي تہ اهو سال اُتي داخلا ملي تہ سٺو ٿيندو. هڪ سهيلي هاسٽل واري، Ph.D ڪري وئي آهي. Tehran يونيورسٽيءَ ۾ آهي. انهيءَ کي لکان ٿي.

توهان پنهنجي مرضي ٻڌائجو. ٻيا جيڪي خط ڇپيا اٿو سي بہ لکنديس.

اميد تہ توهان سڀ خوش هوندا، سلام ۽ پاڪر سيني کي.

توهان جي ڌيءَ

درشهوار

Middlesex
5.9.75

قبلہ گاہ پيارا بابا سائين
سدا سلامت ۽ خوش رهو.

السلام عليڪم.

عرض ته توهان جو 25 آگسٽ جو خط مليو. انهيءَ ڪان پهرين 18 تاريخ وارو مليو هئو جنهن جو جواب موڪلي چڪي آهيان. توهان جي خطن مان معلوم ٿئي ٿو ته منهنجا خط توهان کي دير سان ٿا ملن. باقي توهان جا 5 يا 6 ڏينهن ۾ ملن ٿا، ڪڏهن ته چئن ڏينهن کان پوءِ به مليو وڃي.

توهان جي خطن ڪافي همت وڌائي آهي. جمڻ کان وٺي جو ٻين جي سهاري جي محتاج ٿي رهڻ ڪري عادت خراب ٿي وئي هئي، ڪڏهن پيءُ يا ماءُ ته ڪڏهن ڀينرن ۽ ڀائرن جو آسرو. هاڻي خبر پئي ته ڪو ڪم يا فيصلو خود ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

لنڊن ۾ اچڻ کان پوءِ خبر پئي اٿم ته زنده رهڻ ۽ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ دنيا ۾ ماڻهوءَ کي ڪيترو نه پاڻ پتوڙڻو ٿو پوي. انهيءَ جي باوجود جڏهن Hopes Shatter ٿيو ٿا وڃن، ته عادت مطابق بي ساخته دل گهرندي آهي ته ڪو پنهنجن مان هجي ته مدد نه ڪري سگهي، ته گهٽ ۾ گهٽ انهي سان حال اوري اندر جو غبار هلڪو ڪجي. پر هڪڙي ڪري سنو آهي ته اهو به تجربو ٿيو. جڏهن دور دور ڪوبه نظر نه ايندو آهي ته پنهنجي بي بسيءَ تي ماتم ڪريو صبر اچيو وڃي.

جي فيل نه ٿيان ها ته زندگيءَ ۾ اهڙو تلخ تجربو ڪڏهن نه ٿئيم ها. خبر پئي ته جيڪي واقف منهن تي همدردي پيا ڪن، پرپٺ پڇا پيا ڪن ته پاڪستان وئي يا اجان اتي آهي؟ جي هتي آهي ته ڇو آهي؟

پاڪستاني، اسان جي ڊپارٽمينٽ واري استاد ته حد ڪري ڇڏي، جڏهن لائبريريءَ ايندي ويندي ڏسي ته پڇي ته ڪڏهن ٿي وڃين؟ مون پهرين سندس پڇڻ تي، سجڻ سمجهي چيو مانس ته چون ٿا ته B.A ڪر. چيائين پلجي به متان B.A ڪرين. مون چيو ته پوءِ داخلا توهان M.A ۾ وٺي ڏيو. چيائين لنڊن ۾ ته ڪانه ملندئي، جو هنن کي رد ڪونه ڪرڻو اٿن. مون

ڇيو ٿئي هنڌ ڪٿي؟ تہ ڇياٿين، ڇڏ پڙهڻ ڪي سڄي عمر پئي پڙهندينءَ ڇا؟ ڪالهہ مون بہ اهڙو جواب ڏنو مانس جو حيران ٿي ويو. ڇيومانس تہ ڪا ڏگري ڪريان يا اِئين پئي هلان، پر رهڻو مون کي بہ لنڊن ۾ آهي. پڇياٿين ڪرين ڇا پئي، ڇيم تہ تفريح پئي ڪريان. وري پئي ڪنهن صلاح ڏني تہ نوڪري ڇو نٿي ڪرين. مون ڇيو تہ بک ٿي مران ڇا يا توهان کان گهريو اٿم؟ خير ڪجهہ ڪجهہ ماڻهن کي سمجهڻ شروع ڪيو اٿم. اجائي ڊيگهہ ڪري ويس. هاڻي مطلب جي ڳالهہ Sindhi Culture تي U.T. Thakur جو ڪتاب بہ ڪافي ڪارائتو نڪتو. پر انهيءَ ۾ گهڻو ڪري سنڌي مسلمانن کي بلڪل ignore ڪري ويو آهي، ڇو تہ هن وري لکيو آهي تہ انڊيا ۾ هنن پنهنجو ڪلچر ڪيئن زنده رکيو آهي. ٻيا ڪتاب جيڪي پڙهان پئي سي Races & Culture تي آهن. انهيءَ مان idea ورتو آهي تہ مون کي پنهنجي Thesis ڪيئن organize ڪرڻ گهرجي. هر وقت اهو محسوس ڪندي آهيان تہ توهان گڏ هجو ها تہ گهڻي مشڪل آسان ٿي وڃي ها. ڪيترا سوال ذهن ۾ ايندا آهن، جن جو مون کي پتو ڪونهي ۽ يقيناً توهان انهن ۾ رهنمائي ڪري سگهو ها هڪ بہ سوال لکان ٿي انهن جو جواب مهرباني ڪري لکندا. جو هر ڪو مون کان پڇي ٿو.

مسلمان صوفي، پهرين سنڌ ۾ ڪڏهن آيا؟ هڪ تہ سچل سرمست جو ڪو بزرگ محمد بن قاسم سان آيو. پر منهنجي خيال ۾ اُهي تہ انهي کان پهرين ڪير آيا هوندا ۽ انهن جا dates ڪيئن ۽ ڪالا.

توهان جي ڪتاب ۾ لکيل آهي تہ چار صوفي ادارا آهن. شاهہ عنايت صوفي جي جمر ۽ وفات جي تاريخ ڪيئي ۽ "The Indian Muslims" پروفيسر مجيب جو پڙهيم. انهي مان معلوم ٿيو تہ هندوستان ۾ ٽي صوفي آرڊر آيا، جن مان سهروردي آرڊر سنڌ ۾ آيو. هتي مون کي ٻڌائڻو آهي تہ سنڌ ۾ ڪهڙا صوفي آرڊرن سان تعلق رکندڙ صوفي سنڌ ۾ هئا. شاهہ لطيف، شاهہ عنايت، بيدل، روحل وغيره مطلب تہ هر هڪ صوفيءَ جو ڪهڙي آرڊر سان تعلق آهي. لکڻ ۽ پڙهڻ وقت ڊزن سوال ٿا ذهن ۾ اچن. في الحال انهن جا جواب لکندا.

هڪ پروفيسر ڇيو تہ يونيورسٽي آف شڪاگو وچين يا Mexico يا

Paris تہ آئون تنهنجي ڪجهہ مدد ڪري سگهان ٿو. ليٽر لکي ڏيندس. ڪي سنڌس واقف آهن. پر پيرس لاءِ فرينچ ۽ Italian سکڻي پوندي. ها تہ ڪيم پر ٿوري تجربي مان خبر پئي آهي تہ چوڻ ۽ ڪرڻ ۾ وڏو فرق آهي. مدد لاءِ چون ٿا، پر وقت تي ڪير ڪم ڪونہ ٿو اچي، انهيءَ ڪري پنهنجي منهن ڪوشش ڪجي تہ بهتر آهي.

توهان جي همت افزائي جي خطن ۽ ناڪاميءَ جي تجربي، همت ڪجهہ وڌائي ڇڏي آهي. توهان جون دعائون ۽ ساٿ رهيو تہ انشا الله جيئن توهان چاهيو ٿا، توهان جي مشن جي ڪاميابيءَ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪنديس. جيڪا انسان جي وس ۾ ٿي سگهي ٿي. Sensitive Nature ڪري ڪڏهن دل سست ٿيو وڃي، پر خدا ڪندو تہ over come ڪري وينديس.

گهر ۾ سيني جي طبيعت جو خيال رهي ٿو. خاص ڪري توهان جو ۽ امان جو گهڻو فڪر ٿو رهي. خدا ڪندو تہ سڀ خوش ۽ سلامت هوندا. آئون طبيعت ۾ بلڪل خوش آهيان. مصروف پڙهڻ ڪري آهيان، تنهن ڪري ڪجهہ دير خط ڪي ٿيو وڃي. هاڻي جلد لکنديس.

سيني کي پاڪر، جلال کي پيار.

توهان جي ڌيءُ

درشهوار

Middlesex
15.9.75

سدا خوش ۽ سلامت رهو آمين.
قبلہ گاه پيارا بابا سائين

اسلام عليڪم.

عرض تہ هڪ خط گذريل هفتي موڪليو هئم. اڄ (75. 9. 8) توهان جو خط پهتو. احوال معلوم ٿيو. توهان کي پهرين خط ۾ لکيو اٿم تہ، استاد راضي ٿيو آهي تہ منهنجو ڪم سپروائيزر ڪندو. پر داخلا as occasional Student ڪري ڏيندا. فارم پريو اٿم. References ۾ نالا ساڳين استادن جا ڏنم، جن پهريون پڙهايو ٿي. هڪ فارسيءَ وارو هڪ سُپروائيزر ۽ هڪ هيڊ. هن سال وري فارسي پڙهنديس. سُپروائيزر چيو تہ فارسيءَ واري کي منٿ ڪجان تہ بجاءِ هفتي ۾ هڪ دفعي جي، بہ دفعا پڙهائي. فارم Submit اڃان ڪونہ ڪيو اٿم. انهيءَ اميد جي سهاري تہ من ڪٿي باقائدي داخلا ٿي وڃي، ڊگريءَ لاءِ.

Synopsis نئين سر تيار ڪرڻو آهي، سو انهي لاءِ ڪافي ريسرچ جي ضرورت آهي. ڪافي ڪتاب Senate House مان اُڌارا ورتا اٿم. ڪيترا پنهنجي لائبريريءَ مان، Type هتي هرڪو پاڻ ڪري. يا مهينا رلائي، منٿن سان هڪ پائونڊ ۾ چار پنا Type ڪري ٿا ڏين. ڪيترن ڪلارڪن کي يونيورسٽيءَ ۾ چيم، پر ڪنهن نہ Type ڪري ڏنا. آخر ڪلهہ typewriter خريد ڪري آيس. 30 پائونڊن ۾ مليو. ننڍو آهي. اڄ ٿورو پاڻهين type ڪيم. انشا الله ڏينهن ٻن ۾ تيار ڪريان تہ Reading University ۾ وڃي قسمت آزمائينديس. هت بہ هڪ ڪاليج ۾، جيڪو لنڊن يونيورسٽيءَ سان تعلق رکي ٿو وينديس.

ويزا جو توهان کي خيال هوندو. اُهو بہ مسئلو حل ٿي ويو يا ويندو. توهان کي اڳي لکيو هئم تہ، ٽالپر صاحب (مير علي احمد ٽالپر) حمزه علويءَ کان منهنجو پتو پڇيو ۽ فون ڪئي. وري لائبريريءَ ۾ آيو. آئون بہ ويس، اڃان ٿوري گهڙي مس ڳالهايوسون تہ هڪ ڇوڪريءَ اچي مون کان پڇيو تہ، ويزا جو ڇا ٿيئي؟ مون چيو في الحال تہ ڪجهہ ڪونہ ٿيو آهي. پوءِ مون کان

پڇيائين، ٻڌايو مانس تہ منهنجي ويزا ختم پئي ٿئي، انهي وقت مون کان Particulars لکائي ورتائين. چيائين گهڻي عرصي لاءِ؟ مون چيو تہ هڪ سال. چيائين تہ چوين تہ سڄي عمر لاءِ وٺي ڏيائين. مون چيو تہ نہ چاچا خير گهرو. مون پڇيو مانِ تہ داخلا ڪان سواءِ ڪيئن ملندي. چيائين ڪو فڪر نہ ڪر. تنهنجي بابا جو نالو ڪافي آهي. پاڻ بہ ٻڌايائين تہ منهنجا ڇهہ مهينا پورا ٿيا، وري ڇهن مهينن لاءِ ورتي اٿم. مون پڇيو مان تہ ڪيئن؟ چيائون تہ بابا اسين مخالفت ۾ آهيون، هنن کي ٻڌائڻو آهي، تہ اسين پنهنجي ڪم ۾ پنهنجي خرچ تي آهيون. درخواست چيائين تہ خود لکائي، توکان صحيح وٺي موڪليندس، پوءِ پاسپورٽ گهرائيندا ۽ ويزا ڏيندا. سياڻي وري فون تي پڇندي سانس. پهرين داخلا وارا ڪاغذ بہ ڏنو مانِ.

انهي آسري تي فارم Submit ڪرڻ ۾ دير ڪئي اٿم. چو تہ فارم ڏبو تہ پئسا بہ ڏيڻا آهن. مون پنهنجي سپروائيزر کي چيو آهي تہ في الحال نٽي پري سگهان، جيسين بابا پئسا موڪلي. چيائين نيڪ آهي، جڏهن موڪلي تہ فارم Submit ڪجان. ها، تہ مختلف ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جا چڪر جدا لڳايم تہ فون جدا ڪيم، پر اُميد داخلا جي نظر ڪانہ آئي. آفيسن مان ٻڌايو ويو تہ داخلا جي آخري تاريخ، جون ۽ جولاءِ هئي. استاد موڪلن تي ويل آهن.

حمزه علويءَ جو مشورو توهان کي لکيو هئم تہ، بنا داخلا جي ڪم جاري رکان. پر سوال هئو تہ ويزا ۽ پئسن جو مسئلو ٿئي ها. پيو تہ حمزه علويءَ چيو تہ Anthropology جي استاد کي سُپروائيزر ڪريان. پر سوال هئو تہ هو راضي ٿيندو جڏهن تہ مون کي سڃاڻي بہ ڪونہ ٿو؟ ۽ في الحال تہ موڪل تي آهي.

فارسيءَ جي استاد وٽ ويس تہ فارسيءَ ۾ M.A ۾ داخلہ وٺي ڏيوم. فارسي شاعر اچي ويندا. منهنجي ڪم ۾ بہ ايندا ۽ سال بہ سڄايو ٿي پوندو. پر هن بہ انڪار ڪيو تہ لنڊن يونيورسٽيءَ جو فيصلو آهي، انهيءَ کي رد نٽا ڪري سگهون. حالانڪہ هونئن ايم اي ۾ ڪو فيل ٿيندو آهي تہ انهيءَ کي ٽي چانس ڏيندا آهن. غلطي اها ٿي جو مون M.Phil ۾ داخلا، ورتي انهيءَ جي سزا ملي اٿم.

آخر وري سوچيم تہ انگريز سُپروائيزر کي آزمايان، جيڪو خود موڪل تي ويل هئو. هڪ خط بہ لکيو هئو مانس ۾ وري آيو تہ عرض ڪيو مانس تہ مون کي as a casual research student ڪري داخلا وٺي ڏيو. ائين ڪيترين چوڪرين Crosby Hall ۾ هيون، جيڪي صرف Research لاءِ آيون هيون. ڊگري هتان ڪانہ ملڻي هين. چيومانس تہ توهان کي اعتراض بہ ڊگريءَ تي آهي، اها مون کي ڪانہ کپي. شايد رحم اچي ويس. چيائين آئون هيڊ سان ڳالهايان ٿو. بہ ڏينهن مٿو کاڌو مانس. اڄ فون ڪري ٻڌايائين تہ هُن مڃيو آهي. آئون تنهنجو سُپروائيزر ٿيندس، ڪم ڪري مون کي ڏيکارجان. وري رجسٽرار کان پڇيم تہ as a casual student کي ويزا ملي سگهي ٿي، يا توهان ڪجهہ مدد ڪري سگهو ٿا. چيائون تہ جيئن تہ توکي فيس پوري ڏيڻي پوندي، تنهن ڪري اسين ليٽر توکي ڏينداسون تہ هيءَ شاگرد آهي Full Time پوءِ ڪو مسئلو ڪونہ ٿيندئي. سومر تي انشاءَ الله اهو ڪم پورو ٿئي تہ ويزا لاءِ وڃان.

هاڻي انهيءَ ۾ نقصان اهو ٿيندو تہ ڊگري ڪانہ ملندي، پر انهيءَ وچ ۾ ڪوشش ٻين يونيورسٽين ۾ جاري رکنديس. ٻيو تہ پوءِ هنن کي ليٽر ڏيکارينديس تہ آئون هتي جي شاگرد آهيان، جيڪو منهنجي فائدي ۾ ويندو. پوءِ ممڪن آهي ٻي ڪا يونيورسٽي امتحان نہ وٺي، تہ لنڊن ۾ ريسرچ ڪئي اٿس. ڪيترين يونيورسٽين جون ايڊريسون گڏ ڪيون اٿم. پر ٽائيم پورو ٿي ويو آهي داخلا جو.

هن وقت آئون هڪ Research Proposal پئي تيار ڪريان. اهو جيترو جلد پورو ٿيو تہ سُپروائيزر کي ڏيکاريندس. پهرين تہ اها بہ اميد ڪانہ هيم تہ ائين بہ داخلہ ڏيندا.

ٽيون ڏينهن فارسيءَ واري جواب ڏنو تہ همت هاري ويٺيس. باٿ روم ۾ وڃي (چوٿہ لائبريريءَ ۾ هيس) خوب رنم. ڪجهہ بار لاهي، وري منهن ڌوئي، رجسٽرار ڏي ويس ۽ استاد بہ اتفاق سان فون تي ملي ويو.

توهان تہ خبر ناهي انهيءَ قسم جي داخلا کي پسند ڪريو يا نہ. انهيءَ کان سواءِ ڪو چارو ڪونہ هئو. آمريڪا وغيره جي يونيورسٽين جون بہ ايڊريسون تہ اٿم. پر داخلا جي تاريخ ڪانهي. هاڻي لکندي سانِ پوءِ پلي

آئيندي سال ڏين. اهو بہ لکنديس تہ هن وقت انهي سلسلي ۾ لنڊن ۾ آهيان.

ڪلڪتي وغيره بہ خط لکنديس، پر پنهنجي پاسپورٽ تي وڃي نٿو سگهجي. British Passport اڄ ڪلهہ ڏاڍو ڏکيو ٿو نهي، ڇو تہ پاڪستانين اهڙو تہ هتي هنن کي تنگ ڪيو آهي، جو هاڻي ڊڄي ڏيندا.

ڪراچيءَ واري استاد جو توهان لکيو آهي، انهيءَ جي ايڊريس مون وٽ ڪانہ آهي. اُهو لڏي ڪونہ ويو هئو جرمنيءَ، پر پُٽ ۽ ننهن سان ملڻ ويو هئو سو موٽي ڪراچي آيو هئو.

توهان پنهنجو ڪتاب پورو ڪريو تہ ضرور موڪلجو. يقيناً فائدي مند ثابت ٿيندو. آخر ۾ ريفرنس ڪتابن جا لکندا تہ Quote ڪرڻ وقت آساني ٿيندي.

هن وقت تائين، جي توهان نہ همٿ افزائي ڪريو ها تہ هت هرگز نہ پهچي سگهان ها ۽ ناڪاميءَ کان پوءِ فوراً ٽڪيٽ وٺي اچي نڪران ها. شڪر آهي تہ ڏک جهلي ويس.

توهان مهرباني ڪري پنهنجي مرضيءَ کان واقف ڪندا.

سلام ۽ ياڪر.

توهان جي ڌيءَ

درشهوار

Middlesex
16.9.75

خدا سلامت رکيوَ.
قبله گاه پيارا بابا سائين

اسلام عليڪم.

رات هڪ خط لکي رکيم، ته صبح جو توهان جو 11 سيپٽمبر جو خط مليو.

اڄ ٽالپر صاحب (مير علي احمد ٽالپر) کي فون ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم، پر نمبر خراب اٿس. توهان کي خط لکي پاسپورٽ ڪٽي وڃان ٿي جاءِ تي. ويزا جو مسئلو حل ٿي ويندو. پر جي مير صاحب نه ملي سگهيو ته داخلا جو فارم پري، ليٽر وٺي Home Office ويندس. خدا ڪندو ته جلد ڪم ٿي ويندو. منهنجي به دماغ تان ڪافي بار هلڪو ٿي ويو آهي.

Occasional داخلا جو اهو فائدو ٿيندو ته، باقاعدي حاضريءَ جي ضرورت ڪانه پوندي. پوءِ وچان هڪ ٻن مهينن لاءِ مختلف يونيورسٽن ۾ وڃي، ريسرچ ڪري واپس ايندس.

مسٽر عزيز بلوچ جو پٽو مون کي گذريل سال مليو هئو. ڏاڍي ڪوشش ڪيم ته ساڻس ملان، نه فون تي ملي سگهيو نه گهر، وري ڪوشش ڪنديس.

سنڌي هندن جون به ٿي ايڊريسون اٿم. انهن سان به ڪنهن نموني contact ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديس.

اٽليءَ ۾ هتان جو هڪ استاد پروفيسر ٿي ويو آهي هنديءَ ۾، هن وقت انڊيا ويل آهي. آهي به اصل اُتي جو. انهيءَ کي به خط لکان ٿي ته، انڊيا مان به پڇا ڪرائي موڪلي ۽ اٽليءَ مان به. انهن پهرين به ليٽر لکي ڏنو هئو. جيتوڻيڪ ليٽر ڪم ڪونه آيو آهي. ڪافي helpful ماڻهو آهي.

هنن ٻن هفتن ۾ ڪافي ريسرچ ڪئي اٿم، صرف Synopsis لاءِ، حمزاه علويءَ چيو ته ٽاپڪ رک Role of Sufis in Sindhi Society پوءِ ايراني صوفين جو اثر به پلي ڏيکار، پر ڏيکارڻو آهي ته سنڌي سوسائٽيءَ کي صوفين ڪيئن Mould ڪيو ۽ ڪلچر ناهڻ ۾ هنن جو ڪيترو رول آهي. انهيءَ ۾ چيائين ته ريسرچ وڌيڪ فائدي مند ٿيندي، هونئن صرف صوفي Thought تي ريسرچ ٿيندي، اينٽراپالاجيءَ جي

نقطہ نگاه کان سچي سنڌ سوسائٽي، ڪلچر، پاليٽڪس ۽ رليجن اچي ويندا. ۽ اهو ڏيکارڻو پوندو تہ صوفين جو انهيءَ ۾ ڪيترو رول هئو ۽ هيءَ واحد اهڙي قسم جي ريسرچ هوندي جيڪا خاص ڪري سنڌ مان ٿيندي. سچي اهو بہ پڇيائون تہ، سنڌ ۾ ڪي صوفي شهيد ٿيا هئا؟ مون چيو تہ هڪ شاهہ عنايت صوفي ۽ ٻيو مخدوم بلاول، انهن جي مون کي خبر آهي. چيائين تہ بيڪ گرائونڊ ۾ ڪهڙا Factors ذميدار هئا، اُهو معلوم ڪرڻو آهي. انهي لاءِ توهان جا ڪتاب لائبريريءَ مان اُڌارا ورتا اٿم. سنڌي ڪلچر، پيغام لطيف، ديار دل داستان محبت ۽ جيئن ڏنو آهي مون، وري پڙهان پئي، Structure لاءِ انگريزن جا ڪتاب پڙهيا اٿم ۽ پڙهان پئي. هندو مصنفن جا بہ ڪافي ڪتاب مليا آهن، جيڪي انگلش ۾ آهن.

في الحال دولتانہ (ممتاز احمد دولتانہ) کي نہ چئو جو مير صاحب ويزا وٺائي ڏنو ڏئي. باقي داخلا لاءِ جيڪا مدد ڪري سگهي تہ تمام سٺو. پر پهرين Synopsis تيار ڪريان، پوءِ تہ ڪنهن کي چوان. ڪوشش ڪنديس پر مون کي دولتانہ ۾ اميد گهٽ ٿي لڳي. هاڻي تجربو ٿيو اٿم تہ ڏکئي وقت ۾ ڪير ڪم نٿو اچي. سواءِ پنهنجي مدد پاڻ جي. ها چاچي غلام مصطفيٰ شاهہ ڳالهہ ڪئي هئي تہ، خان بهادر کهڙو بہ لنڊن ۾ آهي. پر اُهو هٽ آهي تہ پوءِ سمجهو تہ، دولتانہ جي هوندي ڪم ڪري، تہ بہ ڪونہ ڪندو. چو تہ آئون جڏهن حميده وٽ ويندي هيس، تہ بہ مُنهنَ جي تاثر مان خبر پوندي هئي تہ هن کي ناگوار ٿو لڳي.

فرج جا شيشا ورتا رکيا آهن ۽ وٽيون بہ. پر ڪنهن کي ڏيان. هت تہ سردي شروع ٿي وئي آهي. اتي خبر نہ آهي موسم ڪيئن آهي.

ايران واري فرينڊ جيڪا مون کي فارسي پڙهائيندي هئي، اُها 14 سيپٽمبر تي ايران وئي آهي. چيائين تہ آئون توکي تفصيل سان پيچي موڪليندس.

هندوستان وارن کي اجان ڪونہ لکيو اٿم. انهيءَ ڪري جو هي جيڪو Synopsis پئي لکان، تنهن لاءِ ڏاڍي ريسرچ ڪرڻي پئي آهي.

اميد تہ توهان خوش هوندا.

توهان جي
درشهوار

Middlesex
30.9.75

سدا خوش ۽ سلامت رهو.
قبله گاه پيارا بابا سائين

عيد مبارڪ.

توهان جو خط گهڻن ڏينهن کان پوءِ مليو. ڏاڍو انتظار ڪرڻو پيو. رات صرف عيد مبارڪ لکي رکي ڇڏيم. جو دل ڏاڍي پرجي آئي. وري سوچيم ته صبح تائين انتظار ڪريان. خدا ڪري ته ڪو خط اچي وڃي. روزو رکي نماز پڙهي، خط جو انتظار ڪرڻ لڳيس ۽ خط ملي ويو. ڏاڍي خوشي ٿيم. خوشيءَ ۾ ڳوڙها به اچي ويا. رمضان اچي پورو ٿيو آهي ته مون به روزا رکڻ شروع ڪيا آهن. ٿڌ آهي، ڪا خبر ڪانه ٿي پوي. سوچيم ته فائدو نه ٿيندو ته نقصان به ڪونه آهي.

ويزا لاءِ درخواست مير صاحب (مير علي احمد ٽالپر) لکي ڪٽي آيو لائبريريءَ ۾. آئون پاسپورٽ کڻي ويس. مون سمجهيو ته پاڻ به پنهنجو ڪو حوالو وغيره ڏيندو. سو ته ڪجهه به نه ڏنائين. چيائين ته پوسٽ آفيس هلو. سو گڏجي ويس. درخواست جيڪا منهنجي طرفان هئي ۽ پاسپورٽ. لفافي ۾ وجهي تڪليون هٽي موڪلي ڇڏيائين. چيائين اهو ڪافي آهي.

آئون مطمئن ڪانه ٿيس. Immigration وارو نوٽيس پڙهيم ته انهيءَ ۾ لکيل هئو ته به فوٽو ۽ اُهو نوٽيس ۽ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا جو ثبوت موڪلڻو هئو. مون وري پي درخواست ٽائيپ ڪري، فوٽو ۽ پراڻي داخلا واري ليٽر جي ڪاپي في الحال ته موڪلي ڇڏي. هاڻي ڏسجي ته ڇا ٿو جواب اچي. منهنجي خيال ۾ رجسٽريشن ڪرائي ڇڏيان. هن سال ٻئي هنڌ داخلا جي آسري ۾ ويهڻ اجايو آهي.

ايڊنگ يونيورسٽيءَ ويس، اُنهن به جواب ڏنو ته وقت گذري ويو آهي. يونيورسٽي ڪاليج لنڊن ۾ ڪوشش ڪيم. هنن چيو ته هن سال ته سُوال ئي نٿو پيدا ٿئي، باقي آئيندي سال لاءِ وٺين ته ڏيون. تنهن لاءِ ٻن References جا خط آڻ ۽ ڊگريون وغيره ڏيکاريون. سو به ٻن سالن جو ڊپلوما ڪورس اينٿروپالاجيءَ ۾ ٿيندو. پوءِ پاس ڪري ريسرچ ڪري سگهين ٿي. مون چيو

تہ هن سال ٿئي ها تہ بہ سال بہ چڱا. پر هن کان سواءِ سو فارم وٺي رکي ڇڏيم. سياٽي انشا الله رجسٽر ڪرائي ايندس Occasional لاءِ.

توهان دولتانہ جي نالي لکيو سو مير صاحب کان پڇيم تہ توهان وٽ نمبر آهي فون جو. پنهنجا سنڌي ڊاڙ تہ وڏي هٽندا آهن. چيائين آئون خود ٿو فون ڪري Appointment وٺي ڏيان. 12 ڏينهن ٿيا آهن نہ ڪو جواب، نہ سوال. فون ڪٿي مانس تہ "جي حاضر" جي دير ڪانہ آهي. لنڊن جي اسان وٽ ڊائريڪٽري ڪانہ آهي، نہ تہ نمبر خود ڪڍان ڪٽي. خط وري لکنديس، نمبر ڪنهن ڇوڪريءَ کي چيو اٿم تہ ڳولي ڏڏائي.

توهان جي ڌيءَ

درشهوار

Middlesex
1.10.75

سدا خوش هجو.
قبلہ گاه پيارا بابا سائين

اسلام عليڪم.

اج ويزا لاءِ هوم آفيس مان ليٽر آيو تہ جيئن پاسپورٽ تيار ٿيو تہ واپس ڪندا، يعني ويزا ملندي. تيسين مير صاحب تي بہ خارون پئي آيم. انهيءَ ڪري جو هڪ تہ چيائين تہ پنهنجي طرفان وٺي ڏيندس ۽ پوسٽ ۾ بنا ڪنهن حوالي جي موڪليائين، جيڪو خود بہ ڪري سگهيس ٿي. پيو تہ پهرين چيائين تہ پاسپورٽ تي تنهنجي بابا جو سچو نالو آهي، تون ڏنگين ۾ نالو لکي موڪلجان تہ سمجهي ويندا. سو بہ پوءِ چيائين تہ ٺهيو نہ لڪ، بهرحال مشوري لاءِ شڪريو ادا ڪندي سانس.

هاڻي ڪجهہ سوچ ۾ پئجي وئي آهيان تہ رجسٽريشن ڪرايان يا نہ؟ چو تہ سچو چڪر ويزا جو هئو. پر جي نہ ڪرائيندس رجسٽريشن تہ فارسي پڙهڻ بہ ڇُٽو ۽ يونيورسٽيءَ سان تعلق بہ ڇُٽو. پر 350 پائونڊ اجايا ڀريندي بہ ڏک ٿو ٿئي، تہ جڏهن ڪو باقائدي ڪورس نٿا ڪرڻ ڏين تہ ڇو ڏيان. ڪي سهيليون چون ٿيون تہ نہ رجسٽريشن ڪراءِ. ڪي چون تہ ٿي وڃ. صبح يونيورسٽيءَ وڃي سُپروائيزر سان ڳالهايان تہ ڇا ٿو چوي.

هن سال ڪو خاص ڪورس ڪرڻو نہ ٿيندم تہ پوءِ ٻين يونيورسٽين وڃي سنڌ تي ڪتاب ۽ توهان جيڪي ڪتاب چيا آهن، ڳوليندس ۽ ڪجهہ پروفيسرن سان بہ ملنديس. هتي ”رچرڊ برٽن“ جو ڪتاب تاريخ سنڌ تي پڙهيم. جيڪو 1851 ۾ ڇپيو هو شايد توهان وٽ هجي، اهو Rare ڪتابن ۾ آهي. بہ پراڻا جلد آهن. پر تمام Critical لکيو اٿس. H.T.Sorly انهيءَ جا ڏاڍا حوالا ڏنا آهن. نالو اٿس ”Sindh, the unhappy valley“ سنڌي گرامر جا پراڻي سنڌيءَ ۾ لنڊن ۾ ڇپيل ڪتاب بہ ڏٺم. اهڙا ڪتاب ملڻ تہ مشڪل آهن. چئو تہ فوٽو ڪاپي ڪڍائي موڪليان، پيا بہ تلاش ڪنديس. هندن، سنڌ ۽ سنڌي ڪلچر وغيره تي ڪافي لکيو آهي. هاڻي انڊيا آفيس لائبريريءَ بہ ويندس، جو ڏس مليو آهي. بلڪ آئون خود ڏسي آئي هيس تہ

ڪافي اُتي ڪتاب آهن. توهان جيڪي ڪجهہ Subject جي باري ۾ لکيو آهي، يقين اٿم تہ ڪافي فائديمند ثابت ٿيندو. شاهہ نصير جو قلمي نسخو مون کي ڏنو هئو انهيءَ ۾ صرف ڪلام آهن. سندن زندگيءَ جي باري ۾ جنم ۽ وفات جي تاريخ وغيره ڪجهہ بہ نہ آهي.

شاهہ عنايت جي زندگيءَ تي توهان اڳي لکيو هئو تہ ڪتابڙيون پير صاحب کان وٺي موڪليندا. اُنهن جي بہ ضرورت ٿيندي. جيڪي صوفي شهيد ٿيا، انهيءَ وقت ۾ ملڪ جي سياسي حالت يقيناً خراب هوندي. اُنهن جي شهادت جي سبب لاءِ Background ۾ انهي وقت جي سياست هوندي. صوفين کي حڪومت وقت، سندن طاقت يا Power لاءِ Threat سمجهيو هوندو. انهيءَ جا ڪهڙا سبب هئا؟ ڇا ڪن صوفين ظالم حڪومت سان جنگ بہ ڪئي هئي يا نہ؟ اهي سوال ڪجهہ اينٿروپالاجيءَ جي ڪتابن پڙهڻ مان، ذهن ۾ آيا آهن. انهيءَ ريسرچ مان خبر پوندي تہ سنڌي صوفين، سنڌي سوسائٽيءَ کي ڪيئن Mould ڪيو.

پئسن لاءِ ڇيو اٿم. ڇون ٿا تہ جيترا ڇئو تہ ڏيڻ لاءِ تيار آهن. جيترا توهان ڇئو تہ هنن کي ڇوان. پائونڊ جي اگهہ لهڻ ڪري 22ـ23 روپيہ هڪ پائونڊ ملندو. ايران مان اڃان جواب ڪونہ آيو آهي. جيڪا نئين ڳالهہ ٿي جلدي لکنديس.

توهان جي ڌيءُ

درشهوار

Middlesex
15.10.75

همیشه سلامت هجو.
قبله گاه پيار بابا سائين

اسلام عليڪم.

گھڻي انتظار کان پوءِ توهان جو خط، اديءَ جي خط سان گڏ مليو. دير سان خط اچڻ ڪري ڏاڍي ڏي پريشاني ٿئي.

بئنڪ ذريعي جيڪي پئسا ايندا آهن، هن مهيني جا اڃان ڪونه مليا آهن. ٿي سگھي ٿو ڏينهن ٻن اندر ملي وڃن يا هنن کي وري ليٽر موڪلڻو پوندو.

داخلا لاءِ فارم پري ڏنو اٿم as an occasional student فارسي ڊپارٽمينٽ جي هيڊ، پروفيسر ليٽن جي سگنيچر لاءِ ترسيل آهي. اها اجازت ڏئي ته پئسا ڏئي داخلا پڪي ٿئي. تاريخ وارن اجازت ڏني آهي. اينٿروپالاجي وارن به چيو آهي ته سوشيالاجي آف اسلام جا سيمينار پلي اچي Attend ڪجان. مون لکيو اٿن ته مون کي اينٿروپالاجيءَ جي ڊپلوما جا ڪلاس Attend ڪرڻ جي اجازت ڏيو. ڏسجي ڇا ٿا ڪن. اسان جي اسڪول ۾ اينٿروپالاجيءَ جي هيڊ سان مليس. هن کي پنهنجي Subject جي باري ۾ ٻڌايم، ڏاڍو متاثر ٿيو.

ٻڌايو مانس ته پروفيسر علويءَ چيو ته، پاڪستان ۾ ههڙي قسم جي ريسرچ ڪڏهن ڪانه ٿي آهي. صوفين جي Thought تي ڪافي لکيو ويو آهي، پر سنڌن سوسائٽيءَ ۾ ڪهڙو رول رهيو ۽ سنڌي سوسائٽيءَ کي Mould ڪرڻ ۾ صوفين جو ڪيترو پارٽ رهيو انهيءَ تي ريسرچ ڪرڻ تمام ضروري آهي. هن پروفيسر چيو ته، پوءِ فيلڊ ورڪ لاءِ هڪ سال کان پوءِ واپس سنڌ وڃڻو پوندئي. ريسرچ ڪري متيريل جمع ڪري، انهيءَ کي پيش ڪرڻو پوندئي وغيره. پهرين ته ڏاڍو چاهه ڏيکاريائين. پوءِ پڇيائين ته تاريخ ۾ هئينءَ. پوءِ تنهنجي استاد سان مشورو ڪريان. آخر رزلٽ جو به ٻڌايو مانس. چيائين پوءِ جواب ڏيندس. ڏاڍي خوشي ٿيم ته ڊپلوما لاءِ داخلا ملي ته ڏاڍو سٺو ٿيندو ۽ توهان کي به خوشخبري موڪليندس. پر خوشي راس

ڪانہ آئي ۽ هن داخلا ڪان انڪار جو خط لکيو. باقي خالي سيمينار Attend ڪرڻ لاءِ لکيو اٿس. مون وري بيا ڪلاس Attend ڪرڻ لاءِ اجازت گهري آهي. لڳي ٿو تہ تاريخ وارن منهنجي داخلا لاءِ اعتراض ڪيو آهي. جنهن ڪري هن هيتري دلچسپي ڏيکاري، پوءِ انڪار ڪيو آهي.

اڄ فارسيءَ جي استاد سان مليس. پڇيائين تہ ڇا پڙهڻو اٿئي. چيو مانس، مثنوي مولانا رومي. اڄ شروع ڪرايائين. هڪ انگلش ۾ هڪ فارسي Volume لائبريريءَ مان اُڌارو ورتو اٿم. شايد پيو بہ ڪو فارسي ڪلاس Attend ڪريان.

ويزا لاءِ وري هڪ فارم ڀرڻ لاءِ موڪليو اٿن تہ پنهنجي ۽ فادر جي متعلق Particulars لکي موڪل. باقي ليٽر اسڪول وارو بہ مليو اٿن، جيڪو موڪليو مانِ. هن ۾ صرف ناالا ۽ ڄم جي تاريخ ۽ قوميت وغيره پڇيو اٿن. اِهو ملڻ ڪان پوءِ پاسپورٽ واپس ڪندا. هفتي اندر ملڻ گهرجي.

توهان جي ڌيءُ

درشهوار

12.11.75

قبلہ گاہ پيارا بابا سائين.

شال توهان جي سايي ۾ پساهہ پورا ٿين! (آمين)

السلام عليڪم.

توهان جو 30 آڪٽوبر وارو خط مليو. دولتانہ (ممتاز احمد دولتانہ، سفير برطانيہ) ڪان تائيم وني ڪلهہ وچي ساڻس مليس. تمام سٺي نموني پيش آيو. چيائين تہ تنهنجي والد صاحب ۽ منهنجي 40 سالن جي دوستي آهي، مون کي هن لاءِ تمام گهڻي عزت آهي. محمود مون کي راولپنڊيءَ مان چيو ۽ لکيو آهي تنهنجي نالي، مون چيو تہ هوءَ منهنجي بہ ڏيءَ آهي وغيرہ.

وري چيائين تہ آئون تنهنجي ڪهڙي قسم جي مدد ڪري سگهان ٿو. اُها ڳالهہ ٻڌاءِ. مون سڄي داخلا، امتحان وغيرہ جي باري ۾ ڳالهہ ٻڌائي مانس. چيائين، تون صرف لنڊن ۾ رهڻ ٿي چاهين يا جتي داخلا ٿي سگهي. مون چيو لنڊن ۾ ضروري ڪونهي، جتي بہ منهنجو سبجيڪٽ هجي، آئون وڃڻ لاءِ تيار آهيان. (اهو انهيءَ ڪري چيومانس جو لنڊن ۾ مختلف ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ وڃي پڇا ڪرائي چڪي هيس ۽ جواب گهڻو ڪري، انهيءَ ڪري بہ مليو هئو جو انڊيا ۽ پاڪستان ۾ دلچسپي رکندڙ استاد ڪونہ ٿي مليا. جيڪو Supervisor ٿيڻ لاءِ راضي ٿئي) سواءِ ساڳي اسڪول جي، اُنهيءَ اسڪول وارا اِنهيءَ ڪري نٿي راضي ٿيا. جو هڪ ڊپارٽمينٽ جي فيصلي کي ٻي ڊپارٽمينٽ رد نٿي ڪرڻ چاهيو. (اهو بہ هڪ بهانو هئو) پوءِ ايڊيوڪيشن ڪائونسلر کي منهنجي سامهون فون ڪري چيائين تہ، مون وٽ جي ايم سيد جي ڏيءَ آئي آهي، هن کي داخلا وٺائي ڏيڻي آهي. تون خاص دلچسپي وٺي، جانچ ڪرائي هن جي داخلا وٺي ڏيڻ ۾ مدد ڪر. اهو بہ چيائينس تہ، حڪومت جو هن جي فادر سان ڪهڙو بہ رويو هجي، سياسي ڳالهيون پنهنجي جڳهہ تي آهن، پر هو منهنجو دوست آهي، جنهن لاءِ مون کي گهڻي عزت آهي. جي ضرورت پوي تہ آئون پنهنجي طرفان بہ ليٽر ڏيندس. پوءِ مون کي چيائين تہ خط لکين تہ منهنجا Regards ضرور لکي ڇڏجان. اهو بہ ٻڌايائين تہ، اسان جي حڪومت جو هنن جيٰ ادارن تي ڪو زور تہ نٿو هلي سگهي، پر اسين پنهنجي طرفان پوري ڪوشش ڪنداسون.

پوءِ ڪائونسلر وٽ ويس Research Proposal ڏيکاريو مانس. فارم ڏنائين ته اهو پري ڏي، پروپوزل ۾ ٿوري ڦير گهير ڏسيائين ته ڪر، سڀ پرٽيوڪلرس ڪٽي، سياٽي 13 تاريخ وري اچڻ لاءِ چيو اٿس. ڪائونسلر کي اهو به ٻڌايم ته پرمٽ سال جي هئي، هاڻي پئسا اچڻ بند ٿي ويا آهن. چيائين ته داخلا ٿئي ته پوءِ اسين هتان لکي موڪليندا سون، اها ڳالهه ڏکي ڪانه آهي. وري چيومانس ته في الحال ساڳي اسڪول ۾ داخلا لاءِ چيو هئم، جنهن جي منظوري ملي آهي، پر ڪنهن ڊگريءَ لاءِ ڪونه آهي. چيائين في الحال فيس نه ڏي، ڪوشش ڪريون ٿا. داخلا ملي وڃي ريسرچ لاءِ، ته پوءِ اهي پئسا اجايا ڇو وڃن. چيائين ڪوشش ڪنداسون ته هن مهيني جي آخر تائين داخلا جي خبر پئجي ويندي.

ٻي ڳالهه ڊاڪٽر حميده جو چوڻ ته، ويزا رواجي طرح ملڻ گهرجي، سا پنهنجي وقت جي پئي ڳالهه ڪري، هاڻي پاڪستان ڪامن ويلٿ مان نڪري ويو آهي، انهيءَ ڪري قانون تمام سخت ڪري ڇڏيا اٿن. مون داخلا جو پراڻو ڪاغذ موڪليو. اجان پاسپورٽ واپس نه ڪيو اٿن. ڊاڪٽر حميده، پروفيسر زيديءَ جي باري ۾ درست ٻڌايو آهي. هن جو جيڪو رويو رهيو آهي، انهي مان ظاهر آهي. پر مون توهان کي انهي ڪري ڪونه لکيو جو سوچيم ته متان توهان سمجهو ته عام شاگردن جيئن، پنهنجي ڪمزوريءَ جو الزام لاهي ٻين تي مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. امتحان جي لاءِ ته ڪجهه نٿي چئي سگهان، پر داخلا خاص ڪري ساڳي اسڪول ۾، ته انهي جي پوري ڪوشش هئي ته، مون کي ڪنهن به صورت ۾ نه ملي. اينٿروپالاجي وارو استاد، منهنجي فيلڊ آف ريسرچ ٻڌي ڏاڍي دلچسپي وٺڻ لڳو پر هفتي کان پوءِ انڪار جو ليٽر موڪليائين. ٻيو به هڪ پروفيسر هئو انهي به پهرين ڏاڍي همٿ ڏيکاري ۽ مدد جو واعدو ڪيو. پوءِ هڪ هڪ استاد جو رويو بدلجي ويو. ايترو جو فارسيءَ پڙهائڻ وارا استاد، جيڪي تمام سٺي نموني پيش ايندا هئا، اُنهن جو به بدليل رخ آهي. پر مجبورن ٻيو ڪو چارو نه ڏسي، ساڳي اسڪول ۾ ويٺو ٿو پوي. آئون فارسي پڙهڻ ويندي آهيان، "حافظ" پڙهائيندا آهن. مولانا رومي ڪجهه ڏينهن پڙهيم، پر جيئن ته ٻيو ڪو شاگرد ڪونه هئو انهي ڪري چيائون ته، خاص تنهنجي لاءِ ڪلاس

نٿا ڪري سگهون. مون بہ اڃان تہ فيس ڪانہ ڏني آهي ۽ پڙهڻ پئي وڃان.
هفتي ۾ هڪ ڪلاڪ ٿا پڙهائين، ٻيو لائبريريءَ ۾ ويهي پڙهندي آهيان.

پروفيسر ليمبٽن سان ملڻ لاءِ ڏاڍي ڪوشش ڪئي اٿم. پر سيڪريٽري اهڙي نياڳي آهي، جو ڏيڍ مهيني کان پئي رلائي. جڏهن وڃان چوي تہ هوءَ مصروف آهي، ٻئي هفتي اچ. وري وڃان تہ وري بهانو. پهرين بہ داخلا لاءِ ملڻو هئم تہ بہ ڪونہ ملڻ ڏنائين. چيائين پاڻهين منظوري ڏيندا، ملين ڇو ٿي؟ ڇيو مانس منهنجو شخصي ڪم آهي. هاڻي فارسي پڙهڻ جي تہ منظوري ملي، پر ملڻ اڃان نٿا ڏين.

توهان جيڪي ڪتاب لکيا آهن تہ خريد ڪري موڪليان، اُهي اسان جي اسڪول ۾ آهن. ڏينهن ٻن ۾ دوڪان تان پڇا ڪنديس ۽ وٺي رکي ڇڏيندس. ادا آيو تہ انهيءَ کي ڏينديس.

توهان جي ڏيءَ
درشهوار

Stanmore
5.1.76

پيارا بابا، پياري امان ۽ پيارين ادين

السلام عليڪم.

عرض ته توهان جا خط مليا، احوال معلوم ٿيو. ڪالهه ادا زلف* به آيو سامان به آندائين. ڪشن، ٽيڪوزي، پاپڙ، آچار مطلب ته سڀ مليو. شميءَ جو موڪليل پرس ۽ ڪوٽي به هٿي، رقم به ملي. هتان به ميمڻ ڪان ملي. اهڙي قسم جي ڪا تڪليف ڪانه آهي. في الحال Occasional داخلا به وٺي ڇڏي اٿم. شايد اڳي به لکيو هئم. ايترا ڏينهن پاسپورٽ هوم آفيس ۾ گم ٿي ويو هين، هاڻي مليو اٿن. سو خط ڪالهه مليو اٿم ته نئين داخلا جو ليٽر موڪل، هيءَ پراڻو آهي، 1974 جو. ۽ اهو به ٻڌاءِ ته ايترا مهينا خرچ ڪٿان آندو اٿئي. داخلا جو ته هيءَ نئون ليٽر ڏيکاريندي سان، پر منجهي پئي آهيان ته پئسن جو ڇا چوان. ڪن مشورو ڏنو ته بئنڪ جو ليٽر ڏيکاريو آهي ته توهان وٽ رقم آهي. پر جي Source پڇن ته ڇا تو جواب ٿي سگهي. دولتانه پاڪستان آيل آهي. الاهي بخش سومرو ڪائونسلر ٿي آيو آهي. سوچيان پئي ته انهيءَ سان ملي ڏسان ته ڪا مدد من ڪري سگهي، جيسين Sussex مان ڪو جواب اچي. پر اها داخلا به ريگيولر آڪٽوبر کان شروع ٿيندي.

ها، ايران مان چوڪريءَ جيڪا يونيورسٽيءَ ۾ هاڻي پروفيسر آهي، انهيءَ لکيو آهي ته درخواست موڪل، داخلا آئون توکي ڪرائي ڏينديس، تهران يونيورسٽيءَ ۾. پوءِ لکيو اٿس ته سال جي ڪورس لاءِ اچين يا ڪجهه مهينن لاءِ ريسرچ ڪرڻ اچين ته انهيءَ مطابق داخلا وٺڻي پوندي. منهنجو خيال آهي ته ايران داخلا ڪجهه مهينن لاءِ ملي وڃي ته فيبروريءَ جي شروع يا وچ ڌاري اوڏانهن وڃان. اتي چار پنج مهينا پڙهي، پوءِ ايڏانهن اچان، پوءِ واپس لنڊن. چوته تيسين انشاءَ الله داخلا پڪي ٿي ويندي، پوءِ ڪو مسئلو ڪونه ٿيندو. يا داخلا ايران ڪرائي Return Ticket وٺي پهرين ايڏانهن

* سيد احمد شاهه پي آءِ آي جو ڪيپٽن

مهيني ڏيڍ لاءِ اچان، پوءِ ايران وڃان، تنهن کان پوءِ سيپٽمبر ۾ وري هت اچان. ويزا لاءِ ڪوشش ڪريان ٿي، من سومرو اهو ڪم ڪري ڏئي، نہ تہ دولتانہ بہ اچڻ وارو هوندو تيسين ڪونہ ڪو حيلو نڪري ايندو. توهان خيال نہ ڪندا. الله مالڪ آهي.توهان پنهنجو مشورو لکندا.

ياڪر سيني کي، ٻارن کي پيار.

توهان جي ڌيءُ
درشهوار

Stanmore
$20^{th}$ Jan 76

سدائين سلامت هجو.
قبلہ گاہ پيارا بابا سائين

اسلام عليڪم.

عرض تہ ڪافي ڏينهن جي انتظار کان پوءِ، اڄ توهان جا ٽي خط گڏ اچي مليا آهن. هڪ 76 .1 .5 ، ٻيو 76 .1 .12 ۽ ٽيون 76 .1 .14 جو آهي.

توهان جو پروفيسر ڏي لکيل خط مليو سو موڪليومانس جنهن جي پهچ موڪليائين ۽ لکيائين تہ آئون جواب لکڻ ٿو چاهيان، ڪهڙي ايڊريس تي لکان. سو مون لکيو مانس تہ پلي موڪل، نالو جلال• جو ٻڌايو مانس تہ لک. وري ڪلهہ فون تي بہ ڳالهايومانس، جو هن لکيو تہ اجان تو Essay لکي نہ موڪليو آهي، جيڪو آئون 75 .12 .22 تي پوسٽ ڪري چڪي هيس. پوءِ ٻڌايائين تہ مون پڇا ڪئي آهي فارم ۽ پيپر، Admission Office ۾ مليا آهن. پڇيو مانس تہ توهان کي Consider ڪرڻ ۾ ڪيترو وقت لڳندو. چيائين بہ هفتا لڳي ويندا، ڇو تہ اسٽاف جا ڪاميٽي ميمبر پڙهي، پوءِ گڏ ٿي فيصلو ٻڌائيندا. اهو بہ ٻڌايومانس تہ Home office وارا بي صبر ٿي پيا آهن. چيائين تہ انهن کي اسان جي يونيورسٽيءَ جي ايڊريس ڏي، پوءِ اسان کان پڇندا تہ جواب ۾ خط لکنداسون.

مون کي هوم آفيس وارن Bank Balance لاءِ لکيو آهي تہ Bank جي Statement موڪل، تہ ڇهہ مهينن ۾ تو ڪيتان خرچ پئي ڪيو آهي ۽ پئسا بہ اٿئي يا نہ؟ سو موڪليو مان. لنڊن يونيورسٽيءَ جي داخلا جو نئون ليٽر موڪليو مان، جنهن ۾ As an Occasional شاگرد لکيو اٿن. اها داخلا صرف ويزا جي خاطر ورتي پئي، نہ تہ ڇا چوان ها تہ ڇا پئي ڪريان، جو هت رهي پئي آهيان. حالانڪہ انهيءَ تي گهٽ ويزا ڏيندا آهن. اڃان جواب ڪونہ ڏنو اٿن. ڏسان ڇا ٿا چون، نہ تہ پوءِ الاهي بخش سومري ڏي ٽائيم وٺي وينديس. سنڌي شاگرد ملڻ خاطر ويا هئس، ڏاڍو خوش ٿيو تہ ڪي سنڌي بہ آهن.

---

• جلال محمود شاهہ فرزند سيد امداد شاهہ

ايران خط ۾ درخواست موڪلي اٿم ته ٽن چئن مهينن لاءِ اچڻ ٿي چاهيان. ڏسجي ته ڪهڙو ٿو جواب اچي. آگسٽ ۾ سيپٽمبر ۾ جتي ڪٿي موڪل هوندي آهي، انهي ڪري خيال اٿم ته پهرين ايران وڃان. پوءِ واپسيءَ جي ٽڪيٽ وٺان، لنڊن جي. داخلا جي پڪ ڪري ليٽر وٺي پوءِ لنڊن کان ٻاهر نڪرڻ جو ارادو اٿم. جيئن توهان لکيو آهي. Typing جي ڪري ڪجهه ڏينهن کان پٺن ۾ سٽ پئجي وئي اٿم. Typing ۾ هڪ ڪورس Join ڪيم انهي لاءِ، ٻيو پنهنجو ڪم ٽائيپ ڪرڻو ٿو پوي ۽ صحيح ڪرسي ۽ ميز نه هئڻ ڪري تڪليف ٿي پئي. علاج ڪريان پئي. جلدي ٺهي ويندو.

ڪتاب "موهن جو دڙو" اڃان نه مليو آهي. هڪ ڪتاب گهر جو ڏسي مليو آهي ته شايد اتان ملي. سُور لهيم ته ڏينهن ٻن ۾ اوڏانهن وينديس.

ها، اخبار جنگ ۾ خبر آئي آهي ته شيخ اياز سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر ٿيو آهي. اهو ڪيتري قدر درست آهي يا غلط آهي.

ادا زلف* هٿان موڪليل سامان، مليو هوندو. ڪتاب جا صرف ٻه جلد ڪنيائين، ٻيا ڇهه رکيا آهن.

اميد ته توهان سڀ خوش هوندا. خط ڪي ٿوري دير ٿي ٿئي ته پريشاني ٿي ٿئي.

توهان جي سالگره ٻه خير سان ٿي هوندي. ڪارڊ اميد ته ملي ويو هوندو.

آئون ٻه خوش آهيان. ٻاڪر ۽ سلام.

توهان جي ڌيءَ
درشهوار

---

* ڪيپٽن پي آءِ اي سيد علي احمد شاهه

England
12.2.76

هڪـي ٻـانهي چـت ۾، ٻـي سـتي صـاحب
ڪـڍي اونهـي ڳـن مـان، اي آڳـي جـو عجـب
ايءُ سائين جو سبب، جيئن ٻڏا اُڪاري ٻار مان.

شال توهان جي سر مٿان قربان ٿيان!
قبلہ گاه پيارا بابا سائين

لنڊن جي اخبار جنگ ۾ خبر شايع ٿي تہ ويرين توهان تي وار ڪري پنهنجي وير ۽ ذلالت جو مظاهرو ڪيو.

چڱـا ڪـن چڱـائيون، مٺـايون مُـٺن،
جـو وڙ جـڙي جـن سـين، سـو وڙ سـيئي ڪـن.

خبر پڙهڻ کان پوءِ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ مون کي روئڻ کپي يا توهان کي نئين زندگي ملڻ تي، کلڻ ۽ خوشيون ڪرڻ. پهرين خيال آيم تہ شايد خدا سائينءَ کي اسان ڏيئرن جي حال تي رحم اچي ويو. وري سوچيم تہ اها منهنجي ڪوتاهہ نظري ۽ خود غرضي ٿيندي جو اهو سوچيان، ورنہ توهان جي زندگي تہ سنڌ ۽ سنڌي قوم لاءِ ايتري ئي اهم آهي، جيتري اسان لاءِ جن بي ڳڻن جي طرفان ۽ جن جي خاطر توهان ڪيترين نہ تڪليفون برداشت ڪندا آيا آهيو.

ڪر ڳل ڪوچ ڳن گهڻا، جت ڏڙڪو منجهہ درياهہ
اچيـو اتـا اهم گهـڙي، سـانگو ڪـري نـہ سـاهہ
سـاهڙ جـي صـلاح، ٻـار لنگهـايس ٻاجهہ سـين.

اها ٻي ڳالهہ آهي تہ پنهنجي سنڌين توهان جو قدر نہ سڃاتو آهي. انهيءَ ڪري جو هو لالچي، دغاباز پئسي ۽ ڪرسيءَ جا پوڄاري، ناشڪر ۽ بي قدرا آهن.

خود غرضي ۽ لالچ هنن جي اکين تي پردا چاڙهي ڇڏيا آهن. ڪرسيءَ

جي پوڄا هنن جو دين ۽ ايمان ٿي ويو آهي، دغا هنن جي دلين ۾ گهر ڪري وئي آهي. هو نه ٻڌي ٿا سگهن، نه ڏسي، نه محسوس ڪري ٿا سگهن. ڪاش هو هيري ۽ ڪانچ کي پرکي سگهن. پر اها اميد رکڻ اجائي آهي. ڏک صرف انهي ڳالهه جو ٿو ٿئي ته انهي انڌي، ٻوڙي، گونگي ۽ بي حس قوم جو ڪهڙو حشر ٿيندو جيڪا سڄڻن کي سڃاڻي نٿي سگهي. ويرين کي واهرو ڪري، اکيون پوري هنن جي پيروي ڪري رهي آهي. جي وڃي کڏ ۾ ڪيرائيندن ۽ هو ائين برباد ٿي ويندا ۽ توهان جي دعوي ته سنڌي قوم دنيا جي رهنمائي ڪندي، ڪٿي پنهنجي سڄڻن جي ناقدريءَ ڪرڻ ڪري، متان قهر نه نازل ٿئيس ۽ نيست نابود نه ٿي وڃي.

منهنجا منڙا بابا سائين، توهان هميشه جيئڻ وري چوندين ته قوم توهان جو ڏاڍو قدر ڪيو آهي. آئون به چوان ٿي ته واقعي قوم توهان جو خوب قدر سڃاتو آهي. تڏهن ته ڏرتيءَ جا ڏٺي جيل جي ڪاري ڪوٺڙيءَ ۾ ڪيئي ڏينهن ڪاٽي چڪا آهن. پنهنجي سنڌي قوم جي وچ ۾ سندن مهربانين سان، ٻه جا ڏماڪا ٻڌندڙن جي ڏيل کي ڏڪائي چڪا آهن.مجرم آزاد پيا عيش ڪن ۽ مظلوم پهري هيٺ. اهي سڀ به پنهنجن جون مهربانيون آهن.

منهنجا بابا، گستاخي معاف! اهڙي قوم کي ڇڏي ڏيو ته پلي برباد ٿي وڃي، ڇو ته هن ۾ survive ڪرڻ جي ڪابه اهليت نه رهي آهي. پر افسوس صرف انهيءَ ڳالهه جو ٿو ٿئي ته اهڙي نااهل قوم ۾ خدا سائينءَ پلجي، شاهه لطيف، شاهه عنايت، سچل ۽ منهنجي بابا سائينءَ جهڙيون هستيون ڇو موڪليون. جي موڪليائين ته هُنن کي ڪا سمجهه ۽ شعور ڇونه ڏنئين. جي توهان ڪجهه چوندؤ هنن کي سنئين راهه ڏيکارڻ لاءِ، ته آئون معافي گهري توهان سان متفق نه ٿيندس. توهان کي علم، عقل، تجربو ۽ توڪل جو ترهو آهي. انهيءَ جي مقابلي ۾ آئون انهن سيني ڳالهين ۾ Nil آهيان.

انهيءَ جي باوجود توهان جي قرباني، سچائي، حق گوئيءَ کي جانچي، مشاهدي ۽ توهان جي تجربي کي نظر ۾ رکندي، انهي نتيجي تي پهتي آهيان ته:

اگهيو ڪاٿو ڪچ، مـاٹڪن مـوت تـي
پلئه پـايو سـچ، آڇيندي لـج مـران.

خدا سائين توهان کي نئين زندگي ڏني آهي، خبر نہ ڪنهن جي ڀاڳين، خدا کان اها دعا ٿا گهرون تہ اسان جا بہ ڏينهن توهان کي ڏيندو.

اچڻي تہ اڄي هيس، پر هاڻي صفا آرام نٿو اچي. في الحال اچان ٿي، توهان جڏهن حڪم ڪندا تہ فوراً واپس ايندي.

ها ويزا، جون 76 تائين وڌي ملي آهي. پيو ايران مان جواب ڪونہ آيو تيون داخلا بہ ٿي وئي.

ليٽر 20 فيبروريءَ تي ملي ويندو داخلا جو ۽ سڄو بندوبست ٿي ويو تہ 22 فيبروريءَ تي هتان صبح جو 5 بجي چڙهندي، ايئر فرانس ۾. پيو خط ۾ تار موڪليندي ٽڪيٽ وٺي.

ڀاڪر توهان کي، امان ۽ ادين ڀنهين کي، جلال ۽ طاهره کي پيار.

توهان جي ڌيءَ
درشهوار



جيجي درشهوار سيد _1961



جيجي درشهوار سيد _1969



کاٻي پاسي کان پهريون نمبر جيجي ڊاڪٽر درشهوار سيد
جوسن ۾ فيملي سان نڪتل گروپ ڦوٽو (1954)



سائين جي ايم سيد، جيجي درشهوار سيد
۽ ننڍڙي مارئي- سيد جلال محمود جي نياڻي



1983ع ۾ سائين جي ايم سيد، سن ۾ پنهنجي سالگره ملهائيندي،
جيجي درشهوار سيد ۽ ڊاڪٽر حميده کهڙو سان گڏ



جيجي ڊاڪٽر درشهوار سيد، زين العابدين شاهه ۽ جيجي زرين تاج



سيد ضيا شاهه ۽ جيجي ڊاڪٽر درشهوار سيد



جيجي ڊاڪٽر درشهوار سيد ۽ نسرين ٽالپر



حيدر منزل ڪراچي ۾ جيجي ڊاڪٽر درشهوار سيد فيملي پارٽي ۾ ويٺل. (96



جيجي ڏاڪٽر درشهوار سيد پنهنجين ياڻين سان گڏ (1983)




ڪراچي ۾ جيجي ڏاڪٽر درشهوار سيد ”اسوا“ جي پروگرام ۾ تقرير ڪندي (1991)



جيجي، ڊاڪٽر درشهوار سيد.



لنڊن ۾ جيجي ڊاڪٽر درشهوار سيد پنهنجي
استاد ڊاڪٽر اينيمري شمل سان گڏ



اسڪاٽ لينڊ، يو.ڪي.(U.K) ۾ Ph.D. ڊگري حاصل ڪرڻ کان پوءِ
جيجي درشهوار سيد پنهنجي پيءُ زرين تاج ءِ ڪلاس فيلوز سان گڏ.




كتاب شاهہ لطيف جي موسيقيءَ جي رونمائي تقريب جي موقعي تي آواري ٽاور ڪراچيءَ ۾
جيجي ڊاڪٽر درشهوار سيد، سندس استاد ڊاڪٽر اينيمري شمل ۽ ٻيا اسٽيج تي ويٺل




31 جنوري 1995ع نيپا هال ڪراچي ۾، ڊاڪٽر درشهوار جي ڪتاب ”شاهہ لطيف شاعري اور فڪ
جي تقريب رونمائي وقت مصنفہ ڳالهائي رهي آهي.

ENGLAND
22.2.76

سلامت هجو سدا.
قبله گاه پيارا بابا سائين

السلام عليڪم.

توهان جا سڀ خط مليا. پهريان ڪجهه دير سان مليا، تنهن ڪري انتظار ٿي پيو. انهيءَ جو جواب موڪلي چڪي آهيان.

آئون سسيڪس ۾ فارم ڀري ڏني، داخلا جو ليٽر وٺي آيس. "پروفيسر گوها" چيو ته 27 فيبروريءَ تي سيمينار آهي، اُهو به attend ڪري پوءِ وڃ، انهي ڪري به ٿي ڏينهن وري دير سان اچڻو پيو. خميس 26 تي به چيائين ته اچجان، جو مون چيس ته مون کي ڪجهه ڪم پڙهائي ڇڏيو ته آڪٽوبر تائين جا ڪرڻو اٿم. Topics چيومانس ته پڙهائي ڇڏيو ته ذهن ۾ هجن. موڪلن ۾ يعني جون کان وٺي سيپٽمبر تائين پاڻ يا امتحانن ۾ مصروف هوندا يا موڪل تي ويل هوندا. انهيءَ ڪري سندن South Asia Studies جي ڊائريڪٽر چيو ته اسين پوءِ ملي ڪونه سگهنداسون، تنهن ڪري جيڪو ڪم هجئي اڳيئي پڇي ۽ ڪرائي ڇڏ.

رهائش لاءِ هاسٽل جو به فارم ڀري ڏنو اٿم. موڪل ۾ پڇيو مان ته جي اچڻ چاهيان ته جڳهه ملي سگهندي؟ چيائون ته موڪل ۾ يعني جون کان سيپٽمبر تائين ته آرام سان روم ملي ويندو. باقي مسئلو پوءِ رهڻ جو ٿيندو سو سيپٽمبر ۾ جواب ڏيندا سون. ڊائريڪٽر چيو ته جي روم ڏيڻ لاءِ بهانو ڪن ته آئون چوندو سان. چيو ته مون چيو ته آئون يونيورسٽي ڪيمپس ۾ رهڻ پسند ڪنديس. ٽريول ڪرڻ کان به ماٺهو ڇٽي پوندو ۽ وقت به بچندو. بيون ڳالهيون اچي پڙهائيندس.

ها ته ٽڪيٽ ورتي اٿم. هتان صبح جو 9 بجي آچر جي ڏينهن، تاريخ 29 فيبروري جهاز ۾ فلائي ڪنديس. عمان ۾ جهاز مٽائڻو پوندو. وري سفر ڪنديس. سو 1 مارچ تي سومر ڏينهن 6 بجي صبح جو ڪراچيءَ پهچنديس.

عاليه ايئر لائين ۾ ايندس. Service سٺي ڪانهي، پر بين جي ٽڪيٽ

مهانگي آهي ۽ open ٽڪيٽ تورن ڏينهن لاءِ ڏين ٿا. الله خير ڪندو هيڏانهن به، ايڏانهن به.

بڻ ڏينهن ڪان ڪتابن جي ڳولا ڪئي اٿم، چون ٿا ته out of print آهن، وري به تي ڏينهن جانچ ڪنديس، من پراڻن ۾ ملن.

ياڪر سين ڪي.

توهان جي ڌيءُ

درشهوار

Karachi
24.6.79

سدا خوش هجو.
قبلہ گاہ پيارا بابا سائين

اسلام عليڪم.

توهان کي اها تہ خبر پئجي وئي هوندي تہ، پنج ڏينهن حيدرآباد رهياسون. هت بہ گاڏي نہ هئڻ ڪري پنج ڏينهن پيا بہ گهر ۾ ويهي گذارياسون.

آئون برٽش ايمبيسيءَ ويس. انهن فارم پرڻ لاءِ ڏنو آهي ۽ چيو اٿن تہ Sponsor جو ليٽر ڏيو. پوءِ انٽرويو لاءِ تاريخ ڏينداسون. پوءِ ويزا ملندي. داخلا جو ليٽر مون وٽ آهي، پيو اسٽيٽ بئنڪ جو ليٽر ڪپندو. سو ادا واندو ٿئي تہ چوانس. تيون توهان جو ليٽر ڪپندو. انهيءَ ليٽر جي انهيءَ ڪري ضرورت پوندي تہ، توهان مون کي خرچ پهچائيندا رهندا، جيسين آئون تعليم لاءِ ٻاهر هونديس. ۽ توهان کي پنهنجو Income جو ذريعو بہ لکڻو آهي. بئنڪ ۾ پئسا جمع ڪرائي، بئنڪ جو اسٽيٽمينٽ لڳائي موڪليندا تہ، خرچ پيو پهچندو.

سلام سڀني کي.

توهان جي ڌيءُ
درشهوار

(**نوٽ:** مارچ 1976 ۾ لنڊن مان M.Phil جي ڊگري ڪري جيجي درشهوار واپس ڪراچي آئي ۽ ڇهہ مهينا رهڻ کان پوءِ Ph.D لاءِ واپس لنڊن وئي.)

69F, Park Village
University of Sussex
Talmer, Brighton
17th Oct. 1976

سلامت هجو سدا.
قبلہ گاه پيارا بابا سائين

السلام عليڪم.

هڪ خط لنڊن مان، هڪ برائٽن پهچي لکيو هئم، اميد تہ بئي پهچي ويا هوندا. توهان وٽان اڃان ڪو جواب نہ آيو آهي. شايد پوڄ جي ڪري پوسٽ وقت تي نٿي پهچي، يا پهچڻ ۾ هوندو.

5 تاريخ داخلا ٿي، سيني استادن سان مليس. مسٽر گوها سان هڪ ڪلاس اٿم ۽ هڪ ڊاڪٽر ڪريگ انگريز آهي. ڊاڪٽر چوڌري South Asian Studies جو ڊائريڪٽر آهي، arrange ڪرڻ انهيءَ جي وس آهي، اهو بہ هندو بنگالي آهي. هن ٽرم جي آخر ۾ بہ پيپر لکي submit ڪرڻا اٿم. اهي جنوريءَ جي شروع ۾ ڏيڻا ٿيندا. انهيءَ لاءِ ڪافي ڪتاب پڙهڻ لاءِ چيا اٿن. مسٽر گوها تاريخ ٿو پڙهائي. چوي ٿو تہ تنهنجي ٽاپڪ جي لحاظ کان تاريخ ۾ هڪ پيپر لکي ڏي، هن ۾ لکڻ جو انداز ڏسندا ۽ چون ٿا تہ انهيءَ مان خبر پوندي تہ تون ڪيترو grasp ڪري سگهين ٿي. ڊاڪٽر Craig اسلام ٿو پڙهائي. پندرهن ڏينهن ۾ هڪ ڪلاس اسلام ۽ هڪ تاريخ جو ٿيندو. مسٽر گوها تہ هڪ ليڪچر ڏنو. پيو پرينءَ ڏيندو. وري چوي ٿو تہ هاڻي آئون ڪونہ ڏيندس. تون پڙهي مون کي سمجهائجان، تہ ڇا سمجهيو اٿئي. پوءِ انهن ٻن مهينن دوران ٽاپڪ ڳولي ونداسون، تہ ڇاتي پيپر لکين. پر مسئلو غور لاءِ ڏنو اٿس.

"Problem of Religions & National Consciousness_Islamic consciousness, & Hindu Nationalistic view".

ڪتاب هيٺيان پڙهڻ لاءِ ڏنا اٿس.

1. W.W Hunter: The Indian Muslimans
2. W.C. Smith: Modern Islam in India
3. Peter Hardy: The Muslims of British India
4. Aziz Ahmed: Islamic Modernism in India and Pakistan
5. H. Bolitho: Jinnah, Creator of Pakistan

6. I. Stephens: Pakistan
7. S. R. Wasti: Lord Minto & the Indian Nationalist Movement
8. Ziaul Hussan Farooqi: The Deoband School & the Demand for Pakistan
9. L. Dumont: Religion, Politics & History in India

انهيءَ ڪتاب ۾ خاص ٽاپڪ غور سان پڙهڻ لاءِ هي چيو اٿن.

"Nationlism & Communalism"

10. Ashoka Metha: The Communal Triangle in India
11. S.K. Mujamdar: Jinnah and Gandhi
12. Moin Shaki: Khilafat to Partition
13. M. U. Haq: Muslim Politics in Modern India

هي چيو اٿن ته اهي پڙهي، پوءِ پنهنجي ٽاپڪ جي لحاظ کان ٻيا ڪتاب پڙهي، پوءِ پيپر لکج. هر هڪ پيپر پنج هزار Words جو هئڻ گهرجي. مٿيان ڪتاب لائبريريءَ مان ورتا اٿم ۽ پڙهڻ شروع ڪري ڇڏيا اٿم. هنن ڪتابن مان گهٽا ته توهان به پڙهيا هوندا. توهان انهن ڪتابن مان ڪهڙو ٽاپڪ suggest ڪري سگهو ٿا، جنهن تي لکڻ گهرجي. ٻئي ليڪچر ۾ پرابلم ٻڌائيندا ته ڪهڙا ذهن ۾ رکان ۽ ڪهڙا سوال پيدا ٿين ٿا وغيره.

ڊاڪٽر Craig اجان پڙهڻ لاءِ ڪتاب ڪونه ٻڌايا آهن، اهو به سياڻي شايد ٻڌائي، جي ملڻ لاءِ ٽائيم ڏنائين ته، چيو اٿس ته سنڌس سيڪريٽريءَ کان ٽائيم وٺي پوءِ ملانس. ٻئي ٽرم لاءِ ڊاڪٽر چوڌريءَ هندو ازم جي ليڊي پروفيسر سان ڳالهايو آهي. اها ملي، چيائين ته ٽائيم وٺي ڪڏهن ڳالهائي وڃج.

مون کي ته مسٽر گوها ڊيجاري ڇڏيو آهي. چوي ٿو ته آئون Marx جو follower آهيان، قابليت جي بنياد تي شاگردن کي approve يا disapprove ڪندو آهيان. رعايت ۾ belief ڪونه رکان، تمام سٺو ڪم ڪري ڏيکاريئي ته ريسرچ جي اجازت ملي ويندئي، نه ته Sorry. هاسٽل University Campus ۾ آهي. ڏهه منٽ پنڌ ۾ ٿا لڳن. ضرورت جون شيون يعني ڪاڏي جون، هتي ملن ٿيون. ڪالهه براٿس وٺي هيس، ٿانو ونڻ. ايترا ڏينهن پراون ٿانون ۾ رڌي پٽي ڪاڌم. هتي ڇهن جي گروپ کي هڪ بورچي

خانو آهي. ڇهه ڪپٽ سامان لاءِ ۽ هڪ فرج آهي. هرڪو پنهنجو کاڌو خود تيار ڪندو آهي. هتي سڀ Mix هاسٽل آهن. اسان جي فليٽ ۾ ڪل ٻارنهن شاگرد آهن. Park Village ۾ 70 فليٽ آهن. پيون به 8 هاسٽلون آهن. هيءَ سڀني خاموش هاسٽل، سيني جي آخر ۾ آهي.

اميد ته توهان خوش هوندا، ياڪر سيني لاءِ.

توهان جي ڌيءُ
درشهوار

سدا خوش ۽ سلامت رهو آمين.

قبله گاه پيارا بابا سائين

اسلام عليڪم.

توهان جو ڪلهه خط مليو احوال معلوم ٿيو. اڄ مسٽر گوها سان ڪلاس هئم, سو پڙهڻ ۾ مصروف هيس. اڄ ساهه پٽيو اٿم ۽ ڪجهه مطمئن به آهيان, جو discussion ڪلاس منهنجي توقع ڪان وڌيڪ سٺو ٿي گذريو. مسٽر گوها به مطمئن ٿيو. هن جو پڙهائڻ جو طريقو اهو آهي ته بجاءِ اُستاد جي ليڪچر ڏيڻ جي چوي ٿو ته توهان پڙهي اچي discuss ڪر. سندس ٻڌايل ڪتابن مان چار ۽ پيا ڇهه پڙهيا هئم. سچا نه topic مطابق چيائين ته پڙهه. ٻي 20 ڪتابن جي لسٽ ڏيکاري مانس ته انهن کي پڙهڻ جو ارادو اٿم, جو هنن ڪتابن مان Reference اُنهن جا مليا آهن. پڇيائين ته ڊاڪٽر ڪريگ جي لاءِ به پڙهين ٿي يا صرف منهنجو ٻڌايل پئي پڙهين. مون چيو گهٽو وقت توهان جي ڪم کي ڏنم ٿي, جو نئون Subject هئو. پر هُن لاءِ به پڙهان پئي, جيڪي ڪتاب ٻڌايا اٿس سي پڙهان پئي, ته کلي چيائين هيءَ تنهنجي لاءِ نئون نه هئڻ گهرجي You are a daughter of a great politician, this should be like bread and butter for you. مون چيو اهو بابا جو سبجيڪٽ آهي نه منهنجو.

سچي, "بوليٽو" جي ڪتاب تي ڪجهه تنقيدي پوائنٽ مون اڳي لکي رکيا هئا discuss ڪرڻ لاءِ, انهن ۾ ڪي جناح ۽ گانڌيءَ جا ليٽر هئا, جن ۾ پوئين انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته هندوستان جو ڪلچر هڪ آهي, مسلمان جيڪي هندوستان ۾ آهن اُهي گهڻو ڪري ڪنورٽس آهن, جن جي مائٽن جو ساڳيو ڪلچر هئو, تنهن ڪري اولاد جو به ساڳيو هئڻ گهرجي. مذهب متجڻ ڪري ڪلچر نٿو بدلجي سگهي. پر جناح جو خيال هئو ته مسلمانن جو ڪلچر, سولائيزيشن, لٽريچر, تاريخ ۽ زبان الڳ هئا, تنهن ڪري هن لکيو آهي ته By all canons of international law, we are a nation, i.e Muslim nation" مون مسٽر گوها کي چيو ته جناح صاحب, سولائيزيشن چيو آهي, ته هن جي مراد ڪهڙي سولائيزيشن سان آهي؟ ڇا

اُها Indus تي سگهي ٿي؟ ڪلچر ۽ تاريخ، تہ ڪٿي جا؟ عربستان جا يا ٻئي ڪنهن طرف جا؟ Distinct ڪيئن ٿيا. ۽ زبان تہ ڪهڙي زبان، عربي يا ڪا ٻي؟ جي ٻي يعني اردو، تہ اُها ڪيئن ٿي؟ اها تہ ٻاهرين زبان ٿي، جنهن جا It has got no roots مسٽر گوها چيو تہ ٻيا سوال سڀ ٺيڪ اٿئي، باقي زبان ڪي ڏسڻو آهي تہ In the Soil پريڪٽيڪل يوز ۾ ڪيتري آهي ۽ هندوستان ۾ گهڻي ٿي هلي ۽ بہ ٽي سؤ سال پراڻي آهي. مون چيس تہ پراڻيون تہ ٻيون زبانون وڏيڪ آهن، مثلاً سنڌي. خير ڪافي بحث ڪيو سون. مون چيس تہ ڀلا مڃيون ٿا تہ هندوستان جي هڪ زبان آهي، پر اسلامي ڪيئن ٿي؟ چيائين اتي تون درست آهين. خير پوءِ چيائين تہ انهي قسم جو بحث تہ هر ڪو ڪري سگهي ٿو جنهن کي ڪجهہ سمجهہ ۽ ايڊيوڪيشن آهي، پر ريسرچ اسڪالر کي انهيءَ کان وڏيڪ سوچڻ گهرجي. چيائين توکي سوسائٽيءَ کي سمجهي، پوءِ ڏسڻو آهي تہ خاص هندوستان جي سياست ۾ مسئلا ڇو پيدا ٿيا ۽ ڪير ڇوي ٿو تہ اسان جو مختلف ڪلچر وغيره آهي، تہ ڇو؟ انهي جا سبب ڳولڻا آهن. چيائين هڪڙي پاسي مسلمانن جي دماغ ۾ "اسلامي قوم" جو ٻوٽ هئو تہ هندو بہ انهيءَ خاميءَ کان خالي ڪونہ هئا. هنن مسلمانن کي ڌاريو ٿي سمجهيو ۽ چيائون ٿي تہ هندوستان ۾ مسلمانن جو حصو ڪونہ آهي. هڪ طرف "رام راڄ" جو نعرو هئو ۽ ٻئي طرف اسلام پر اهو ڇو هئو؟ سمت جي ڪتاب مان ڪافي Factors مليا هئا مثلاً Insecurity, Competition, Economics سي ٻڌايامانس. وري 16 نومبر تي ڪلاس آهي. چيو اٿس تہ انهيءَ وچ ۾ ٽاپڪ سوچي وٺ، تہ انهيءَ پڙهڻ کان پوءِ ڪهڙي ٽاپڪ تي لکڻ پسند ڪندينءَ. نومبر جي آخر ۾ لکڻ شروع ڪرڻو اٿم. گهڻو ڪري سڄو مواد Separation تي آهي. هڪ ڪتاب شايد توهان پڙهيو هجي Khalid Sayeed جو آهي "Pakistan the formative phase" مسٽر گوها پڇيو تہ مصنف توهان جو ماڻٽ آهي. مون چيو هنتر ۽ سمت انهيءَ جو حوالو ڏنو هئو تڏهن پڙهيم، الا جي ڪير آهي. هنتر جو سڄو ڪتاب پڙهيم، سمت جو بہ ڪافي فائدي وارو نڪتو. ڊيومانٽ جو مذهب ۽ سياست وارو ڏاڍو ڏکيو مون کي لڳو. شايد پهرين اِهو پڙهيم ۽ Subject بہ مختلف هئو Nationalism Communalism سمجهائڻ جي

ڪوشش ڪئي اٿس، پر منهنجو مٿو نڪري ويو سمجهڻ ۾. هاڻ ٻيا آسان پيا لڳم. گڏ گڏ نوٽس بہ وٺان پئي. صبح جو 10 بجي روم ڇڏيندي آهيان، رات جو 9:30 واپس ايندي آهيان. هتي لائبريري ويجهي آهي سو ڪلاس يا سيمينار کان پوءِ لائبريريءَ سڄو وقت هوندي آهيان. وچ ۾ ٿوري بريڪ وٺندي آهيان، ٽڪ پچڻ لاءِ. رات جو اچي پوءِ ماني ٺاهي کائيندي آهيان. وچ ۾ ڏينهن جو سينڊوچ ۽ چانهہ پيئندي آهيان.

ڊاڪٽر ڪريگ 8 ڪتاب ڏسيا آهن، انهي کان سواءِ مون پنهنجي طرفان بہ پڙهڻ لاءِ ڪڍيا آهن 8 ڪتابن جا نالا لکان ٿي.

1. H.A.R: Gibb_Muhammadanism' (Topic_Quran & Muhammad)
2. H.A.R. Gibb & R.C Zaehner: Concise Encyclopedia of Enquiry & Faith (Islam, Muhammad & Quran)
3. A. Guillaume: Islam
4. Fazlur Rahman: Islam
5. R. Bell's: Introduction to Quran.
6. K. Cragg.: The Event of the Quran.
7. Bosmouth.: The legacy of Islam
8. Andrae. Muhammad, the man & his faith

پيو ڊاڪٽر ڪريگ چيو تہ انهن topics تي پڙهہ. مون Faith of the world مان (Muhammad) پڙهيو پئي تہ گهٽي حد تائين ڏٺم تہ مغربي مصنف جيتوٽيڪ هيترا وڏا اسڪالر آهن، پر ڏاڍا Prejudice آهن. پر ڊاڪٽر ڪريگ خود بہ انهيءَ ڪمزوريءَ کان خالي ڪونهي. هنن جي بہ دماغ ۾ اها ڳالهہ آهي تہ صرف Christianity ۾ سچو Truth آهي ۽ اهو ئي Superior مذهب آهي وغيره. اسلام Aggressive مذهب آهي. "رسول محمدﷺ" خود جنگيون ڪيون، هيڏين تباهين جو ڪارڻ ٿيو وغيره. حضرت عيسيٰ پنهنجي جان قربان ڪئي، پر بدلو نہ ورتائين. مون ڪجهہ Points Discuss ڪرڻ لاءِ لکي رکيون آهن. قرآن مان آيتون وري هر گهڙيءَ پيو "ڪوٽ" ڪري. هي اهڙا هوشيار آهن جو اُها زبان سکي، مطالعو ڪري، پوءِ ٿا Attack ڪن. ٻئي طرف مسلمان هڪ تہ خود بہ پنهنجي مذهب جي باري ۾ ڪجهہ ڪونہ ڄاڻن (هت اچي احساس ٿيو اٿم) پوءِ ڪهڙي basis

تي Define ڪري ٿا سگهن. Define ته نهيون حقيقت جي به چارڻ هجي ته بحث ڪجي. خير اهو ته ظاهر آهي ته سواءِ Jainism جي، سڀن مذهبن جي پوئلڳن جنگيون ڪري تباهي آندي (اڄ هندو ازم جي پروفيسر پڻ چوي ته هندو ازم Non Violence ۾ يقين ٿو رکي) ڊاڪٽر ڪريگ چيو آهي ته اسلام، قرآن يا Mission of Muhammad اهڙي قسم جي Topic تي پيپر لکي ڏجِ. (قرآن جو نازل ٿيڻ وغيره.) مون سوچيو آهي ته Prophet Muhammad تي لکان، پر ڪهڙو Aspect ڪٿڻ گهرجي ۽ مواد به ملي نه. انهيءَ مطابق ٽاپڪ ڪٿڻو آهي. ٻئي پيپر ڊسمبر ۾ لکي جنوريءَ ۾ ڏيڻا آهن. توهان کي ڪو Topic ذهن ۾ اچي ته اُهو مهرباني ڪري لکندا. هن مهيني يعني نومبر جي وچ ڌاري Topic ٻڌائڻو آهي. ٻئي ٽرم ۾ هڪ هندو ازم جو ڪلاس ٿيندم. اڄ ڊاڪٽر پراميتا بائوئيز Bowes سان انهيءَ سلسلي ۾ مليس، جو ڊاڪٽر چوڌريءَ چيو ته ان سان ملي Fix ڪري ڇڏ ته جنوريءَ ۾ ڪلاس ٿيندا. اها ڪافي Sensible عورت لڳي. ايتري Prejudice به ڪانه آهي. جيتوڻيڪ هندو ازم کي Defend ڪيائين پئي. ڪجهه درست به هئي. چيائين ته صرف هندو ازم ئي اهڙو مذهب آهي، جيڪو اها دعوي نٿو ڪري ته سچو Truth هن وٽ آهي. اسلام ۽ ڪرسچينٽي ته ٻئي ڪنهن کي مڃين ڪونه ٿا. وري مون کان اصل ٽاپڪ پڇيائين، چيومانس ته ريسرچ لاءِ "Unity behind diversity of all religions" جو خيال اٿم. چيائين ته اهو هندو ازم آهي، چيومانس Partial نه ٿيءُ، سڀ مذهب ائين ٿا چون. چيائين عام طرح اسلام جي باري ۾ اهو نظريو آهي ته Aggressive مذهب آهي. مون چيو اها سياست آهي جنهن ڪري جنگيون ڪيائون، مذهب بذات خود Aggressive نٿو ٿي سگهي. چيائين مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي ته تنهنجو Out Look Broad آهي ۽ ٽاپڪ به وٺيس. چيائين چوٿون پيپر Christianity تي ڪجانءِ. هن ٽرم ۾ هن Budhism تي پئي پڙهايو. مون چيو مون کي خبر هجي ها ته صرف ڪلاس Attend ڪريان ها. انهيءَ کان علاوه هفتي ۾ به سيمينار Mysticism and Science تي Attend ڪندي آهيان. اهي ڏاڍا Informative آهن. ڪڏهن Ancient Civilization تي ليڪچر ٿيندو آهي. ڪڏهن Art & Archaeology سائنس، فلاسافي،

مذهب، مختلف مذهب ۽ مذهبي عقيدا. سلائيڊس به ڏيکاريندا آهن. پروفيسر تارڪو وسڪي مختلف مذهبن تي ڳالهائيندي چوندو آهي ته، انسان فطري طرح Prejudice آهي، آءُ ڪوشش ڪندس ته جيترو ممڪن ٿي سگهي ۽ انسان جي وس ۾ آهي ته اوتري ڪنهن ۾ پاس خاطري نه ڪريان. هن ٻڌايو ته دنيا ۾ صرف پنج سولائيزيشن آهن جيڪي "Flourished independently" آهن ۽ انهن ۾ هڪ Indus آهي. ٻين هنن کان Ideas، Borrow ڪيا. پر هنن ٻين کان ڪونه ورتا. Indus Civilization تي ٿورو بحث ڪيائين، جو چيائين ته گهڻو مواد نه ملي سگهيو آهي، جنهن مان وڌيڪ خبر پوي. چيائين ته ڪجهه "سليس" آهن پر انهن جي زبان جي جيسين خبر نه پئي آهي، اها هڪ Mystery آهي. اڃان وڌيڪ Excavation ٿيڻ کان پوءِ ڪجهه چئي سگهجي ٿو. مسٽر گوها پڇيو ته پيو ڇا ڪندين آهين. هنن ڪلاسن جو ٻڌايومانس. چيائين ڏاڍو سٺو ٿي ڪرين. پڇيائين پيو. مون چيو لائبريري ۾ ڪمرو. چيائين مون چيو ته لائبريري ۾ پڙهه پر ايترو نه، جو بيمار ٿي پوين. ٻيءَ به ڪنهن Activity ۾ حصو وٺ. مون چيو ٻيءَ ڪنهن ۾ مون کي دلچسپي ڪانهي. پيو وقت ڪٽي ٿو بچي. مانيءَ لاءِ به مشڪل سان ٿي وقت ڪيدان. پوڙ وغيره ٻن ڏينهن جو ناهي رکندي آهيان فرج ۾. ڪڏهن نه پچندو اٿم ته، سوپ پي فروٽ کائي سمهي پوندي آهيان.

توهان جي ڌيءُ

درشهوار

University of Sussex
12.12.76

قبله گاه پيارا بابا سائين

السلام عليڪم.

توهان جو ڏڳهو خط ۽ پويان ٻئي مليا. امان تہ وچي آرامي ٿي پر سندس ياد اڃان نٿي وسري.

ڪنهن سان گڏ گذاريل چند گهڙيون بہ ياد رهنديون آهن. ماءُ جيڪا زندگي پر اولاد تي اڻ ميو ۽ اڻ ملهائتو پيار اڻ گهريو نڇاور ڪندي رهندي آهي، انهيءَ حقيقت کان بہ انڪار نٿو ڪري سگهجي. پر سواءِ صبر جي، ڪري بہ ڇا ٿو سگهجي. سال اڳ لنڊن هاسٽل ۾ چند ڇوڪرين شڪايت پئي ڪئي تہ سندن مائرون، خوامخواه سندن لاءِ پريشان ٿينديون رهنديون آهن. هڪ "گريس" جي عورت پئي اها گفتگو ٻڌي، چيائين خوش قسمت آهيو جو توهان جون مائرون، توهان لاءِ فڪر ڪرڻ واريون موجود آهن ۽ توهين هنن کي ڇڏي بي فڪر ٿيون پيون هلو. خبر تڏهن پونديو جڏهن هو هميشہ لاءِ توهان کي ڇڏي وينديون ۽ پوءِ وري نہ اينديون. صرف تڏهن توهان کي سندن ڪمي محسوس ٿيندي ۽ توهان جي دل چوندي تہ هو هڪ دفعو وري اچي توهان لاءِ انتظار ڪن. هن وقت ياد آيم تہ هن سؤ فيصد درست ٿي چيو. صرف ماءُ جو وجود ۽ سڳ جو ساءُ اولاد لاءِ وڏو سهارو آهي. خاص ڪري ڌيئرن لاءِ، پر جن ڳالهين تي وس نہ هوندو آهي، انهن تي صرف افسوس ڪري پوءِ صبر ئي ڪرڻو پوندو آهي.

اسان جا ڪلاس ختم ٿيا. ڪمري يا لائبريريءَ ۾ ويٺي پيپرن لاءِ تياري ڪندي آهيان. ڪجهہ ڏينهن ماني بہ ڪيفي ٽيريا تي ڪائيندس تہ اهو ٽائيم بہ پڙهڻ تي ڏيان. هفتو ڏيڍ پريشان رهڻ ڪري پڙهي نہ سگهيس، هاڻي وري ڪم ۾ لڳي وئي آهيان. جي آپريشن ٿيو تہ، خوامخواه اهي ڏينهن بہ خراب ٿيندا. آئون بلڪل ٺيڪ آهيان ڪا تڪليف ڪانہ اٿم.

اميد تہ توهان بہ خوش هوندا.

ياڪر توهان لاءِ.

توهان جي ڌيءَ

درشهوار

Brighton
19.1.77

قبلہ گاہ پيارا بابا سائين

السلام عليڪم.

توهان جو خط ڪافي ڏينهن ٿيندا ته مليو هئو. انهيءَ کان اڳي آئون هڪ خط توهان ڏي موڪلي چڪي هيس. آديءَ جن جا به خط مليا، مون 7 جنوريءَ تي جواب ۾ به تي اکر لکيا هئا. جو پيپر لکڻ ۾ مصروف هيس. ڪارڊ توهان کي به ملي ويو هوندو.

يونيورسٽي 17 تاريخ کلڻي هئي، ساڳي تاريخ لاءِ مون کي ليٽر مليو ته اسپتال ۾ 9 بجي پهچي وڃ. مون کي پيپر 10 بجي ڏيڻو هئو. ارشاد سومري کي پيپر ڏنم ته آفيس پهچائي. چيائين ته ادي آئون توهان سان اسپتال گڏجي هلان. مون چيو ته اسپتال پاڻهي ويندس، صرف پيپر پهچائجو آفيس ۾. 17 جنوريءَ تي اسپتال آيس X_Ray ورتائون.

ڪلهه يعني 18 تي 4 بجي شام جو آپريشن لاءِ وني ويا. آپريشن ٺيڪ ٿيو. هاڻي بلڪل ٺيڪ آهيان. جنهن وارڊ ۾ آئون آهيان، ٻيون به 7 مايون آهن. پوڙهيون آهن. ڏاڍي بڪ اٿن. هڪڙيءَ جو مون سان گڏ آپريشن ٿيو ۽ ساڳي تڪليف هيس. انهيءَ کي شايد وڏيڪ تڪليف ٿي جو 5 گلوڪوس جون بوتلون لڳيون اٿس. ڪاڏو پيٽو بند اٿس. مون به ڪلهه جيڪو ناشتو ڪيو وري اڄ صبح جو چانهه پيتي اٿم. بک اچي لڳي اٿم. 7.30 صبح جا ٿيا آهن. شايد 8 بجي نيرن ڏين. ٻيو جنهن جو آپريشن ٿيو آهي، انهيءَ کي هڪ رات اڳي ڊپ ۾ ننڊ ڪانه آئي. مون کان پڇيائين، تو ننڊ ڪئي. مون چيو چو نه ڪريان. ڪلن ٻيون چيائون تون نروس ڪانه پئي ٿين. چيومانِ ته چاڪ وڻي آهيان، معمولي آپريشن آهي، پنهنجي ننڊ ڇو خراب ڪريان. ڇون ٻيون ته شايد پنهنجي مذهب جي ڪري سڪون ۾ آهين. چيم مذهب وغيره جي ڳالهه ڪانهي. خبر اٿم ته معمولي آپريشن آهي. جي تڪليف ٿي ته به اڳي پريشان ٿيڻ ڪري لهي ڪانه ويندي. جيڪي ٿيڻو هوندو سو ٿيندو. ڪلهه گهٽي ننڊ ڪرڻ ڪري رات جو هر هر اک کليو ٿي وئي. نرسون ڇون ته سمهي رهه. 5 صبح جا ٿيا ته اُٿي منهن ڌوئي ويهي رهيس.

چيائون توکي پاٽ ڏيون؟ مون چيو آئون اڳي ٺي آئي آهيان.

نرسون هت ڏاڍيون Helpful آهن. ٻن پوڙهين جي حالت خراب آهي، انهن لاءِ پنجن پنجن منٽن ۾ پيون اچن. مون کي تہ ڪا ٽِڪي بہ ڪانہ ڏني اٿن، چون پيون تہ تون ٺيڪ آهين. ڊاڪٽر ايندو. پوءِ شايد اڄ ڇڏين، نہ تہ سڀاڻي هاسٽل ويندس.

توهان جي ڌيءُ

درشهوار

University of Sussex
3.2.77

سلامت هجو.

قبلہ گاه پيارا بابا سائين

اسلام عليڪم.

ڏاڍي انتظار ڪان پوءِ ڪلهہ اديءَ جو خط اڄ توهان جو مليو. خبر نہ آهي چو ايڏي، تہ پريشان اچي ٿيس، جو ڇيم فون سڏي هجي تہ ڪري پڇان، تہ چو نٿا خط لکو. هڪ خط 26 جنوريءَ تي لکي موڪليم ٿي، پر بئي ڏينهن پڙهيم ۽ سوچيم تہ نہ موڪلڻ گهرجي، ڇو تہ اُهو پريشانيءَ ۾ لکيو هئم. سو ڦاڙي ڇڏيم.

توهان جي ڪتاب لاءِ بڪ شاپ تي اڄ ٿي ويس، پر ڊاڪٽر "ميئڪي" توهان سنڌيءَ ۾ لکيو آهي. مختلف هِجي سان ڳوليوسون، پر فهرست ۾ ڪونہ مليو. هاڻي مهرباني ڪري ڪتاب جو صحيح نالو Title ، مصنف جو ۽ پبلشر جو نالو لکي موڪليندا، تہ جي هتي نہ ملندو، تہ بئي هنڌان گهرائي ڏيندا. بشرطيڪ Out of Print نہ هجي.

سرجان مارشل جو ڪتاب اڃان نہ آيو آهي. بس اچڻ ۾ هوندو. جو هنن 8 هفتا چيا تہ لڳندا. 13 ڊسمبر تي آرڊر ڏنو هئم. دوائن لاءِ سياڻي پنهنجي ڊاڪٽر کي چونديس تہ پرسڪرپشن لکي ڏي. نہ ڏنائين تہ پوءِ بئي ڪنهن ڊاڪٽر کي چئبو ڇو تہ ائين دوائون هتي نٿيون ملن. ٽرائيزمل جي شيشيءَ تي ڏسندا تہ ڪٿي جي ٺهيل آهي، ڇو تہ اڳي بہ Chemist کي چيم تہ چيائين اهو نالو اسان جي لسٽ ۾ ڪونهي، وري بہ ڪوشش ڪنديس. ڪٽنڊائن جلد وٺي رکي ڇڏيندس، تہ جيئن ادا زلف اچي تہ ڏيندي سانس.

هن ٽرم ۾ وري بہ ڪورس ڪرڻا اٿم. هڪ هندو ازم ۽ ٻيو ڪرسچينٽي. هر هفتي ڪلاس ٿيندو آهي. ٻنهين ڪورسن ۾ بئي ٽيوٽر ڏاڍو ڪم ٿا ڏين. وري ٽرم پيپر لکڻا اٿم.

هندو ازم ۾ هر هفتي هڪ ٽاپڪ ڏيندي آهي ڊاڪٽر Bowes ، پهرين Veds پڙهڻ لاءِ چيائين، وري Upanishad، هن هفتي Bhagavad Gita تي پڙهڻ لاءِ چيو اٿس. پوءِ ڪلاس ۾ Discussion ٿيندي آهي.

Christianity ۾ Mysticism پڙهڻ لاءِ چيو آهي. ڊاڪٽر Forrester،
10 ڏينهن ۾ هڪ Essay به لکي اچڻ لاءِ چيو اٿس.

اپريل ۾ به پيپر لکي ڏيڻا آهن، مئي ۾ ٻڌائيندا، يعني Result جي خبر پوندي ۽ M.A لاءِ آخري Dissertation لکي ڏيڻو پوندو. انهيءَ لاءِ به به مهينا جون ۽ جولاءِ ملندا. امتحان ڪان به هيءَ System ڏکيو آهي. پڙهڻو ڏاڍو ٿو پوي، پر لکڻ لاءِ Critical پيپر پسند ٿا ڪن. هي پيپر ته ايترا Critical ڪونه لکيا هئم، استاد به ٻئي سخت هئا. هاڻي جيڪي هوندو نصيب ۾، مون پنهنجي طرفان ته گهڻي محنت ڪئي هئي. برازيل جي ڇوڪريءَ به پيپر ڪيا آهن، چوي پئي پريشان ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي، پسند آين ته ٺيڪ آهي نه ته وٺنداسين ٽڪيٽ ملڪ جي، پاڻ کي مارينداسين ته ڪونه.

ممڪن آهي آخري پيپر يا Short Thesis جيڪا جون ۾ لکڻي آهي، سو شايد ان جو Topic پنهنجي مرضيءَ تي ڏين. ڊاڪٽر ڪريگ پئي چيو ته سنڌي صوفين تي لکي ٿي سگهين، پر Books هتي هجن. خير هن مان واندي ٿيان، Result جي خبر پوي، پوءِ ڏٺو ويندو. ڏينهن ايترا جلدي گذرندا وڃن، ڪم اڳيان ڍير رکيو آهي. ڏينهن گهٽا صرف تڏهن لڳندا اٿم، جڏهن خط نه ايندو آهي ۽ پريشان هوندي آهيان. برائيٽن اسپتال ۾ آخري دفعو ڏيکارڻ ڪلهه وئي هيس. آپريشن جي Result ٻڌاين ته، ڪا بيماري ڪانه هئي.

توهان جي ڌيءَ
درشهوار

University of Sussex
25th March 77

قبلہ گاہ پيارا بابا سائين

السلام عليڪم.

توهان جو خط اڄ مليو آهي ۽ جواب لکي رهي آهيان. ان کان پهرين بہ اديءَ جن ڏي هڪ خط روانو ڪري چڪي آهيان.

هي ٻيو ٽرم بہ اڄ پورو ٿيو. هاڻي پيپر لکڻا اٿم. پهرين ٽرم وارن پيپرن مان استاد مطمئن ڪونہ هئا. ڇياڪاڻ تہ Critical ڪونہ آهي، تہ پاڪستان واري System مطابق لکيا آهن. محنت ڪئي اٿئي، پر هتي ٻيو طريقو آهي. هن ٽرم ۾ Essay ڪافي ڪري ڏيکاريان مانِ ۽ چيومان تہ ٻڌايو تہ ڪهڙي نموني انهن کي Critical ڪريان. خدا ڪري هي پسند اچين. ڪوشش تہ ڏاڍي ڪريان پئي. M.A لاءِ ٿيسز لکڻي پوندي انهيءَ لاءِ ڊائريڪٽر سان ڳالهايم. ڇياڪاڻ هي پيپر توکي تمام سٺا ڪرڻا پوندا ۽ Dissertation ، M.A لاءِ بہ Average شاگردن کان ٿي ڪندينءَ. پوءِ اڳتي لاءِ اجازت ملندئي. ڇياڪاڻ توکي M.A جي ڊگري ملندي وڏيڪ چا ڪندينءَ. چيم ايم اي تہ پهرين اٿم. ڇياڪاڻ تہ هن يونيورسٽيءَ جو System ڪجهہ مختلف آهي. هتي Analytical پيپر پسند ڪندا آهن. ڪلهہ هڪ Essay استاد کي ڏيکاريم. ڇياڪاڻ هاڻي تون Criticise ڪرڻ لڳي آهين. ليڪن جو رايو پنهنجو هوندو آهي، توکي انهن کي رد ڪرڻو آهي ۽ گهڻن ۾ مقابلو ڪري پرکڻو آهي. نہ پاڪستان جيئن، تہ جيئن ڪتاب ۾ آهي انهيءَ کي قبول ڪجي. اهو اسڪول جو ڪم آهي. Post graduate معنيٰ پنهنجا شخصي رايا هجن، پر ثبوت وري ٻين ڪتابن مان ڏيڻا اٿئي، خالي پنهنجو رايو بہ نہ ڏيڻو آهي، جيسين ثبوت نہ اٿئي.

هڪ هندو ازم پڙهائڻ واري استاد Dr. Bowes ڏاڍي سٺي آهي. چوي ٿي هي انگريز Prejudice آهن، چون ٿا تہ Truth صرف Christianity ۾ آهي. مون چيو پوءِ تون منهنجي Dissertation لاءِ سپروائيزر ٿيندينءَ. ڇياڪاڻ ڊائريڪٽر سان ڳالهاءِ (انهي سان ڳالهايم انهيءَ ها ڪئي آهي) ڇياڪاڻ Topic تون خود چوندجان، پر Relation between Sufism &

Vedant متعلق هجي. پر صوفي کھڙا ڪٽنديئن. مون چيو سنڌ جا هوندا. ترجمو چيائين خود ڪرڻو پوندئي. اپريل ۾ ته پيپر لکي ڏيڻا اٿم. Dissertation ٻن مهينن ۾ لکڻي اٿم. چيائين اها به ته ٽيسز ٽينڊئي، يا نالو ڊاڪٽر ڪيئي. سوچان پيئي ته M. A ڪان پوءِ اجازت نه ڏنائون ته پوءِ ڇا ڪريان؟ توهان جي مرضي هجي ته احتياطن ٻين يونيورسٽين ۾ Apply ڪري ڇڏيان. جي هتي چيائون ته پلي ڪر ته ٺيڪ، نه ته ٻئي هنڌ داخلا ته هوندم. وري به جيئن توهان جي مرضي هجي، Apply ڪرڻ جو وقت هي آهي. پوءِ داخلا ڪانه ملندي.

پاڪستان جي خراب سياسي حالت جون خبرون ٻڌجن پيون. فڪر ٿيو پوي. توهان جي طبيعت اميد ته ٺيڪ هوندي.

توهان جي ڌيءُ

درشهوار

University of Sussex
14.577

خدا هميشہ سلامت رکيوَ!
قبلہ گاه پيارا بابا سائين.

السلام عليڪم.

ڪافي ڏينهن کان توهان کي خط ڪونہ لکيو هئم. جو پيپر لکڻ ۾ مصروف هيس. هاڻي M.A لاءِ dissertation لکڻي اٿم. Out line توهان کي موڪليان ٿي، استاد Approve ڪئي آهي. پن مهينن ۾ پوري ڪرڻي آهي، تنهن لاءِ چياائين تہ "Ambitious پروگرام نہ کڻ. جو Sumarise ڪرڻ ڏکيو ٿي پوئي". هن ۾ بہ ٿي ڳالهيون توهان کان پڇڻيون آهن. دلپت صوفيءَ تي ڪو لٽريچر ڪونہ اٿم. چئون تہ اهو Exchange ڪريان. شاهہ لطيف تي H.T. Sorly جو هڪ ڪتاب اٿم. بيو رسالو سنڌيءَ ۾ اٿم. بيو ڇا پڙهان؟ سچل سرمست جو هڪ سرائيڪي ۾ هڪ سنڌي رسالو اٿم. How and when Sufism originated in Sindh? ڪهڙن صوفين جا نالا mention ڪرڻ گهرجن، تہ اُهي پهريان سنڌي صوفي هئا. انهيءَ لاءِ ثبوت ڪپن. باب پنجين تي توهان ڪجهہ روشني وجهو ۽ پڙهڻ لاءِ ڪتابَ بہ لکندا. پروگريس صوفين جي يعني، بابت ٿيون، انهيءَ تي بہ مهرباني ڪري ڪجهہ روشني وجهندا. هيءَ Thesis سني ٿي تہ انهي کي D. Phil ۾ ڪم آڻينديس. وڌيڪ detail ۾ شاهہ ۽ سچل سرمست جو ڪو اڻ ڇپيل ڪلام آهي؟ اُهو هجي تہ تمام سنو. منهنجي خيال ۾ دلپت کي ڇڏڻو پوندو، انهيءَ تي ڪوبہ ڪتاب ڪونہ اٿم. جنهن استاد جي سپرويزن ۾ هي Thesis لکان ٿي، انهيءَ چيو تہ هن يونيورسٽيءَ ۾ ڪو صحيح ماڻهو ڪونهي. پنهنجي نالي چيائين تہ Hinduism کان سواءِ بيو ڪونہ ڄاڻان. تنهن ڪري چيائين تہ، Edinburgh يونيورسٽيءَ کي لک جتي Sufism تي ڪم ٿيو آهي. Montgomery Watt اتي آهي، جنهن اسلام ۽ صوفي ازم تي ڪافي ڪتاب لکيا آهن. انهيءَ کي خط لکيو اٿم. هن چيو تہ منهنجو حوالو لکينس تہ انهيءَ جي سپرويزن ۾ ڪم ڪريان پئي. M. A هتان ملندئي، پوءِ هُتي داخلا سولي ملي ويندئي. خدا ڪري داخلا ملي. هن کي گهڻو چيو اٿم تہ تون supervise

ڪر، پر هن ڪي به ڪي Problem آهن. اجان ته انڪار پئي ڪري. خدا ڪري ته هيءَ M.A جي Thesis سٺي ٿئي.

مسز ايلسا قاضيءَ جو رسالو پوسٽ ڪري موڪليندا، مون وٽ ڪونه آهي. اجان فيصلو ڪونه ڪيو اٿن ته Ph.D لاءِ اجازت ڏين ٿا يا نه؟ هن استاد چيو ته پريشان ٿيڻ جي ڳالهه ڪانهي M. A هتي جي ملندي ئي، پوءِ ڪٿي به داخلا ملڻ مشڪل ڪانه ٿيندي. صرف Supervisor سولو ۽ صحيح ماڻهو هجي. ڪجهه ڏينهن ڏاڍي پريشان هيس، پر هاڻي ڪجهه اميد ٿيڻ لڳي آهي، خدا مڙئي سولي ڪندو.

ڪتاب جيڪي موڪليو ته انهن ڪي اهڙي نموني پيڪ ڪريو جو پاسي کان خبر پوي ته ڪتاب آهن، انهيءَ تي پوسٽ جو خرچ گهٽ ٿيندو آهي. ايلسا قاضيءَ وارو ڪتاب مهرباني ڪري جلد موڪليندا. آگسٽ جي شروع ۾ مون ڪي finally لکڻو آهي. هي به مهينا پڙهڻو اٿم. سپروائيزر چوي ٿي ته هر هفتي ڪجهه اکي ڏيکار ته خبر پويم ته ڪيئن پئي لکين. جون جي 22 کان موڪل ٿيندي، پوءِ شايد هوءَ ڪيڏانهن وڃي، تنهن ڪري سندس نگرانيءَ ۾ ڪجهه ڪم ٿي وڃي ته سٺو.

اميد ته ايڏانهن سڀ خير هوندو.

ياڪر توهان ۽ ادي ڪي.

توهان جي ڌيءَ

درشهوار

University of Sussex
21st May 77

سدا خوش ۽ سلامت هجو.
قبلہ گاه پيارا بابا سائين

اسلام عليڪم.

عرض تہ هڪ خط پهرين بہ موڪلي چڪي آهيان. وري ڪلاس ٽيم، سو .Dr Pratima Bowes سان Topic تي ڳالهايم. چيائين هڪ هندو صوفي بہ رک تہ بهتر ٿيندو. پر چيو مانس تہ مواد ڪونہ اٿم. چيائين تہ توهان کي لکان تہ توهان by air پوسٽ ڪري ڏياري موڪليو چو تہ جلد کپيم. بيو ۽ ٽيون باب چوي ٿو تہ گڏي لِک. يعني پهرين Semitic Religions جو ۽ Persians جو اثر ڏيکارڻو آهي، سنڌي صوفين تي. انهيءَ لاءِ ڪهڙا ڪتاب پڙهڻ گهرجن؟ جو حوالي سان ثابت ڪري سگهان.

بي ڳالهہ تہ University of Edinburgh لکيو هئم. استاد جي چوڻ مطابق Montgomery Watt خط جو جواب موڪليو آهي تہ M.A اتان ڪري اچي سگهين ٿي. لکيو اٿس تہ گذريل سال تنهنجو خط مليو هئو. (جيڪو پاڪستان ايمبيسيءَ منهنجي طرفان موڪليو هئو) انهي کان پوءِ M. WATT لکيو آهي تہ، هن اينې ميري شمل سان Contact ڪيو ۽ هن بہ مڃيو تہ informally هوءَ بہ منهنجي Research سُپرواٿيزر ٿيندي. لکيو اٿس تہ شمل سانُ ڳالهہ ڪير ر. هوءَ توکي سڃاڻي ٿي، دل ۾ چيم مون کي تہ ڪانہ سڃاڻندي هوندي. خط لکيو هئو مانس شايد هجيس.

هتي هيءَ ڪلهہ موسم وري سرد ٿي وئي آهي. هوا تمام گهڻي ۽ سياري جي رُهي پئي محسوس ٿئي. طبيعت نيڪ هوندي بہ مونجهہ ۽ پريشاني ٿي رهي. اُس نڪري ٿي تہ مونجهہ بہ لهيو وڃي. Edinburgh ۾ تہ چون ٿا تہ وڏيڪ سردي ۽ برف آهي. اُتي تہ منهنجو الا جي ڪهڙو حشر ٿيندو.

بابا پئسا ڊاڪٽر نورانيءَ ڏي موڪليو تہ. ادا (سيد امداد محمد شاهہ) کي چوندا تہ ڪيش ڪرائن. توهان جي نالي سان چيڪ مان ماٺهن کي ڊپ ٿو لڳي.

توهان اميد تہ خوش هوندا، ادي بہ نيڪ هوندي.
ياڪر ۽ سلام توهان ۽ اديءَ لاءِ.

توهان جي ڌيءَ
درشهوار

University of Sussex
3.7.77

خدا هميشہ توهان جو سايو اسان جي سر مٿان قائم رکي
قبلہ گاه پيارا بابا سائين

السلام عليڪم.

جمع جي شام جو يعني پهرين جولاءِ تي پڙهم تہ توهان جي طبيعت ناساز آهي، هتي اخبار ۾ خبر آئي هئي.

پن ڏينهن کان فون جي ڪوشش پئي ڪيم. آخر اڄ صبح جو 8 بجي چاچي (سيد غلام مصطفيٰ شاهہ جي گهر واريءَ) سان ڳالهايم. پنهنجي ڪراچيءَ جي گهر جو ۽ نوابشاهہ جو نمبر پئي ڪونہ مليا. پوءِ خبر ناهي فون خراب هئي يا گهر ۾ ڪير ڪونہ هئو.

چاچيءَ کي چيو هئم تہ آئون فون جو انتظار ڪنديس. ادا جن کي چئجو تہ ڳالهائين. پر سڄو ڏينهن انتظار ۾ فون جي پاسي ۾ گذاريم، پر ادا جن خبر نہ آهي ڪهڙي سبب ڪري فون ڪانہ ڪئي.

مهرباني ڪري مون کي صحيح خبر پڏائيندا، آئون ڏاڍي پريشان آهيان. اجازت ڏيو تہ هڪ هفتي لاءِ اچي توهان سان ملي وڃان. آگسٽ ۾ ٿيسز ڏيڻي اٿم. ڪلاس وغيره ڪونہ آهن.

خدا ڪندو توهان خوش ۽ سلامت هوندا. پرديس ۾ ننڍڙي ڳالهہ بہ پڌجي تي تہ ڏاڍي تي پريشاني ٿئي.

خبر تہ هتي هر ڪا پئجيو وڃي، پوءِ صحيح خبر هوند لکو تہ پريشاني کان بچي پئجي.

توهان جي ڌيءُ
درشهوار

## 104 ـ ڏونگر سي ڏوريندين

University of Sussex

30th Aug 77

قبلہ گاه پيارا بابا سائين

السلام عليڪم.

خدا ڪيو هوندو تہ هن وقت توهان بلڪل صحتياب ٿي ويا هوندا، آمين!

ڪافي عرصي کان توهان وٽان ڪو احوال ڪونہ آيو آهي. ڪراچيءَ تي چار خط ۽ ڪارڊ موڪليم، پر خبر نہ آهي توهانکي مليا يا نہ. گهران اديءَ جن کان ٿوري خبر پئي پئي تہ توهان ڪراچي آهيو ۽ شايد جلدي ڳوٺ اچو انهيءَ ڪري ڳوٺ پئي خط لکان.

ڪجهہ نالا لکان ٿي، انهن جي شهر جو نالو تاريخ پيدائش ۽ وفات جي تاريخ مهرباني ڪري جلد لکي موڪليندا. توهان جي ڪتاب "پيغام لطيف" ۾ ڪن جون تاريخون آهن ۽ ڪن جون ڪونہ آهن. ممڪن هجي تہ سن عيسوي لکي موڪليندا. توهان جي ڪتاب جو پهريون ڇاپو مون وٽ آهي، پر انهيءَ تي پبليڪيشن جي تاريخ ڪانہ آهي. اها بہ مهرباني ڪري موڪليندا.

نالا هي آهن، اُنهن جون تاريخون گهرجن:

1. شاهہ عنايت صوفي 2. مخدوم معين ٺٽوي 3. مخدوم محمدي کهڙن وارو 4. صاحب ڏنو فقير 5. مخدوم محمد زمان لنواريءَ وارو 6. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي 7. مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي 8. مدن ڀڳت ۽ ڪتاب جي تاريخ. اميد تہ توهان جي طبيعت بلڪل ٺيڪ هوندي. آءُ خوش آهيان.

توهان جي ڌيءَ

درشهوار

### 105 - ڏونگر سي ڏوريندي‌يون

University of Sussex
Brighton
29th Sept. 77

سلامت هجو سدا.

قبلہ گاه پيارا بابا سائين

السلام عليڪم.

پيپر ختم ٿيڻ کان پوءِ خط لکيو هئم. اڄ سپروائيزر سان ملاقات ٿي. اڻ سڌيءَ طرح ٻڌايائين تہ فڪر نہ ڪر، بس ايڊنبرا وڃڻ جي تياري ڪر. ٻي پوڙهي انگريزياڻي بہ مون سان هئي، اُها پنيان پئجي ويس تہ صاف ٻڌاءِ تہ هيءَ پنهنجي پيءُ کي خوشخبري لکي. چيائين تہ يلي لکي ڇڏيس، پيپر سٺو ڪيو اٿس. پر سرڪاري طرح هن مهيني جي آخر ۾ خبر پوندي، تنهن ڪري يونيورسٽيءَ ۾ ڳالهہ نہ ڪيحان، جو تہ اڳي ٻڌائڻ غلط ڪم آهي. هاڻي سڄو مهينو هت رهڻو پوندو نتيجي لاءِ. هڪ ڳالهہ جي تہ پريشاني لهي وئي. ايڊنبرا لکيو هئم تہ نتيجو ڪونہ نڪتو آهي جنهن تہ هاڻي اچان يا پوءِ اچان. اجان جواب ڪونہ ڏنو اٿن. في الحال براٽن ۾ رهڻو پوندو جو هاسٽل ڇڏڻي اٿم. توهان خط ساڳي ايڊريس تي لکندا. مون کي ڪير نہ ڪير چوڪري پهچائيندي يا آئون ڪٿي پئي ويندس.

توهان جي طبيعت خدا ڪندو تہ هاڻي بلڪل نيڪ ٿي وئي هوندي. هتي سردي شروع ٿي وئي آهي ۽ هيٽنگ بہ شروع ڪئي اٿم.

ياد ڪر توهان لاءِ.

توها جي ڌيءَ
درشهوار

Brighton
13th October 77

سدا سلامت هجو.
قبلہ گاه پيارا بابا سائين

السلام عليڪم.

عرض تہ توهان جو 5 آڪٽوبر جو خط مليو. تعجب آهي تہ منهنجا چار خط وچ ۾ لکيل توهان کي ڪونہ مليا آهن. مون Thesis 20 سيپٽمبر تي Submit ڪئي، 28 سيپٽمبر تي سپروائيزر سان مليس، هن ٻڌايو تہ پاس ٿي وئي آهين. پر سرڪاري طرح مهيني جي آخر ۾ رزلٽ نڪرندو. تيسين انتظار ڪرڻو اٿم.

ايڊنبرا مان ليٽر آيو آهي تہ رزلٽ وٺي پوءِ اچ. داخلا سمجهو تہ ٿي وئي آهي، صرف رجسٽريشن ڪرائڻي آهي. آڪٽوبر جي آخر يا نومبر جي شروع ۾ وينديس.

هاسٽل پهرين آڪٽوبر تي ڇڏيم، هفتو Y.W.C.A رهيس. هاڻي هڪ فليٽ ۾ رهان پئي، سمنڊ جي ڪناري تي آهي. جيئن تہ ٿوري عرصي لاءِ ورتو اٿم سو ڪافي مهانگو پيو آهي. 32 پائونڊ هفتي جا ڏيا وٺن. لائيٽ، هيٽنگ وغيره لاءِ جدا ڏيا سڪا استعمال ڪرڻا پون. ماني پنهنجي تيار ڪندي آهيان. جتي هفتو رهيس اُتي ماني کائڻ جي اجازت ڪانہ هئي، تنهن ڪري ڪنهن ريسٽورنٽ تي کائڻي ٿي پئي، جنهن تي ٽي چار پائونڊ روز ٿي خرچ ڪرڻا پيا.

توهان جي ڌيءَ
درشهوار

10_ Inverbight Rew
Edinburgh.
$14^{th}$ Nov 77

سلامت هجو سدا.
قبلہ گاهہ پيارا بابا سائين

اسلام عليڪم.

توهان جو خط مليو. مون بہ هت پهچڻ شرط هڪ خط روانو ڪيو هئو. اميد تہ پهچي ويو هوندو.

7 نومبر تي رجسٽريشن ڪرايم. پر جيئن تہ اجان State Bank اجازت ڪانہ ڏني آهي، تنهن ڪري پئسا ڪونہ ڏنا اٿم. هنن University of Sussex جو Proof گهريو آهي، تہ واقعي M. A ڪئي اٿم يا نہ؟ يونيورسٽيءَ کي لکيو اٿم. ممڪن آهي انهن ايمبيسيءَ کي اطلاع ڏنو هجي. هڪ مهيني جي اندر فيس ڏيڻي آهي، پهرين بہ لکيو هئم تہ ٽيوشن فيس ۽ ٻيا فنڊ ملائي 895 پائونڊ، سال لاءِ ڏيڻا آهن. مون Arabic ۽ Persian پڙهڻ شروع ڪيون آهن. Arabic جا روز ڪلاس ٿيندا آهن، Persian هفتي ۾ هڪ دفعو. بہ ڪورس فارسيءَ جا ڪنيم، تہ پوءِ بہ ڪلاس ٿيندا. هڪ پهرين سال لاءِ آهي، ٻيو ٻئي سال لاءِ. پر استاد کان اجازت گهري اٿم تہ مون کي ٻئي ڪورس ڪٽا آهن. هڪ ۾ گلستان سعدي پڙهائين ٿا ۽ ٻئي ۾ ديوان حافظ ٻيو اجان شروع ڪونہ ڪيو اٿم.

پروفيسر Montgomery Watt سان بہ مليس. انهيءَ چيو تہ اسين توکي Method ٻڌائينداسين. باقي توکي خود ڪرڻو پوندو. جو سنڌي اسان کي ڪانہ ٿي اچي. Method لاءِ هفتي ۾ بہ سيمينار ٿيندا آهن. هڪ ۾ ٻڌائيندا آهن تہ Thesis ڪيئن لکجي، Material ڪيئن Select ڪجي ۽ انهيءَ کي Logical طريقي سان ڪيئن ثابت ڪجي وغيره. ٻئي ۾ شاگرد ڪجهہ لکي ليڪچر ڏيندا آهن ۽ پنهنجي Subject متعلق ٻڌائيندا آهن. پروفيسر M. Watt چيو تہ پنهنجي Thesis جو پلاٽ ٺاهي، ڪيس ڏيکاريان. پوءِ هن جي Approve ڪرڻ کان پوءِ، ڪم شروع ڪريان.

ايڊنبرا ۾ رهائش جي ڏاڍي تڪليف آهي. جيئن تہ هاسٽلون تمام

ٽوريون آهن ۽ يونيورسٽيءَ کان ڪافي پري ۽ ننڍيا گهرن جيئن آهن. Accommodation آفيس ان، ڪجهہ خانگي جايون Suggest ڪندا آهن. جيئن تہ مون کي بہ هاسٽل ۾ جاءِ ڪانہ ملي، تنهن ڪري هڪ فيملي سان رهڻو پيو اٿم.

انگريز فيملي آهي. زال، مڙس ۽ هڪ ڇهن سالن جو ٻار اٿن. منهنجو ڪمرو الڳ آهي، ٻورچي خانو ۽ ٻاٿ روم ساڳيو استعمال ڪرڻو آهي. ڊرائينگ روم بہ استعمال ڪرڻ جي اجازت آهي. ماڻهو چڱا آهن. ڪاڏو پنهنجو جدا تيار ڪندي آهيان. يونيورسٽيءَ کان پري آهي، تنهن ڪري بس ۾ ايندي آهيان. مهيني ۾ 15 پائونڊ ڪرايو ٿيندو. جاءِ جو 50 پائونڊ مهينو آهي، لائيٽ ۽ گيس جا الڳ پئسا ڏيڻا آهن. لنڊن ۽ برائيٽن کان هتي وڏيڪ مهانگائي آهي. يونيورسٽيءَ جي هاسٽل ۾ رهڻ ڪري لائيٽ ۽ گيس مفت هئي ۽ ڪمري جو ڪرايو بہ گهٽ هئو. هتي سردي وڏيڪ هئڻ ڪري، گيس هر وقت ٻارڻي ٿي پوي. بل بہ خوب ڏکهو ايندو. يونيورسٽي ڪمپائونڊ ۾ رهڻ ڪري، ڪرايو بہ ڪونہ هئو ۽ وقت جي بہ بچت هئي. هر هنڌ ساڳي سهولت نٿي ملي سگهي. هت ڊپارٽمينٽ جي ننڍي لائبريري جدا آهي ۽ وڏي بہ آهي. درخواست ڏني اٿم تہ لائبريريءَ ۾ پڙهڻ لاءِ خاص ڪمرو مليم. جيڪو Research جي شاگردن کي ملندو آهي، تہ رات جو 30 .9 تائين ويهي پڙهي ٿي سگهان. ناشتو ڪري ويندي آهيان، شام جو 6 ـ 7 ايندي آهيان. ٻن پهرن جو Refractory ۾ ماني کائيندي آهيان.

توهان اميد تہ خوش هوندا. ياد ڪر.

توهان جي ڌيءُ

درشهوار

سدائين سلامت هجو.
قبل گاه پيارا بابا سائين

السلام عليڪم

توهان جو خط ۽ ان سان گڏ بئنڪ جو ڪاغذ رجسٽر ٿيل مليا. مون توهان ڏي خط موڪليو هئو اُهو شايد پوءِ مليو هجي.

عربي زبان ۽ فارسي سکان پئي. عربيءَ ۾ اجان ابتدائي گرامر وغيره سيکارين پيا ۽ ڳالهائڻ لاءِ يا صحيح تلفظ لاءِ Language laboratory ۾ ڪلاس ٿيندا آهن. جتي ٽيپ رڪارڊر ۽ هيڊ فون جي ذريعي مشق ڪندا آهيون. عربيءَ ۾ 15 ڊسمبر تي امتحان هئو. جيتوڻيڪ اُهو Undergraduates لاءِ هئو پر استاد چيو تہ تون بہ ڏئي ڇڏ تہ سٺو آهي، انهيءَ بهاني وڏيڪ ڏيان ڏينديئن ۽ رزلٽ جو فائدو بيو تہ ڪونہ ٿيندو خود خبر پئجي ويندئي تہ اجان ڪيتري محنت جي ضرورت اٿئي. فارسي ۾ ديوان حافظ گلستانِ سعدي ۽ تذڪرة الاولياء پڙهان پئي. اج ٽرم ختم ٿيو. وري 9 تاريخ يونيورسٽي کلندي ۽ ڪلاس ٿيندا. انهيءَ وچ ۾ آڪتوبر ۾ جيڪو Miss ڪيو هئم ڪم، اُهو ڪرڻو اٿم ۽ Thesis لاءِ Outline بہ تيار ڪرڻي اٿم. منهنجي ريسرچ لاءِ بہ سپروائيزر نگراني ڪندا. هڪ Arabic جو پروفيسر M. Watt ۽ بيو پروفيسر E. Sutton فارسيءَ جو آهي. ٽيون ايراني آهي، جيڪو ديوان حافظ پڙهائيندو آهي ۽ جنوريءَ کان مثنوي مولانا رومي پڙهائيندو. اُهو سرڪاري طرح تہ ڪونہ Appoint ٿيو آهي پر چوي ٿو تہ آئون بہ تنهنجي مدد ڪندس.

اسلامڪ ڊپارٽمينٽ جي ڪري، گهڻو ڪري عربي ڳالهائڻ وارا آهن ۽ ڪجھ فارسي، پر انگريز بہ پيا فارسي ۽ عربي ڳالهائين. فارسي تہ ڪجھ سمجھ ۾ اچيو وڃي پر عربي صفا ڪانہ ٿي آئي، هاڻي ٻڌي ڪن ڪجھ وڃي هريا آهن.

توهان جي ڌيءُ
درشهوار

Happy Birthday to you
May you have many more Happy Birthdays to
Dear Father (Baba)
Happy Birthday to you.

توهان سلامت رهو مسڪرايو کلو
اسان توهان جي لاءِ گيت ڳائيندا رهون

نظر ڪري مان ڇڏيان پنهنجي زندگي
مان وني توهان کان غم، ڏيان هر خوشي

ڪڏندي رهي سدا انهن لبن تي خوشي
مان تبسم ۾ آنسو لڪائيندي رهان.

پياري پيءُ کي سالگره مبارڪ!

توهان جي ڌيءُ
درشهوار

Edinburgh
23rd Jan 78

شال سلامت هجو.
قبلہ گاه پيارا بابا سائين.

السلام عليڪم.

عرض تہ پهرين بہ خط لکيو هئم، ڪافي ڏينهن ٿيندا، توهان اڄ ڪلهہ شايد وڌيڪ مصروف ٿا لڳو. خبر ناهي توهان تان پابندي لهي وئي يا اڃان آهي؟

خدا ڪندو تہ توهان جي طبيعت بہ بلڪل ٺيڪ هوندي. اديءَ جن خط لکن ٿيون، پر توهان جو خط نہ ٿو اچي تہ ڪجهہ خيال ٿيو پوي.

مون کي استادن زبانون (عربي ۽ فارسي) پڙهڻ لاءِ چيو جيڪي سکان پئي. پيو چيائون تہ Thesis جو sketch لکي ڏي تہ انهيءَ تي ڪهڙي طريقي سان ڪم ڪرڻ تي چاهين؟ ۽ ڪيترا باب ٿيندا. هر باب لاءِ Bibliography جدا لک تہ ڪهڙو مواد استعمال ڪرڻو اٿئي ۽ انهيءَ ۾ ڇا لکڻ ٿي چاهين؟ ڪهڙي پيرڊ تي لکڻ ٿي چاهين وغيره. پوءِ لکڻ شروع ڪر. پروفيسر Montgomery Watt اڄ ڪلهہ ٻيءَ ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ ويل آهي، مئي ۾ واپس ايندو. تيسين چيائين تہ ڪجهہ ڪم ڪري رکجان تہ اچي ڏسندس. پيو پروفيسر E.Sutton فارسيءَ جو آهي، اُهو ڪم سُپروائيزر ڪندو. انهي چيو تہ ڪم ڪري مون کي ڏيکاريندي وڃ. چيو اٿن تہ ڪم گهٽو ambitious نہ ڪڻ جو پهرين شاگرد شروع ڪري پوءِ خود اچي ڏيگهہ مان تنگ ٿيندا آهن. ڪو مقرر Period ڪڻ ۽ خاص هڪ يا بہ صوفي شاعر ڪڻ. انهي لاءِ ٻڌايو مان تہ شاهہ عبداللطيف ۽ سچل سرمست تي ڪم ڪرڻو اٿم ۽ 17th to 18th A.D Century period انهيءَ لاءِ توهان کي جدا هڪ Rough Sketch موڪليان ٿي. توهان انهي ۾ ڪا تبديلي آڻڻ چاهيو تہ اُها بہ لکندا ۽ sources لاءِ بہ information ڏيندا.

Mrs. Valdovia توهان ڏي خط موڪليو هئو انهي کي بہ ڪو جواب ڪونہ ڏنو اٿو. مهرباني ڪري هن خط جو جيترو جلد ٿي سگهي جواب لکندا، جو مون کي لکڻ شروع ڪرڻو آهي.

ياڪر توهان لاءِ.

توهان جي ڌيءَ
درشهوار

Edinburgh EH3
5th March. 78

سلامت هجو سدا.
قبلہ گاہ پيارا بابا سائين

السلام عليڪم.

توهان جا ٻہ خط گڏ مليا. ڪجهہ ڏينهن طبيعت خراب هئڻ ڪري توهان کي خط جي جواب ڏيڻ ۾ دير ڪيم. پر اديءَ جن کي مختصر لکيم تہ خيال نہ ڪجو.

پهرين تہ بابا، ڊاڪٽر اينيمري شمل جو ڪتاب مون پاڻ سان ڪونہ آندو آهي، بلڪ اديءَ وڏيءَ واري ڪمري ۾ جيڪو ڪٻٽ اديءَ جي سيرانديءَ آهي، اتي رکيو هئم تہ انهيءَ جي جانچ ڪندا.

بابا! اصفهان يونيورسٽيءَ مان Offer اسان جي يونيورسٽيءَ کي آئي تہ شاگرد جيڪي فارسي ٿا پڙهن، انهن مان ڪير اچڻ چاهي تہ 10 مهينن لاءِ اسان خرچ ڏينداسون. فارسي ادب ۾ ٻيا مرضيءَ سان ڪلاس attend ڪري سگهن ٿا. روز هڪ ڪلاڪ اُتي جي شاگردن کي پڙهائڻو پوندو. منهنجي فارسيءَ واري پروفيسر چيو تہ موقعو سٺو اٿئي، فارسي زبان بہ سٺي نموني سکي ويندينءَ ۽ مختلف لائبريرين ۾ ڪتاب ڏسڻ ۽ پڙهڻ جو بہ موقعو ملندئي. اُتي پنهنجو ڪم بہ پئي ڪجان ۽ فارسي ۾ مواد بہ پنهنجي Thesis لاءِ هٿ ڪري ونجان. پڇيومانس تہ منهنجي Research ۾ رنڊڪ تہ ڪانہ پوندي، وڃڻ ڪري. چيائين ريسرچ جو مطلب اهو هوندو آهي تہ مختلف يونيورسٽين ۽ ملڪن مان معلومات حاصل ڪري پوءِ پنهنجي طرفان پنهنجا رايا لکجن. مون بہ apply ڪيو آهي. ضروري ڪونهي تہ مون کي ئي ڪڍن. ڇو تہ سڄي U.K مان صرف ڇهہ شاگردن کي ڪڍڻا اٿن. پر پين سان گڏ درخواست ڏني اٿم. چيم تہ توهان کي لکي پڇان تہ توهان جي ڪهڙي مرضي آهي؟ ڪجهہ مهينن لاءِ پاڪستان بہ اچڻو پوندم. مواد لاءِ. هيءَ سال هتي ڪم ڪرڻو اٿم ۽ ڪجهہ لکي ڏيکارڻو آهي. اصفهان جي گهرايائون تہ 5 سيپٽمبر کان ٽرم شروع ٿيندو جون 79 تائين. وچ ۾ سياري ۽ بهار جي 15 ـ 15 ڏينهن موڪل بہ ٿيندي. پروفيسر کان پڇيم تہ پوءِ پاڪستان

ڪڏهن وڃان؟ چياڻين اصفهان جي خبر پوي. پوءِ يا اصفهان وڃڻ کان پهرين جولاءِ ۾ آگسٽ لاءِ وڃ يا پوءِ وڃ. پر پاڻيان ٿي تہ پهرين اچي ڪانہ سگهنديس.

عربي زبان سکڻ ۾ ڏاڍو ٿو وقت وڃي، ڇو تہ Modern Arabic پيا سيکارين. پر استاد چون ٿا تہ ضروري اٿئي. ڇيو مان تہ ٻولين ۾ گهڻو وقت ٿو وڃيم تہ اصل ڪم لاءِ گهٽ ٿو وقت مليم. پر هنن جي بہ مرضي رکڻي ٿي پوي.

ها، بابا توهان جي مضمون مان ڪافي معلومات ملي آهي. ڪجهہ وري سوال لکان ٿي. توهان خود مصروف آهيو پر مهرباني ڪري اها معلومات جلدي موڪليندا. ٻي نہ تہ ڪتابن جا حوالا لکندا تہ ڪٿان مان اها معلومات حاصل ڪري سگهجي ٿي. اُهي سوال ٻئي پني تي جدا لکان ٿي.

توهان جي ڌيءُ
درشهوار

Edinburgh
16th June 78

سدا خوش هجو.
قبلہ گاه پيارا بابا سائين

السلام عليڪم.

گهڻي عرصي کان پوءِ توهان کي خط پئي لکان، جو هڪ Chapter لکڻ ۾ مصروف هيس. اُهو پورو ڪري گذريل هفتي ڏنم. ڪلهہ سيڪريٽريءَ پيپر واپس ڪيا ۽ چيو تہ "پروفيسر مانگا مري واٽ" تنهنجي ڪم کان ڏاڍو متاثر ٿيو آهي ۽ ٻئي سال Ph.D ۾ ترقي ملي اٿئي. پروفيسر کي چيم تہ برٽش ميوزم ۽ انڊيا آفيس لائبريريءَ ۾ پڙهڻو اٿم. سو ليٽر ڏنا اٿس. انهن لائبريرين لاءِ. سرڪاري طرح ليٽر هن مهيني جي آخر ۾ ملندو. اُهو ادا کي موڪليندس تہ اسٽيٽ بئنڪ کي ڏئي تہ سيپٽمبر لاءِ داخلا ۽ سال جي خرچ جي پرمٽ ڏين. ڏينهون ڏينهن داخلا جي فيس وڌائيندا ٿا وڃن. گذريل سال ڏري گهٽ 900 پائونڊ هئا هن سال وري 100 پائونڊ وڌايا اٿن. خدا ڪري تہ جلد ڪم پورو ٿئي. شاهہ ۽ سچل تي ڪتاب ۽ رسالا جن ۾ مضمون ڇپيل آهن، انهن جي ضرورت ٿيندي. پر في الحال برٽش ميوزم ۾ ڏسان ٿي تہ ڇا ٿو هٿ اچي.

سنڌ جي تاريخ ڪلهوڙا پيرڊ توهان وٽ ڪتاب هجي ممڪن ٿئي تہ پارسل ڪري موڪليندا. يا ادا زلف (ڪيپٽن علي احمد شاهہ) کي ڏيندا. جن ٻين ڪتابن جي ضرورت ٿي تہ پوءِ لکندس.

توهان اميد تہ خوش هوندا. ٻاڪر توهان لاءِ.
آئون ٺيڪ آهيان.

توهان جي ڌيءَ
درشهوار

115 ـ ڏونگر سي ڏوريندي‌يون

234, Brewson House
Pollock Halls of Residence
Edinburgh E H 16
9th Nov 78

سدا خوش ۽ سلامت هجو.
قبلہ گاه پيارا بابا سائين

السلام عليڪم.

عرض تہ ادي وڏي ۽ ادا ننڍي جي خط مان خبر پئي تہ توهان جي ٻانهن ڀُڄي پئي هئي، جنهن جي علاج لاءِ توهان حيدرآباد ۽ پوءِ ڪراچي اُسريا هئا. خدا ڪيو هوندو تہ هن وقت توهان بلڪل ٺيڪ ٿي واپس پنهنجي ڳوٺ پهچي ويا هوندا. ادا لکيو تہ هفتي ڪن ۾ واپس سن ويندا‌سين. خط پهچڻ ۾ هفتو تہ گذري ويو. پهرين چيم تہ ڪراچيءَ خط لکان، پر وري سوچيم تہ توهان سن هوندا تہ خط بہ اُتي لکان.

پرديس ۾ رهڻ ڪري ۽ جلدي احوال نہ ملڻ ڪري ڏاڍي پريشاني ٿي ٿئي. سامهون بہ تڪليف گهٽ ڪري يا لاهي تہ نٿي سگهجي، پر اڪين سان ڏسي، هر وقت خبر تہ وٺي سگهجي ٿي نہ ۽ انهيءَ مان ڪافي تسلي ٿي ٿئي. بهرحال خدا ڪيو هوندو تہ صحيح علاج مان فائدو ٿي ويو هوندو ۽ هاڻي بلڪل صحتمند ٿي ويا هوندا.

اوهان جي ڪتاب "سنڌوءِ جي ساڃاهہ" جو هڪ جلد پڙهي پورو ڪيم بيو شروع ڪيو اٿم. سمجهان ٿي تہ هن ڪتاب جي مدد سان منهنجو گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڪم تہ انهي مان ٿي ويندو. بہ اهم مسئلا، جيڪي سنڌ ۽ مذهب تي ريسرچ لاءِ ضروري هئا، انهيءَ تي ڪافي مواد هن ڪتاب ۾ موجود آهي. حوالا Original Sources بہ ڏنا اٿوَ. انهي ڪري ثبوت طور انهن کي quote ڪري سگهجي ٿو. مطلب تہ ڪتاب ڏاڍو معلوماتي آهي. ڪاش اهو چئجي سگهي ۽ هر هڪ سنڌي پڙهي، پاڻ سان عهد ڪري تہ، هنن جو جيئڻ ۽ مرڻ جو مقصد صرف هڪ ئي هئڻ گهرجي يعني سنڌ جي عظيم الشان ماضيءَ کي وري زنده ڪرڻ.

ڪن ڪتابن جي مون کي ضرورت پوندي، خاص ڪري جيڪي

سنڌيءَ ۾ آهن ۽ اتان ئي ملي سگھن ٿا. انهن جا نالا بئي دفعي لکنديس. مهرباني ڪري اُهي جلد هٿ ڪري موڪليندا. شاهه عبداللطيف ۽ سچل سرمست تي جيڪو به اڄ تائين ڪم ٿيو آهي، اُهي تمام مضمون ڪپندا، رسالا مون وٽ آهن. پروفيسر صاحب چيو آهي ته هاڻي صرف Text کي Study ڪر. شاهه، مولانا روم ۽ منطق الطير به استادن وٽ پڙهان پئي. هفتي ۾ هڪ هڪ ڪلاس ٿو ٿئي، سو رفتار تمام سست آهي. بهرحال بيو وقت مون کي سنڌيءَ لاءِ مليو وڃي.

منهنجو ارادو هئو ۽ پروفيسر به چيو هئو ته مواد هٿ ڪرڻ لاءِ ايڏانهن اچان، ته انشا الله (خدا خير ڪري) Ph.D ڪري پوءِ ايندس. مواد توهان هٿ ڪري موڪليندا وڃجو.

توهان جي ڌيءَ
درشهوار

## 117 ـ ڏونگر سي ڏوريندي،يون

Edinburgh
13th Dec. 79

سلامت هجو.

قبلہ گاه، پيارا بابا سائين

السلام عليڪم.

ڪافي ڏينهن کان پوءِ خط پئي لکان، ڇو توهان به ڪجهه وڏيڪ مصروف ٿا رهو تنهن ڪري ڪافي دير سان ٿا لکو.

هڪ خط ادا "زلف" (ڪيپٽن علي احمد شاهه) هٿان موڪليو هئم. انهيءَ متعلق ڪو جواب نه ڏنو. شايد انهيءَ ڳالهه جي باري ۾ توهان خيال بدلائي ڇڏيو آهي.

گرمين ۾ لنڊن وئي هيس ته ڪجهه سنڌي ڪتابن مان مواد هٿ ڪجي. گهڻو ڪري انڊيا آفيس لائبريريءَ ۾ ويندي هيس. جو اُهي ڪتاب ٻاهر ڪيڍڻ نٿا ڏين، جو تمام پراڻا ڪتاب آهن. انهن کان هندوستاني نون ڪتابن جي باري ۾ پڇيم ته چيائون ته اڄ ڪلهه گرمڪيءَ (ديوانا گريءَ) ۾ ٿا سنڌي ڪتاب لکن. مطلب ته نئون مواد ڪونه هئن. جاءِ شهر کان پري هئڻ ڪري سفر ۾ ڪافي وقت ٿي خراب ٿيو. ٻيو ته موڪلن جي ڪري لائبريريون جلد ٿي بند ٿين، انهيءَ ڪري ڪم پورو ڪونه ٿيو.

لنڊن يونيورسٽي لائبريري (SOAS) ۾ نوان ڪتاب ڪجهه مليا، خاص ڪري "ڊاڪٽر بلوچ" جا ڪافي هئا. سنڌ جي ادبي تاريخ تي به ڪجهه مليا.

برٽش ميوزم لائبريريءَ ۾ وڃي ڏاڍي مايوسي ٿي. تمام ٿورا ڪتاب هئا. منهنجي خيال ۾ هئو ته اُتي سيني کان گهڻا ڪتاب هوندا. ڪيٽلاگ ۾ مشڪل سان سؤ ڪارڊ هوندا. جن ۾ ٽن يا چئن ڪارڊن تي هڪ ئي ڪتاب جو نالو هئو. اهڙيءَ طرح 60 ـ 70 ڪتاب مس هوندا. سي به ٻاهر ڪيڍڻ نٿي ڏنائون. انهيءَ ڏينهن آئون ڏاڍي پريشان ٿي ويس.

سوچڻ لڳيس ته سنڌين هوندي سنڌي زبان جو اهو حال ٿيو آهي. ايترو نٿو پڇين ته جيڪي ڪتاب ڇپيل آهن، اُهي ئي ڪٺي موڪلي ڏين ته گهٽ ۾ گهٽ ڪيٽن تائين ته سنڌيءَ جو نالو هجي. پوءِ پڙهڻ وارو هجي يا نه

هجي.

ڪجهہ ڪتابن جا نالا موڪليان ٿي، اُهي توهان وٽ هجن تہ ٺيڪ، نہ تہ ڪتان هٿ ڪري موڪليندا.

توهان جي ڌيءُ
درشهوار



14.7.85

(٢)

78

COLOURCRAFT SERIES

AFFIX STAMP HERE

قبله گاهه،

پيارا بابا سائين

اسلام عليڪم،

اسين ڇهين جولاءِ تي

لنڊن پهتاسون، هفتو اُتي

گهمي ايڊنبرا آيا سون.

١٢ جولاءِ تي مونکي ڊگري

ملي. اڃا ٻه ٽي ڏينهن ايڊنبرا

هونداسون پوءِ لنڊن ۾ ساڍا

ٽي هفتا واپس ڪراچي پهچنداسون

توهان کي اميد ته خوش

هوندا. اسان ٻه ٽي

دفعو فون ڪري خيريت معلوم

ڪئي هئي.

ادي شمع به اميد ته

ٺيڪ هوندي. گهر ۾

سڀ ٻار ٻچا ٺيڪ هوندا.

سلام ڏيان ٿي توهان ۽ ادي شمع لاءِ

سڀني ٻارن کي پيار. درشهوار

University

Copyright Ramsay Aytoun

Published by Colourcraft Greetings (R. Aytoun) Dalkeith

Richard Verney Health Centre and Student Centre
House with Old College in background

جيجي ڊاڪٽر درشهوار سيد جو سائين جي ايم سيد ڏانهن لکيل پوسٽ ڪارڊ جو عڪس

مدينہ
8.3.71

پياري ڌيءُ درشهوار

السلام عليڪم:

ہہ خط اڳي لکيا اٿم هڪ 27 تاريخ، ٻيو 2 تاريخ، اميد تہ پهتا هوندا. منهنجي سمجهہ موجب سنڌ، مخزن علوم مذهب ۽ تهذيب آهي. سندس پنجن هزار ورهين جي تهذيب جا نشان، آثار قديمہ (archeology) جي کوٽائين مان معلوم آهن. هتي دراويدي، منگول، آريہ، سامائيٽ نسلن جا آثار موجود آهن. قبل از تاريخ کان سواءِ دراويدي، هندو ٻڌ، جين، زردشت، ماني، ڪرسچن ۽ اسلام مذهب جي مختلف فرقن جا اثر پڻ موجود آهن. هتي جو ڪلچر ۽ مذهب دنيا جي مکيہ ڪلچرن ۽ مذاهب جو مرڪب آهي. جنهن جو تت، اتحاد عالم، امن ڪل ۽ ترقي انساني لاءِ پيغام ۾ سمايل آهي. اهو ڪهڙو آهي؟ سو ڳهڻي تفتيش بعد معلوم ٿي سگهندو. پاڻ سڃاڻڻ، ٻن قسمن جا آهن. هڪ شخصي آهي ٻيو قومي. هڪ ماڻهو چيو آهي.

"To understand the world, we must understand ourselves"

ٻئي هنڌ چيو اٿس

"To know yourself, there must be awareness. The alertness of mind in which there is freedom from all the beliefs and idealization, because beliefs and ideals only give you a colour preventing true perception."

هاڻي سوال اٿندو تہ شخص، صرف سوسائٽيءَ جو پرزو آهي يا سوسائٽيءَ جو منزل مقصود (end)

"Are you and I as individuals be used, directed, educated, controlled, shaped to a certain pattern by society, government and religions or does society, state and religion exist for individuals."

انهن مکيہ سوالن کي مد نظر رکي پاڻ کي شخصي توڙي قومي طرح سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪبي. سر زمين سنڌ مان رسول اڪرم کي ٿڌي هير لڳي هئي. منهنجو ايمان آهي تہ سنڌ کي دنيا جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ خاص پيغام پهچائڻو آهي، پر اهو پيغام غير محدود ۽ وسيع ذرايع ۽ وسائل جي معلومات حاصل ڪرڻ بعد معلوم ٿي سگهندو.

سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ شاهه، سچل، قلندر شهباز ۽ بيدل وغيره جي سمجھڻ ۽ پڙهائڻ وارو بہ ڪونہ آهي. پر اتان ابتدائي سبق حاصل ڪري ايران، هند ۽ آمريڪا جي درسگاهن جا دورا ڪرڻا پوندا.

جي سنڌ يڪتا ۽ بي نظير آهي تہ ان جي دخترن ۽ فرزندن کي بہ اهڙو بڻجڻو پوندو. ان لاءِ نرواڻ، يا نفيءَ جو سبق، جو اول ۾ مهاتما ٻڌ کان سنڌ کي ورثي ۾ مليو سکڻ ضروري آهي. حضرت علي عليہ السلام وٽ ڪي ماڻهو ويا ۽ عرض ڪيائونس تہ هدايت ڪريو. پاڻ چيائون تہ پاڻي پري هن پريل پيالي ۾ وجهو جواب ڏنائون تہ سائين اهو اڳي ئي پريل آهي، ان کي خالي ڪرڻ کان سواءِ ٻيو پاڻي پئجي ڪونہ سگهندو. ان تي پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن نئين ۽ اعليٰ علم مان واقف ٿيڻو اٿو تہ اڳيان سيئي عقيدا، علم ۽ تعصب، تن کان دل کي خالي ڪرڻو اٿو. دنيا جي سڀ علمن ۽ معلومات کي ڏسي، پڙهي انهن جو نچوڙ حاصل ڪرڻو آهي.

ان ڪري توکي تاريخ، مذاهب، فلسفہ جي هر ڪتاب کي ڏسڻو آهي. پوءِ ان مان بهتر هر چيز هٿ ڪرڻي پوندي ۽ ردي ڦٽي ڪري ڇڏڻي پوندي.

عربي ۾ آهي تہ "خذ ما صفا دع ما کدر"

معنيٰ سٺي شي هٿ ڪر ردي شي ڦٽي ڪري ڇڏ.

پارسيءَ ۾ آهي تہ:-

"ما ز قرآن مغز را برداشتيم استخوان پيشِ سگان انداختيم".

معنيٰ "قرآن مان مغز ڪڍي ورتم، هڏا ڪتن اڳيان ڦٽا ڪري ڇڏيم".

توکي بہ ائين ڪرڻو پوندو.

اتي ڇا پيو وهي واپري ان جو ڪجھہ احوال ريڊين تي پيو معلوم ٿئي، وڌيڪ جو پتو نہ آهي جو اخبارون ڪونہ ٿيون پهچن.

گهر جو حال ڪهڙو آهي؟ ڳوٺ ۽ ڪراچيءَ ۾ سڀ خوش آهن. اڄ ٻڌو اٿم، ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ بہ فساد ٿيا آهن، سبب ڪهڙو آهي ان جو پتو ڪونہ آهي.

ڳوٺان، امداد وٽان خط اچن ٿا يا نہ. امداد ۽ جيجي وڏي تو وٽان ٿيندا، سامان ڏيندا ويا يا نہ ۽ پارسي پڙهين ٿي يا نہ؟ سليبس ڪهڙا مقرر ٿيا؟ چاچهين مليو اٿئي يا نہ؟ اجان آئون ڪجھہ وقت هتي هوندس. جدي، مڪي

۽ مديني مان تي آيل آهيان. دربار مديني ۾ سنڌ ۽ سنڌين جي آزادي، امن ۽ خوشحاليءَ لاءِ دعا گهرندو رهان ٿو.

نمازون ۽ تهجد به پڙهان ٿو.

تنهنجو دعاگو پيءُ

سنڌ لاءِ فريادي، دربار مديني ۾

**قلم تازو:**

مس ائنيمري شمل جو تصوف تي لکيل ڪتاب لائبريريءَ ۾ ڪونه ٿو ملي، تون ته پاڻ سان ڪٽي نه ويئي آهين؟

N.B: تصوف مان آئون اهو مطلب ڪڍان ٿو ته.

1. اهو آرگنائيزڊ رليجنس جي چنبي مان ڪڍي جملي مذهبن جي پويان وحدت ڳولي ڪڍي ٿو.
2. محبت ۽ اخلاق تي گهڻو زور ڏئي ٿو.
3. رومي، عطار، سنائي ۽ منصور کان وٺي ڪ شاه تي ڪرشن، ٻڌ، جينزم ۽ ماني ازم جو اثر پيو آهي.
4. جدا اسلامي تصوف عربن جي ذهن ۾ ڪونه هو.
5. عرب مذهب جي روح کان اڻ واقف هئا. تصوف ايرانين آندو جن تي مانيزم جو اثر هو.
6. سلسلا، جيڪي مسلمانن رائج ڪيا، جهڙوڪ قادري، چشتي، سهروردي ۽ نقشبندي، سي سڀ فلسفه تصوف کان اڻ واقف، ورد وظيفن، روزن نمازن ۽ ذڪرن جا قائل هئا، سي سڀ ڳالهيون مذهبن جي روح کان ڌار هيون.
7. ويدانيت، مانيزم، جينزم، ٻڌ ۽ گيتا مان گهڻو ڪجهه پرائي سگهجي ٿو.

ڪراچي
24.9.73

نور چشم جيجي درشهوار

ڪالهه خير سان هتي پهتاسون. جاءِ جي ٻاهران 10 پوليس وارا بيٺا آهن. سرڪاري اخبار هلال پاڪستان ۾ آيو آهي ته سنڌ سرڪار منهنجو علاج لاءِ انتظام ڪرائي رهي آهي، ليڪن اجان تائين ڪوبه سرڪاري ماڻهو حال پڇڻ لاءِ به ڪونه آيو آهي. اڄ شام جو ڊاڪٽرن کي ڏسڻ لاءِ ويندس.

نهال شاهه (سيد يار محمد شاهه جي پاءُ) کي پاسپورٽ وٺڻ لاءِ صحيحون ڪري ڏيان ٿو. هن جو چوڻ آهي ته تنهنجو پاسپورٽ هُو امداد کي ڏئي آيو آهي، جنهن وٽان گهرائي وٺندا. اتي مون واري جاءِ ۾ صندل تي رکيل فائيلن مان هڪ فائيل جي مٿان ذوالفقار علي خان ڀٽي سان لکپڙهه جو فائيل پيل آهي، جو وساري آيو آهيان، اهو ڪنهن ماڻهوءَ هٿان موڪليندا، جي امير حيدر هيڏانهن اچي ته ان کي ڏيندا.

ٻيو ته ڪراچيءَ جي بنگلي واري قرض ۾ پياريل پئسن جو رسيد بڪ توکي ڏنو هوم، اهو به موڪليندا ته باقي رقم پياري ڇڏيان.

ڪمدارن کي چوائيندا ته گاهه وارن واعدو ڪيو هو ته هتي پئسا اچي ڏيندا، اهي اجا تائين ڪونه آيا آهن. پروءَ کي چوندا ته ڪمدار نظر علي شاهاڻيءَ کي نياپو موڪلي يا لکاني پليجي کي چوندا ته اهو نياپو موڪليس.

هتي سڀ خوش خورم آهن. وڏيڪ ڊاڪٽرن جي ملڻ بعد، جي حالت سازگار ٿي ته موٽر موڪليندس ته توکي وٺي اچي.

پيار گهر ۾ سيني پاتين کي رسن.

زياده خير والسلام

غلام مرتضيٰ

سن
7.10.74

نور چشم درشهوار

پيارن بعد احوال تہ خط پهتا. خواب ڪتاب "ديار دل داستان محبت" ۾ آهي، ان جو جلد ٻيون هيٺين ڪتابن سان گڏ ڪنهن ماڻهوءَ هٿان موڪليندس.

1. حسام الدين راشديءَ جا شاهہ عنايت صوفيءَ تي نئين زندگيءَ ۾ لکيل مضمون.
2. خير محمد فقير جو رسالو.
3. بيسر نامہ جان الله شاهہ روهڙيءَ واري جو نقل.

اميد تہ خوش خورم هوندينءَ

گهڻو وقت پڙهڻ تي ڏج. هيٺينءَ طرح مطالعو شروع ڪج.

1. جين مذهب جي مکيہ ڪتابن جو مطالعو.
2. ٻڌ ڌرم مذهب جي مکيہ ڪتابن جو مطالعو.
3. پارسي ڌرم جي مکيہ شاخن جو مطالعو. (زردشت، ماني، مزدهڪ) وغيره.
4. هندو ڌرم جي ويدانت ڪتابن جو مطالعو ۽ گيتا.
5. يوگ وَشست.
6. يوناني مستڪ فلاسافرن جو مطالعو.
7. اسپونزا جا ڪتاب.
8. ابن العربي جا ڪتاب.

غلام مرتضيٰ

سن
16.10.74

پياري ڏيءُ

دعائن بعد احوال هي تہ خط پهتا آهن هڪ 25 تاريخ جو لکيل ٻيو پهرينءَ جو لکيل ۽ ٽيون 8_9 تاريخ جا لکيل خط اڳي خط ۾ لکيو اٿم تہ هيئنءَ طرح ڪتاب پڙهج.

i. جين ڌرم
ii. ٻڌ ڌرم
iii. هندو ڌرم
iv. زراشترزم
v. اسلام موتيزم
vi. مانيزم

1. ڪتاب شاهہ عنايت تي حسام الدين شاهہ جا مضمون ۽ خير محمد فقير جو رسالو ۽ بسيرنامہ جلد موڪلڻ جي ڪوشش ڪبي.
2. تاريخ بابت خبر چار وٺي هجي تہ پير حسام الدين شاهہ راشديءَ کان پڇج. سندس ايڊريس هيءَ آهي.

پير حسام الدين شاهہ راشدي
ڪاسما پاليٽن سوسائٽي، ڪيئينس روڊ
بس اسٽاپ نمبر 2، ڪراچي

غلام مرتضيٰ

**قلم تازو:** اسلام 92 هجري ۾ هتي آيو. اسماعيلي مذهب وارا 95 هجري جي پيداوار آهن. لڪياري سيدن جو ڏاڏو سيد محمد مڪي گهڻو اڳ هتي آيل هو ٻيا اصحابي ۽ درويش بہ آيا هئا.

سن
28.11.74

اکين جي ٺار جيجي درشهوار

پيارن بعد احوال هي تہ، خط تنهنجا بہ ٽي پهتا آهن. مون بہ بہ خط جيجين جي خطن سان گڏ موڪليا آهن. اميد تہ پهتا هوندا. گڏ خط ان ڪري نہ ٿو موڪليان جو صرف خير وَعافيت جو احوال تہ توکي پيٽيون موڪلي رهيون هونديون. باقي مکيہ مسئلن تي خط هر روز ڪونہ لکبا آهن.

هاڻ تفصيلوار تنهنجي خطن جا جواب موڪليان ٿو.

1. منهنجا جملي ڪتاب 41 آهن، جن جي لسٽ موڪليان ٿو. انهن مان هر هڪ جي سامهون ان جي ملڻ وغيره جو پتو پوندو. لسٽ ۾ ڏيکاريل 18 ڪتاب هتان آهستي ڪري موڪليندس، پوءِ پٽي يونيورسٽيءَ ۾ رکڻ لاءِ ڏج.
2. ٽن اڻ ڇپيل ڪتابن جون دستخط ڪاپيون موڪليندس.
3. تو ڪنهن طرفان ڇپيل ڪتاب لاءِ سلپ موڪلي هئي، ان جو جواب هيٺيون آهي:

الف ـ ڊيلي گزيٽ سنڌ گزيٽ اخبارن جون ڪاپيون، سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌيالاجي ڊپارٽمينٽ ۾ رکيل آهن.

ب ـ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽيءَ جو دستور العمل ڪاپي ٻين ڪتابن سان گڏ موڪليندس.

ت ـ سنڌ مسلم پوليٽيڪل پارٽي، "سر غلام حسين هدايت الله"، اتحاد پارٽي (سنڌ يونائيٽيڊ) ڪان جدا ٿيڻ بعد عارضي طرح ٺاهي هئي، ان جو دستور العمل ٺهيل ڪونہ هو چونڊن بعد ان کي ختم ڪيو ويو هو.

ث ـ سنڌ آزاد پارٽي، "شيخ عبدالمجيد" چونڊن وقت ٺاهي، پروگرام ڇپي، چونڊون لڙيون هيون، چونڊن بعد اها پارٽي ختم ٿي. ان جو آئين ٺهيو ٺي ڪونہ هو تہ شيخ صاحب مسلم ليگ ۾ شامل ٿي ويو.

پڇا ڪندڙ کي ان بابت گهڻي خبر منهنجي ڪتابن "نئين سنڌ لاءِ جدوجهد" ۽ "پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني" مان ملي سگهندي. پهريون ڪتاب هتي ضبط ٿيل آهي، ممڪن آهي برٽش لائبريريءَ ۾ هجي. انگريزي

تجزئي Struggle for new Sind کي دنيا جي ڪيترن مصنفن کي ڪوٺ ڪيو آهي. "پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني" تمام وڏو آهي، جو دستخط ڪاپي ان جي موڪلي نه ٿي سگهجي.

4. مولانا روم جي مثنويءَ جو ترجمو اڳيئي "پروفيسر نڪلسن" انگريزي ۾ ڪيو آهي، جو 9 جلدن ۾ آهي.

5. مون بابت مخالف ماڻهو سال بسال اخبارن ۾ خبر ڇپائيندا آهن ته آءٌ سياست کان رٽائر ڪري ويو آهيان. هن سال به خبر ڇپائي هئائون ان جو رد اڳي ڇڪو آهي.

نظر بنديءَ ڪري سياست ۾ حصي وٺڻ کان مجبور آهيان. پر ان جي اها معنيٰ ٿي نه ٿي سگهي ته مون پنهنجي مشن تان دستبرداري ڪئي آهي ۽ ڇو ڪندس. ان جو حوالو "پٿي صاحب" تازو سندس بهاولپور واريءَ تقرير ۾ ڏنو آهي.

6. 65 پائونڊن جو ڪاغذ مون بروقت امداد کي ڏنو هو ان خبر نه آهي ڇو بندوبست نه ڪيو آهي. اجان ڪراچي ڪونه ويو آهي. پاڻس سان 29 تاريخ حج تي وڃي ٿو اتان موٽڻ بعد ممڪن آهي. پيٺهين زرين تاج کي سن وٺي اچي، پوءِ ڪيس چوندم. ڪيس 10 هزار روپيا هن مهيني جي وچ ڌاري ڏنا هئم ته 400 پائونڊ ايڏاهين موڪلڻ جو انتظام ڪري، خبر نه آهي توکي مليا يا نه.

7. پارسي پڙهڻ نهايت ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته سنڌ جي شاعرن ۽ درويشن تي ايران جو گهڻو اثر رهيو آهي. ان جو پتو پارسيءَ جي ڄاڻ کان سواءِ پڻ مشڪل آهي. ايراني درويشن تي زردشت، ماني وغيره پيغمبرن جي تعليم جو گهڻو اثر آهي. انهن جا ڪتاب ته توکي انگريزيءَ ۾ ملي سگهندا. ڪراچيءَ جي "ڊاڪٽر ڊالا" ان تي ٿي چار مکيه ڪتاب انگريزيءَ ۾ لکيا آهن،سي اميد ته اتي جي لائبريرين ۾ ملي سگهندا.

سنڌي شاعرن ۽ درويشن جي پيغام جو پتو پوريءَ طرح تڏهن پئجي سگهندو جڏهين ڪم از ڪم جين ڌرم، ٻڌ ڌرم، هندو ڌرم، پارسي متن ۽ مسلم تصوف جي واقفيت هوندي.

توکي اتي پڙهڻ لاءِ انهيءَ ڪري موڪليو آهي تہ سنڌو ديش جي قديم پيغام (جو مختلف مذهب، تعليمن ۽ فلاسافين جو نچوڙ "روح" آهي). جو پتو ڪيڏي دنيا اڳيان سنڌوديش جو پيغام پيش ڪري سگهين. صرف ڊگري حاصل ڪري نوڪري ڪرڻ مقصود نہ آهي. پر سنڌ جي پيغام جي مشن جي ڪوجنا ڪرڻ آهي.

هيءَ ڳالهہ ياد رکڻ جي لائق آهي تہ اسلام کي اسان محدود ۽ مڪمل دين نٿا سمجهون، پر ارتقا پذير مذهب تصور ڪريون ٿا، جو روز قيامت تائين ترقي ڪندو نوان نيا‌پا انسان ذات جي سامهون پيش ڪندو رهندو.

اسلام جي عربن هڪڙي معنيٰ ڪئي، ايرانين ٻي، هندوستانين ٽين ۽ سنڌين چوٿين ڪئي آهي. سنڌ هڪ اهو ملڪ آهي، جتي دنيا جي مکيہ مذهبن جو هڪ ٻئي تي اثر پيو ۽ هتي جي درويشن سيني مذهبن پويان بنيادي وحدت جو پتو ڳولي لڌو.

وحدت مذاهب، اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي نوع انساني ان جا مکيہ متا، ڳولي لڌائون. منهنجا لکيل هيٺيان ڪتاب غور سان، اتان جي آبهوا ۾ پڙهندينءَ تہ پتو پوندي تہ سنڌ جي مذهبي ۽ تاريخي تعبير ۽ پيغام ڪهڙو آهي:

1. ديارِ دل داستانِ محبت
2. سنڌي ڪلچر
3. جيئن ڏٺو آهي مون
4. سنڌو ديش ڇو ۽ ڇالاءِ
5. علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جا خط
6. ورلڊ مسلم ڪانفرنس (تبصره)
7. پيغام لطيف

سنڌ ۾ ڪيئي تهذيبن، فلاسافيون ۽ مذهب هڪ ٻئي تي اثر انداز ٿيا، انهن دنيا جي موجوده مشڪلاتن لاءِ هڪ حل وارو پيغام ڏنو آهي، ان جي ڪوجنا ڪري دنيا اڳيان سائنٽيفڪ طور ان جو نچوڙ پيش ڪرڻو اٿئي. ان لاءِ نہ صرف توکي انگلينڊ، پر ايران ۽ هند ۾ وڃي ڪوجنا ڪرڻي پوندي.

تنهنجي ٽيسز ڊگري وٺڻ واري ڪانہ ٿيڻ گهرجي. سنڌ جي پنج هزار

ورهين جي پيغام جي کوجنا ڪرڻي آهي. هڪڙا آرڪيالاجسٽ دڙا کوٽي سنڌ جي قديم تهذيب جو پتو لڳائين ٿا، ته ڪي ان جي علمي، تاريخي، مذهبي فلاسافيءَ جي ڪنڌرن کي کوٽي، ان جو نچوڙ پيش ڪرڻو آهي.

چاچو ڪهڙي حال ۾ آهي.

زياده خير والسلام

غلام مرتضيٰ

سن
29.7.75

نور چشم درشهوار جيجي

پيارن بعد احوال معلوم ته، ڪالهه تنهنجو خط جيجي شمع جي نالي آيو ته جاءِ بدلائي اٿئي ۽ ائڊريس موڪلي اٿئي. ان ائڊريس مان معلوم ٿيو ته لنڊن کان ٻاهر مڊل سيڪس ۾ جاءِ ورتي اٿئي.

1. خبر نه آهي اها جاءِ لنڊن يونيورسٽيءَ کان گهڻو پري آهي؟
2. اِتي ٻيون ڇوڪريون به رهن ٿيون يا نه؟
3. جاءِ ۾ اڪيلي رهندينءَ يا ٻي ڪا ڇوڪري به رهنديُ؟
4. مسواڙ گهڻي اٿس؟
5. لنڊن ۾ پهچڻ ۾ ڪيترو وقت لڳندو ۽ ڀاڙو گهڻو ٿيندو؟
6. شهر لنڊن ۾ جاءِ يا هاسٽل ڇونه هٿ ڪري سگهينءَ؟
7. ڪتاب هڪڙا ته موڪليا هئم انهن جي رسيد پهتي. ٻيا ڪتاب امداد کي ڏنم اهي شايد پهتا ڪونه هوندا.
8. تاڪيو سبڻ لاءِ ڏنو يا نه؟ ان جو احوال موڪلج. ڪپڙا وقت کان پوءِ سبيا، ان مان فائدو ڪونه ٿيندو. يڪدم سبائڻ جو بندوبست ٿيڻ گهرجي.
9. خواب وارو ڪتاب "ديار دل داستان محبت" پهتو يا نه؟
10. موڪل جي ڏينهن ۾ پڙهين ٿي يا ڇُٽي ملهائي رهي آهين؟
11. پئسا گهڻا بچيا اٿئي؟
12. امتحان جو نتيجو ڪڏهن ظاهر ٿيندو؟
13. داخلا لاءِ درخواست ڪئي اٿئي يا نه؟
14. هتي بارش اڃان ڪانه پيئي آهي پر گرمي گهٽي هئڻ ڪري اميد نه لاٿي اٿئون.
15. بازَن * کي ڪراچيءَ خط لِک، ڪجهه وقت بيمار هو ته ٻيءَ جو شڪ اٿس. دوا ڪرائي پيو. چيڙاڪ ٿي پيو آهي. پٽس کي خودڪشي ڪرڻ

---

* سيد احمد شاهه (بازيد) امير حيدر شاهه جو پيو فرزند

لاءِ خط لکي تڪليف ۾ وڌائين. تون دلاسو ۽ محبت وارو خط لکينس.

16. ماڻهين ۽ پيٽهين وڏي نوابشاهہ آهن. شايد پهرين تاريخ جلال واپس اچي. گڏي ڪجهہ وقت نا خوش هئي هاڻ بهتر آهي.

17. مهمان گهٽا آهن. رڌ وڌ جو بار شمع تي آهي. اڪيلي آهي. پاٽوٽ جون بيبيون هتي آيل آهن ملڻ وغيره لاءِ.

18. آئون ڪتاب "مذاهب جي سنڌي تشريح" لکان پيو. ان لاءِ "زردشت" ۽ "لائيٽ آف ايشيا"، "مهاتما ٻڌ" جي ڪتابن جي ضرورت آهي، اهي هٿ ڪري موڪلڻ جو انتظام ڪج تہ نهايت چڱو ٿيندو.

19. "زلف"• پيرس ۾ هڪ مهيني جي موڪل تي آيل آهي.

20. گرميون اچي پوريون ٿيون آهن اجان ريفريجريٽر جو شيشو ۽ وٽ ڪانہ وني سگهي آهين.

21. چاچهين شايد بنا موڪلائڻ جي ان طرف اچي، اِن ڪري سامان ڪٽي نہ اچي.

هتي سڀ خير آهي، ان طرف جو احوال موڪلج.

زياده خير والسلام

تنهنجو پيءُ

---

• سيد يار محمد شاهہ جو فرزند ڪيپٽن علي احمد شاهہ عرف زلف

سن
25.8.75

نور چشم درشهوار جيجي

پيارن بعد احوال هي تہ هن کان اڳ بہ خط موڪلي چڪو آهيان، هڪ 27 تاريخ جولاءِ ۽ هڪ 10 تاريخ آگسٽ تي. پهرين جو جواب تو 16 تاريخ ڏنو جو 24 تاريخ هتي پهتو.

ہي خط ۾ تنهنجي پڙهڻ بابت ڪجهہ احوال موڪليو اٿم. پر وري نئين سر احوال موڪليان ٿو. توکي يا تہ ايم اي ۾ داخلا وٺڻ گهرجي يا وري اينٽرو پالاجي ۾ تنهن جي مضمون لاءِ ڪار آمد ٿي سگهي ٿي.

1. پئسن لاءِ تو لکيو آهي. ان لاءِ امداد• سندس پئسا موڪليا هئا ان مان خرچ ڪر. ڪيس پئسا ڏنا ويندا. ازانسواءِ ڪجهہ پئسا ڪيس ڏنل بہ آهن. ڪوبہ ماڻهو ايڏاهين آيو تہ وڌيڪ پئسا موڪلڻ جو انتظام ڪبو.
2. بهرحال جيڪڏهين اتي داخلا نہ ملي سگهي تہ ڊاڪٽر شمل کي خط لکي، آمريڪا ۾ هارورڊ يونيورسٽي آمريڪا، يا ٿهلراماڻيءَ کي خط لکي اديار مدراس، يا ڄيٺيءَ کي خط لکي مسٽر ٺڪر مئنيجر، يو بي ايل بئنڪ جي معرفت ڪلڪتي شانتي نڪيتن، يا مسٽر جيرامداس دولترام کي خط لکي جواهر لعل يونيورسٽي دهلي ۾ داخلا لاءِ ڪوشش ڪجي.
3. رليون ۽ ٻيو سامان بہ موڪلڻ لاءِ انتظام ڪري رهيا آهيون. هدايت الله ميمڻ هالن واري جي ڳولا ۾ آهيون هت اچڻ بعد. ڪيس جيترو سامان کڻي سگهيو اهو ڏيڻ جو انتظام ڪبو.
4. چاچهين• غلام مصطفيٰ اچي تہ ان کي چئج ۽ صلاح وٺج تہ اتي پڙهڻ لاءِ انتظام ڪري ڏي. هو جو موٽي اچڻ يا ٻي همتي جي صلاح ڏي تہ نہ مڃج. اڄڪلهہ هو پيسيمسٽ (Pessimist) موڊ ۾ آهي.

---

• سيد امداد احمد شاهہ

• سيد غلام مصطفيٰ شاهہ اڳوڻو وفاقي وزير

5. ٺهلراماڻي ۽ چيني‌ءَ جون ائڊريسون تو وٽ هونديون. جيرامداس جي ائڊريس هي آهي.

(i) Shri Jairamsdas Doulat Ram
14_Tughlaq Road
New Delhi (Bharat)

(ii) M.P. Tahilramani
3_C Ananad Bhavan, 3rd floor
23, 24 Cosan Ajor Road.
Egmore 600088
Madras (Bharat)

(iii) Miss Jethi Sipahimalani
4th floor, chadda sadan
Church gate
Bombay 20 (Bharat)

6. امداد هتي چئتو اچي تو ان کي خط نوابشاهه ۾ لکي سامان ۽ پئسن لاءِ تاڪيد ڪر. شمع ۽ ماڻهين اڄڪلهه پاڻوٽ آهن، اتان شايد نوابشاهه وڃن.

7. ڪتاب موڪليل پهتا يا نه؟

8. ڪپڙي جي سبائڻ لاءِ انگريز درزيءَ سان صلاح ڪندا ٻاهريان درزي اڃان ان پايي تي نه پهتا آهن. پئسي جي پرواهه نه ڪج، انشاءَ الله جلد توکي ايترا پئسا پهچائبا جو توکي ڪوبه فڪر نه رهندو.

پڙهي امتحان ڏيڻ کان سواءِ نه اچج. دل نه لاهج. صوفي مت جو بنيادي اصل "لاتقنطو من رحمت الله" يعني خدا جي رحمت مان اميد نه لاهڻي آهي. اسان جو شاهه چوي ٿو ته:

"هلندي هوت پنهون‌ءَ (مقصد) ڏي، کهجن ڪي.کوتيون."

ان ڪري توکي پنهنجي مشن جي ڪاميابيءَ لاءِ حتي الامڪان ڪوشش ڪرڻي پوندي.

9. مون هڪ ڪتاب لاءِ تياري ڪئي آهي "مذهب جي سنڌي تشريح" (اول) خير اهو تيار ٿي وڃڻ بعد توکي، گهڻي مدد ڪندو. ان مان توکي

گھڻو مواد هٿ اچي سگھندو.

10. دهليءَ ۾ ڊاڪٽر ذاڪر حسين جو دوست عابد حسين آهي صبوح جو انڊيا ريڊئي تان 6.55 منٽن تي ”شمع فروزان“ پڙهائي ٿو اهو نهايت اعليٰ ماڻهو آهي اهو به ان سلسلي ۾ گھڻي مدد ڪري سگھي ٿو.

11. هتي بارشون جام پيون آهن. جيتوڻيڪ سن ۽ آس پاس ۾ گھرج کان مينهن گھٽ آهي، پر ساري سنڌ ۾ جام بارش پيئي آهي. گرمي گھٽ ٿي آهي.

12. امداد کي ذيابيطس ٿي پيئي هئي، 46 پائونڊ گھٽجي ويو هو هاڻ خدا جي مهربانيءَ سان علاج بعد ڪجھ بهتر آهي. تنهنجي خط کان اڳ، هتي هڪ ڪلاڪ لاءِ شمع ۽ ماڻهين کي پاڻوٽ وٺي وڃڻ لاءِ آيو هو.

13. تنهنجو ڪراچي يونيورسٽيءَ وارو استاد پروفيسر مرزا جو هتان لڏي جرمنيءَ ويو هو ان کان به لکي صلاح ڪر.

پيار سيني جا رسن.

پيار مان تنهنجو پيءُ

سن
8.9.75

نور چشم جيجي درشهوار

پيارن بعد احوال هي ته تنهنجا ٽي خط پهتا آهن، مون به ٽي خط موڪليا آهن هي چوٿون موڪلي رهيو آهيان.

جيڪڏهين ويزا وڌيڪ ملي سگهي ته، اتي بي ٽرم تائين خانگي طرح برٽش لائبريريءَ ۾ وڃي ريسرچ ڪندي رهه. پر جي ويزا نه ملي ته ايران يونيورسٽيءَ ۾ داخلا لاءِ ڪوشش ڪر. اتي به داخلا ۽ اجازت ملڻ کان سواءِ رهڻ، ويزا ۽ پئسا اچڻ بابت تڪليف ٿيندي، دل نه هارج زندگيءَ ۾ ڪيئي تڪليفون درپيش ايندي يون آهن، انهن کي همت ڪري منهن ڏيو آهي.

ويزا وڌائڻ لاءِ دولتانه* سان ملي ڪوشش ڪرائج ۽ پئسن جو به انتظام ڪرڻ لاءِ ڪيس چئج. جيتوڻيڪ هو ڪجهه وقت کان مخالفت ۾ رهيو آهي، پر امڪان آهي، من ڪو شرم پئيس ۽ بندوبست ڪرائي سگهي.

مير** صاحب کي ملي يا فون تي ساڻس گفتگو ڪري ڪو رستو ڳولج. امداد ڪجهه وقت ٿيو ته ڏيابيطس ۾ مٿي جي ڦيري ڪري وري نا خوش ٿي پيو ۽ چياائين ته سيپٽمبر جي 20 تاريخ کان اڳ لنڊن ويندو. پر سندس انهن ڳالهين تي يروسو ڪري نه ٿو سگهجي. پر ان جي اچڻ ڪري ڇا فرق ٿيندو. ويزا ۽ داخلا لاءِ ته هو به ڪجهه ڪري نه سگهندو. امداد تنهنجي ايڏاهين اچڻ تي به پڳيءَ دل سان راضپو ڏيکاريو هو ممڪن آهي، وري ڪا پيجت وجهي.

آمريڪا ۾ جيڪڏهن ڪرائيم آهي ته اتي وڃڻ ٺيڪ نه ٿيندو. اتي وڌيڪ رهڻ لاءِ ويزا ملي وڃي ۽ پئسا نه ڏين ته پوءِ به اتي ڪنهن سيٺ معرفت پئسن جو بندوبست ڪري سگهبو. انڊيا ۾ ڪنهن يونيورسٽي ۾ داخلا ٿئي ته برٽش پاسپورٽ ذريعي اتي وڃي سگهجي ٿو. ازانسواءِ سدائين ٻنهي ملڪن ۾ اختلاف نه هوندا.

---

* ممتاز احمد دولتانه برطانيه جوان وقت جو سفير
** مير علي احمد ٽالپر

امداد ڪان لکي پڇ ته اچي ٿو يا نه. هتي ته چيو اٿس ته 15 سيپٽمبر تي لنڊن لاءِ روانو ٿيندو.

حميده کهڙي کي خط لکي وڏيڪ مشورو ڪر. ممڪن آهي دولتانه معرفت ڪجهه بندوبست ڪرائي سگهي. جيجي وڏي هتي آهي، شمع نوابشاهه آهي. ماڻهين ياٽوٽ آهي، جلال* هتي آهي. ٻار ٻچا خوش آهن.

اميد ته خوش هوندين. جلد جلد جواب موڪليندي ڪر انتظار وٺندو وڃي ٿو.

خدا مسبب الاسباب آهي اميد ته ڪو بندوبست ٿي ويندو.

زياده خير والسلام

غلام مرتضيٰ

---

* سيد جلال محمود شاهه

سن
11.9.75

نور چشم جيجي درشهوار

پيارن بعد احوال هي تہ چار خط موڪليا اٿم. چوٿون 6 تاريخ موڪليل آهي. مون کي تنهنجي تعليم ۽ ڪٿي داخلا ٿي، جو نهايت انتظار آهي. تعليم پوري ڪرڻ کان سواءِ خالي موٽي اچڻ ٺيڪ نہ ٿيندو.

جيڪڏهن اينٿروپالاجي ۽ سوشيالاجي لاءِ داخلا ملي تہ چڱو نہ تہ ايم اي يا ڪنهن سائيڊ اسٽيڊيءَ لاءِ داخلا وٺ. ويزا وڌارائي، پئسن جي ايڏاهين اچڻ لاءِ اجازت وٺ. پر جي ڪٿي داخلا ٿي وڃي ۽ ويزا وڌي ملي تہ پئسا آئون موڪلڻ جو انتظام پيو ڪندس. ان جو خيال نہ رکج. مير علي احمد ۽ دولتانہ سان ملي مدد حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪر. پارٽ جون ائڊريسون موڪليون هيم. انهن سان لکپڙهہ ڪري اوڏاهين داخلا لاءِ اجازت گهر. واپس اچڻ لاءِ خدا ڪندو حالتون سازگار ٿينديون تہ اچي سگهندينءَ.

آمريڪا جي ڪولمبيا يا هارورڊ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ملي تہ ٺيڪ آهي. يونيورسٽين جي هاسٽلن ۾ ڪرائيم ڪونہ آهي، ٻاهر شهرن ۾ هوندا. اوڏاهين اچڻ جو ضرور ڪونہ ٿيندو. ايران بابت ڇا ڪيئي.؟

جرمنيءَ ۾ داخلا ملي تہ بہ چڱو. پوءِ ان ٻوليءَ جي سکڻ جي ڪوشش ڪٽي ڪجائين، جيترو علم گهڻو اوترو معلومات وڌندي.

امداد نا چاڪ آهي، پر آرسي هٽڻ ڪري ڪڏهين ايڏاهين اچڻ جو خيال ڪري ٿو ڪڏهين وري بند ڪري ڇڏي ٿو. چوڻ ۾ اچي ٿو تہ رات جو ننڊ گهٽ ٿي اچيس. مٽي ۾ قيري اٿس. ذيابيطيس ڪري 46 پائونڊ لهي ويو آهي. سندس وڏي تڪليف اها آهي، پر تہ بہ صلاح ڪنهن جي ڪانہ ٿو وٺي. پورن ۾ آهي. آئون صبوح جو تنهنجي ائڊميشن ۽ ويزا وغيره ملڻ لاءِ روز دعا گهران ٿو. ڇاڪاڻ تہ منهنجي ساري مشن جي ڪاميابيءَ جو مدار تنهنجي ڪاميابيءَ تي آهي.

ٻنهي پٽن جو اولاد وڌائڻ، ملڪيت ناهڻ، اولاد جي تربيت ۽ تعليم کان مٿي ڌيان ڪونہ وجي سگهيو آهي. ڪتاب بہ اڪثر ڪري ڪونہ ٿا پڙهن. رواجي شهري زندگي، جا خود مطلبي ۽ جانورن جي زندگيءَ جي

سڏريل شڪل ڪان متي نہ آهي، ان ۾ مشغول آهن. تنهنجي تعليم جي ڪاميابي منهنجي زندگيءَ جي مشن جي سرانجامي جو واڌارو آهي. دل نہ هار. همت ڪري، خدا ڪان ان جي ڪاميابيءَ لاءِ دعا گهر. انشاءَ الله ڪامياب ٿيندين. وقت ۽ پئسي جو خيال نہ ڪج. پئسا موجود ڪرڻ منهنجو ڪم آهي.

جي ٻيو نہ ٿي سگهي تہ ٻہ مهينا فرانس، ٻہ مهينا آمريڪا، ٻہ مهينا انڊيا، ٻہ مهينا ايران، ٻہ مهينا جرمني ۽ ٻہ مهينا روس ۾ وڃي اتي ريسرچ ڪرڻ لاءِ اجازت وٺ. پئسا تخمينو ڪري لکي موڪل تہ موڪلڻ جو انتظام ڪريان. پنجاهہ هزار ڪان متي خرچ نہ هجي.

1. آمريڪن ٽريولنگ ايجنسي، ٿامس ڪڪ ٽريولنگ ايجنسي وارا تعليم ۽ ڪاليجن ۾ داخلا لاءِ مدد ڏيڻ لاءِ، هڪ برانچ ذريعي انتظام ڪن ٿا. امير حيدر جي تعليم لاءِ بہ انهن بندوبست ڪري ڏنو هو. انهن کي بہ ڏسڻ گهرجي.
2. پاڪستان يا انگلينڊ جي سفارتخانن ۾ تعليم وٺائڻ لاءِ ڪي خاص برانچون آهن، انهن جي مدد بہ وٺي سگهجي ٿي.
3. سنڌي هندو اتي ڪارخانا کوليو ويٺا آهن ممڪن آهي اهي ان ڏس ۾ مدد ڪري سگهن.
4. مسٽر عزيز بلوچ هڪ سنڌي آهي، جو صوفي رسالو ڪڍندو هو. سنڌي هندن سان دوستي اٿس، اهو بہ ڪارائتي صلاح ڏئي سگهي ٿو.
5. لنڊن ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جا ڪي ڪرسچن مشنريز بہ مددگار ثابت ٿي سگهندئي.

سيني جا پيار ۽ دعائون رسن.

غلام مرتضيٰ

سن
17.12.75

نور چشم جيجي درشهوار

پيارن بعد احوال هي تہ خط پهتو. آئون ترسيل هوس تہ عيد تي "امداد" ايندو ان سان صلاح ڪري پوءِ خط پروفيسر ڏي موڪليندس. پر هو عيد تي ڪونہ آيو هاڻ شايد 22 تاريخ ڊاري اچي. پوءِ خط ڏياري موڪليندس.

دلالن پئسا ڪونہ ڏنا آهن پر ميمڻ ڪي امداد پئسا ڏنا هئا، اهي پهتا يا نہ؟ پئسن جي تڪليف تہ ڪانہ اٿئي؟ داخلا ملڻ ڪانسواءِ بئنڪ وارا پئسا بہ بند ٿي ويا هوندئي.

1. اج جيجي شمع ڏي خط تنهن جو موڪليل پهتو. پڙهيم، ان ۾ وري اهڙو نمونو لکيو اٿئي، جو ان جو اثر ماڻهين تي گهڻو پوي ٿو. چوي پيئي تہ پڙهي نوڪري تہ ڪانہ ڪندي، مون کان جدا ڪرڻ ۾ سزا ڏيڻ لاءِ تو کيس ولايت موڪليو آهي وغيره. مون کي خبر آهي تہ مسافريءَ ۾ جذبات پرجي ايندا آهن. ماڻهو ڇا جو ڇا پيو محسوس ڪندو آهي. پر ان جو اظهار ڪرڻ ٺيڪ ناهي. "امير حيدر"* هاڻ ولايت ويو هو ان بہ لکيو آهي تہ "مسافري ۾ اڪيلائي ڏاڍي تڪليف تي ڏئي يعني ائين پيو محسوس ٿئي تہ جي ماڻهو مري وڃي تہ پتو ڪونہ پوي" وغيره، سفر کي عربيءَ ۾ سقر (دوزخ) برابر سڏيو ويو آهي. پر حديث ۾ آهي تہ، علم خاطر چين بہ وڃڻو پوي تہ پرواهہ نہ ڪجي. ان وانگر تون ڪنهن خاص مشن سان اتي آيل آهين، جنهن کي شاهہ لطيف مقصد سڏيو آهي ۽ چيو اٿس تہ "هلندي هوت پنهونءَ ڏي کهجن ڪي ڪونئيون".

ان ڪري دل وڏي ڪري، حال داخلا وٺي مهينو بہ پڙهي پوءِ ڇٽي وٺي، يلي ٿي وڃ. پر حال اهڙا خط لکي ماڻهين کي تنگ نہ ڪر. خدا ڪري داخلا، ويزا ۽ پئسا ملن ٿي تہ منهنجو انتظار دور ٿئي.

زياده خير والسلام

---

* سيد امير حيدر شاهہ سائين جو ڏوهٽو

گهر ۾ سڀئي خوش و خورم آهن. جيجي وڏي عيد تي امير جي ٻارن سان هتي آئي هئي، وري ڪالهه ڪراچي ويا آهن. سڀئي ٻار 23 تاريخ تي وري موٽي ايندا. امداد جا ٻار به ان وقت ايندا جو وئڪيشن 23 کان شروع ٿي ٿئي 14 جنوري تائين.

غلام مرتضيٰ

سن
27.10.76

نور چشم جيجي درشهور

پيارن ۽ سلامن بعد احوال هي تہ خط بہ اڳي پهتا هئا. هي 17 تاريخ وارو خط تيون ڏينهن پهتو.

"مسٽر گوها" جيڪو ٽاپڪ توکي غور ڪرڻ لاءِ ڏنو آهي اهو اسان جي ٿيسز کان علحده آهي، اصل مقصد ٽاپڪ جو اهو هئڻ گهرجي تہ

Basic Unity behind all religions

جيڪي توکي پڙهڻ لاءِ ڪتاب ڏنا اٿس، سي سندس ٽاپڪ مطابق آهن.

1. "مذهب ۽ قومي شعور"، "اسلامي شعور ۽ هندو قوم پرستي" هاڻ آئون هر هڪ ڏسيل ڪتاب تي بحث ڪندس.
1. "هنٽر" جو "انڊين مسلمس" جديد نڪتي نگاهہ کي سمجهڻ لاءِ ٺيڪ آهي.
2. "سمٿ" جو "ماڊرن اسلام ان انڊيا" بہ جديد نقطہ نگاهہ کي سمجهڻ لاءِ ٺيڪ آهي. مون پڻ ڪتاب پڙهيا آهن انهن مان عام نقطہ نگاه معلوم ٿئي ٿو.
3. "پيٽر هار ڊي" جو "برٽش انڊيا" جو ڪتاب مون ڪونہ پڙهيو آهي، پر گهڻو ڪري مٿين پڻ ڪتابن وانگر هوندو. تنهي ڪتابن پڙهڻ ۾ ڪو عيب نہ آهي.
4. "عزيز احمد" جو "اسلامڪ ماڊرنزم" بہ مون ڪونہ پڙهيو آهي، ممڪن آهي ان ۾ بہ ساڳيا احوال هجن. پلي پڙهجي.
5. "هيڪٽر بولٿو" جو "جناح" ڪتاب ترڊ ريٽ آهي. هن ماڻهوءَ کي مون ڏٺو هو. جڏهين پاڪستان سرڪار ڪيس خرچ ڏئي ڪتاب لکڻ لاءِ گهرايو هيو. مون کي چيائين مس فاطمہ جناح ساڻس بائيڪاٽ ڪيو آهي ۽ جناح بابت ڪنهن بہ مواد ڏيڻ کان انڪار ٿي ڪري ان ڪري هِتان هُتان جيڪي احوال ملندم اهي گڏ ڪري ڪتاب لکندس. هن ائين ڪيو. ڪيس مليل پئسن جي پورائي ڪيائين. هي ماڻهو انگريزي

لکڻ جو ڪٽي ڪهڙو به هجي، پر سندس لکيت بيڪار آهي. مون ڪتاب پڙهيو آهي تون به پلي پڙهه، پر فائدو ڪونه ٿيندو. ازانسواءِ جناح ۽ اسلام بئي ڳالهيون متضاد آهن. ان جي زندگيءَ جي احوال پڙهڻ سان اسلام جو ڪهڙو پتو پوندو. هو اسلام جي تعليم کان بي بهره هو.

6. "ستيفن" جو ڪتاب "پاڪستان" مون پڙهيو آهي، ان ۾ هن پاڪستان ڪيئن ٺهيو ان جو ذڪر ڪيو آهي. آخر پاڪستان جو اسلام سان ڪهڙو واسطو آهي ۽ پنهنجي سبجيڪٽ "جملہ مذاهب پويان بنيادي يونٽي" جو ان مان ڪهڙو پتو پوندو.
7. "ويسٽن" جو "لارڊ منٽو" تي ڪتاب مون ڪونہ پڙهيو آهي، پر لارڊ منٽو اهو ماڻهو آهي، جنهن هندوستان ۾ مسلمان ۽ هندن ۾ نفاق جو بنياد وڌو ۽ ڪانگريس (انڊين نيشنلزم) کي ڌڪ هڻڻ لاءِ مسلم ليگ ٺهرائي.
8. "ضياءُ الحسن فاروقي" جو ديوبند اسڪول ۽ پاڪستان تي لکيل ڪتاب مون ڪونہ پڙهيو آهي، پر ٺيڪ آهي، پلي پڙهجي.
9. "ول ڊيورانٽ" جو ڪتاب "رليجن، پاليٽڪس ۽ انڊين هسٽري" مون ڪونہ پڙهيو آهي، پر معلوماتي ڪتاب هئڻ ڪري پڙهڻ گهرجي.
10. "اشوڪ اميستا" جو "ڪميونل ٽرانگل انڊيا" پلي پڙهجي، پر اصل مقصد تي ٿوري روشني وجهندو.
11. "مجمندا" جو "جناح ۽ گانڌي" معلوماتي ڪتاب آهي، پلي پڙهجي.
12. "حسين شاڪر" جو "خلافت کان پاڪستان تائين" ڪتاب مون ڪونہ پڙهيو آهي، معلوماتي ڪتاب آهي پڙهڻ ۾ عيب نہ آهي.
13. "حق" جو "مسلم پاليٽڪس اِن انڊيا"، معلوماتي ڪتاب هوندو پر ان جو مذهبن جي بنيادي نقطن سان واسطو ڪونہ هوندو. مون پڙهيو نہ آهي.

"مسٽر گوها" توکي چيو آهي تہ، هو مارڪس جو پوئلڳ آهي، قابليت جي لحاظ سان شاگردن کي پاس ڪندو آهي. اهو سچ چيو اٿس، ڪم ڪندينءَ تي پاس ٿيندينءَ، خوشامد تہ ڪانہ هلندي. "مسٽر گوها" کي چئج تہ، مذهبن پويان بنيادي يونٽي، مارڪس جي بيءَ طرح جي سمجهاڻي آهي.

”سرجان مارشل“ جو ”موهن جو دڙو“ ۽ انڊين سولائيزيشن“ ڪتاب جلد وٺي موڪلج.
”ڊاڪٽر ڪريگ“ جيڪي ڪتاب ڏسي، انهن جا نالا لکي موڪلج ته مشورو ڏيان.
”ڊاڪٽر چوڌري“ به جيڪي ڪتاب ڏسي سي لکي موڪلج ته مشورو ڏيان.
هتي سڀ خوش چڱا ڀلا آهن. هي ڪاغذ اتان، هتي آيل آهن، سي موٽائي موڪلجنِ ٿا. پڙهڻ کي گهڻو وقت ڏج، ڳالهين ۾ وقت گهٽ صرف ڪج.
هتي وانگر سمورو وقت ملاقاتن ۾ نه گذارج

زياده خير والسلام
غلام مرتضيٰ

سن
10.11.76

پياري جيجي درشهوار

پيارن بعد احوال تہ تي ڏينهن ٿيا آهن تہ 7 تاريخ تي تنهنجو خط پهتو
2 تاريخ جو لکيل هو يعني پنجن ڏينهن ۾ پهتو. ان ۾ ڪافي احوال هو.

1. پئسا اتي هزار کن پائونڊ ملن تہ وٺ تہ هتي انهن کي ڏنا وڃن. پر اهو انتظام جلد ڪج تہ پئسن جي تڪليف نہ ٿيئي. جي ڪو ماڻهو آيو يا پيو بندوبست ٿيو تہ بہ ڪندس. ازانسواءِ جلد بئنڪ ۾ بہ ماهوار خرچ لاءِ پئسا پياريندس. انشاءَ الله هن مهيني اندر اهو ڪم پورو ٿي ويندو. پر ان جو گهڻو مدار اتي بندوبست ٿيڻ تي آهي.
2. مون بہ هڪ ڪتاب لکڻ شروع ڪيو آهي جيڪو يونيٽي بيهائينڊ آل ريلجنس (Unity behind all religions) تي آهي. نالو ڪتاب جو "سنڌوءَ جي ساڃاهہ" رکيو اٿم. ان جا 4 باب ڪيا اٿم ۽ هڪ پيش لفظ ٿيندو. باب هيٺيان آهن.

1. سنڌوءَ جي ماضي، حال ۽ مستقبل ۾ قوميت ۽ امپريلزم جا تصادم.
2. سنڌوءَ جي مذهبي تشريح ۽ ان سان مذهبي نالي ۾ ٿيل دوڪيبازي.
3. سنڌوءَ جي اقتصادي ۽ سياسي پس منظر جو ماڻهن جي اختلافن تي اثر.
4. سنڌوءَ جي ڪلچرل ارتقا ۾ مختلف قومن، ملڪن، عقيدن ۽ ڪلچرن جا اثر.

پهرين باب ۾ مون دراويدي ۽ آرين، سيميٽڪ قومن جي تاريخ جو ذڪر ڪري ٻاهرين سامراجين ۽ مڪاني قومن جي تصادم جي تاريخ جو بيان ڪيو آهي ۽ هن وقت اسان ڪهڙي مشڪل حالتن مان گذري رهيا آهيون تنهن تي بحث ڪيو آهي. ٻئي باب ۾ مون جملي مذاهب جي بنيادي نقطن تي نظر ڪئي آهي، اينيمزم (جاندار شين)، ان - انيمزم (غير جاندار شين) جي روحن ۾ اعتقاد جو نظريو اوريجنس قومن جو انهي بابت رايو ۽ پوءِ پوليٿزم کي بيان ڪيو اٿم. ان کان پوءِ ترنتي، دوئي، توحيد جي مختلف سمجهاڻين بابت لکيو اٿم. ترقي يافتہ مذهبن کي ٻن گروهن ۾ ورهايو اٿم:

**هڪ آرين اوريجن جا مذهب. جهڙوڪ**

(1) هندو ازم (ويدانيت) برهمنزم، وشنوئزم، شوئزم (2) ٻڌ ازم (3) جينزم (4) زراشترزم (مترائزم، مانيزم، مزد هڪ) (5) يوناني فلسفو ٿياسافي ۽ سنڌي تصوف

**ٻيو دراويدين يا سيمِٽڪ اوريجن جا مذهب جهڙوڪ:**

(1) مصر، سمير، بابل ۽ سنڌ جي دراويدين جو مذهب (2) جديزم، (3) ڪرسچنٽي (4) اسلام

اسلام بابت مون حضرت محمد ﷺ جي ٻن مشنن بابت ذڪر ڪيو آهي. پهرين عربن کي قبيلائي جهڳڙن، وحشي ۽ متفرق اعتقادن ۽ انتشار مان ڪڍي هڪ پليٽ فارم تي آڻڻ جي مشن. ان ۾ فتح مڪ بعد هو ڪامياب ٿيو ۽ قرآن ۾ آيت آئي تہ "تنهنجو ڏين اڄ مڪمل ٿيو". اهو اشارو پهرين مشن بابت هو.

حضرت محمد ﷺ جي ٻي مشن ۽ مقصد، جملہ مذاهب پويان بنيادي وحدت جو اظهار ڪي اتحاد انساني لاءِ ڪم ڪرڻ. ان مشن کي، سواءِ چند ماڻهن کي سينہ بہ سينہ راز ڏيڻ جي، اڌورو ڇڏي ويو. ڇاڪاڻ تہ اها مشن هڪ ڄمار يا دور ۾ پوري ٿيڻ واري نہ هئي. شاهہ لطيف ان ڏي اشارو ڪري چوي ٿو تہ،

"جي قيام مڙن، تہ ڳَرَ ويجها سپرين."

ازنسواءِ عرب قوم اڃا ڪنهن تهذيب يا ترقي يافتہ مذهب سان واقف نہ هئڻ ڪري، انهيءَ مشن کي سرانجام ڪرڻ لاءِ اهل نہ هئي. مسلم عرب ۽ اسلام ساڳي ڳالهہ نہ هئا.

قرآن جو جوهر پنجن نقطن ۾ سمايل هو ٻيو سڀ فروعات ۽ تمثيلات جي ڪن اهڙين ڳالهين تي مشتمل هو جي تاريخ جي ڪسوٽي تي رد ٿي چڪيون آهن.

**اسلام جا پنج بنيادي اصل.**

1. هر ملڪ، قوم ۽ زماني ۾ خدا (قدرت / تاريخ) طرفان پيغمبر، رشي، رفارمر، حڪيم موڪليا ويا هئا، جن ماڻهن ۽ ملڪن ۾ حالتن ۽ انهن جي ارتقائي ذهني ڌرمن مطابق سمجهاڻيون ڏنيون، جن مذهبن جي

صورت اختيار ڪئي. انهي جملي پيغمبرن جو بنيادي مقصد، اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم هو. حضرت ڪرشن، ٻڌ، عيسيٰ، محمد ﷺ سيني ائين چيو آهي تہ هو هڪ ئي مذهب جا رفارمر هئا.

2. ان جي بنيادي مقصدن مطابق، جملي پيغمبرن جي رَسڻ جو بنيادي مقصد ساڳيو هو. سواءِ سوسائٽيءَ جي قانونن يعني شريعتن جي ملڪي حالتن ۽ ماڻهن جي ضروريات مطابق جدا جدا هئڻ گهربيون هيون ۽ معاشري جي تبديلي بعد انهن جو تبديل ٿيڻ لازمي هو. بنيادي مقصد اتحاد، امن ۽ ترقي جا ساڳيا رهندا آيا.

3. انهيءَ نقط نگاهہ کان هن قرآن ۾ ظاهر ڪيو تہ صحيح مسلمان اهو آهي جو خدا، جملي پيغمبرن ۽ انهن جي ڪتابن جي بنيادي نقطن جي سچائيءَ ۾ اعتماد رکي ۽ انهن جي صداقت ۽ هڪ جهڙائيءَ ۾ فرق نہ رکي. ان جي معنيٰ اها ٿيندي تہ صحيح مسلمان ٿيڻ لاءِ ڪم از ڪم جملي ترقي يافتہ مذهبن جي پيغمبرن جي تعليم جي واقفيت ۽ انهن جي ڪتابن جي بنيادي اصولن جي معلومات هئڻ لازمي آهي. انهي نقط نگاهہ کان عربن کي صرف ڪرسچنٽي، جبيزم، زراسٽر جي مختصرن عقيدن جي واقفيت هئي، ليڪن يونان، ويدانت، ٻڌ ازم، جينزم، زراشترزم ڪرسچنٽي ۽ جبيزم جي بنيادي مقاصد کان واقفيت نہ هئڻ ڪري اهي پورا مسلمان نہ ٿيا ۽ نہ آهن. ان ڪري اسلام جي بنيادي مقصدن جي سڃاڻپ، يورپ، ايران، هندوستان ۽ سنڌ ۾ زياده ٿي بنسبت عربن جي.

4. حضرت محمد ﷺ جي بين القوامي مشن جو مقصد ڪثرت مذاهب پويان بنيادي وحدت پڌائڻ هو. اُن ڪري اسلام کي جدا ۽ منظم دين جي حيثيت ۾ پيش ڪري، ماڻهن کي عربي تصور واري جدا دين، شريعت، نظام ۽ زوريءَ جهاد جي ذريعي يا تبليغ جي ذريعي اسلام ۾ آڻڻ، روح اسلام جي خلاف هو. قرآن جون آيتون "لڪم دينڪم ولي دين" (يعني منهنجي لاءِ منهنجو دين ۽ تنهنجي لاءِ تنهنجو دين) جو اڄ علم جي زبان ۾ Co_existence (بقائي باهمي) جي مترادف آهي ۽ "لاڪراه في الدين" (دين جي معاملي ۾ زور زبردستي جائز نہ آهي).

جملي مکيہ اصولن تي عمل ڪرڻو هو.

5. حضرت محمد ﷺ جا پنجين ڳالهہ ٻڌائي سا اها هئي تہ، نجات يا سالويشن لاءِ صرف ٽي ڳالهيون لازمي هيون.

i. خدا ۾ ويساهہ (جنهن جو مقصد اهو هو تہ هن ساري ڪائنات جي پويان پرپز پلئن ۾ ويساهہ رکڻو هو. قرآن ۾ هو تہ "ماخلقت هٰذا باطلا" هي ساري ڪائنات بنا مقصد ۽ مراد جي اجائي نہ خلقي وئي آهي).

ii. روز آخرت ۾ ويساهہ رکڻ (جنهن جو مقصد اهو هو تہ انسان لاءِ ڪم ڪرڻ. مسلمانن، عيسائين ۽ ٻين مذهبن طرفان زمين جي ٽٽڻ، ماڻهن جي تباهيءَ بعد وري ساڳين ماڻهن جو قيامت ڏينهن حساب ڪتاب بعد دوزخ يا بهشت ۾ وڃڻ جو عقيدو غلط آهي.

iii. عمل صالح ڪرڻ. جن ۾ عبادتون ۽ ورد وظيفا شمار ڪيل ڪونہ هيون، بلڪ هيٺيان ڪم بنيادي طرح عمل صالح شمار ٿي سگهيا ٿي.

(i) محبت جو جذبو. (ii) رواداريءَ جو جذبو. (iii) پراپڪاري جو جذبو. (iv) عدم تشدد ۾ ويساه. (v) خدمت خلق جو جذبو. (vi) قرباني (ايثار) جو جذبو (جانورن جي قرباني روح اسلام جي خلاف هئي). (vii) بقائي باهمي جو جذبو (Co_existence). (viii) باهمي تعاون (Co_operation) جو جذبو.

ان تي عمل ڪرڻ ڪري، هر مذهب جو پيروڪار نجات جو لائق ٿي سگهيو ٿي. نجات صرف مسلمانن لاءِ مخصوص نہ هئي.

پيغمبر محمد ﷺ جي وفات کان بعد عربن، سندن ذاتي مفاد ۽ سامراج قائم ڪرڻ لاءِ روح اسلام جي خلاف ٻين ملڪن تي حملي ۽ ڦرلٽ ڪري ان کي مال غنيمت سڏي، ماڻهن جو قتل عام ڪيو. ماڻهن کي غلام ۽ ٻانهيون بنايو. سندن اهڙي ڪاروائيءَ لاءِ ماڻهن کي رضا مند ڪرڻ خاطر، ان کي مذهب جي پشتي ڏني، اسلام کي بدنام ڪيو. اهڙي بدعت جي شروعات حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر جي ڏينهن ۾ شروع ٿي ۽ اڄان تائين اسلام جي اها غلط تشريح پيش ڪئي پئي وڃي. اهو اسلام نہ آهي بلڪ ڪفر کان بدتر آهي. موجوده تصور واري اسلام جون هيٺيون ڳالهيون غلط آهن:

1. اسلام دين مڪمل آهي. لا آف ايووليوشن مطابق هر شيءِ روز بروز

ترقي پذير آهي، ڪنهن ڳالهه ڪي مڪمل سمجهڻ روح اسلام جي خلاف آهي.

2. قرآن شريف ۾ سڀ ڪجهه نه آهي، بلڪه ان جو نوي سيڪڙو حصو بي ڪار ٿي چڪو آهي. مولانا روم فرمايو هو ته:

ما ز قرآن مغز را برداشتيم، استخوان پيش سگان انداختيم!

معنيٰ: اسان قرآن مان مغز ڪيڍي ورتو هڏا ڪتن لاءِ ڇڏيا اٿئون.

3. شريعت، اسلامي معاشري (سوسائٽيءَ) جي بدلجڻ ڪري رد ٿي چڪي آهي. جهڙوڪ سندس هيٺيون ڳالهيون بيڪار ٿي چڪيون آهن.

i. وياج ڏيڻ ۽ وٺڻ تي بندش جي حڪم ڪي معاشري ختم ڪري ڇڏيو آهي. بئنڪون هر مسلمان ملڪ ۾ قائم آهن، جن جو هئڻ واپار ۽ ڪارخانن لاءِ لازمي آهي. ان ڪري ان تي عمل ڪرڻ ناممڪن آهي.

ii. غلام ڪرڻ يا رکڻ جو حڪم، موجوده حالات موجب رد ٿي چڪو آهي.

iii. شريعت موجب هٿن ۽ پيرن جو وڍائڻ رد ٿي چڪو آهي.

iv. جوا تي بندش جو قانون رد ٿي چڪو آهي. سٽو صورتي، ريس ڪورس سڀ جوا آهن.

v. زالن لاءِ پردي جو قانون رد ٿي چڪو آهي.

vi. شراب ۽ نشي کي مذهب اسلام بند ڪرائي نه سگهيو آهي بلڪه مسلمان حڪومتن جا مکيه ڪارڪن اهو استعمال ڪري رهيا آهن.

vii. زنا يا مذهب جي بدلائڻ ڪري سنگسار ڪرڻ جو حڪم عملاً رد ٿي چڪو آهي.

viii. تصويرن يا مجسمن ٺاهڻ ۽ رکڻ جو قانون بيڪار ٿي چڪو آهي.

ix. شخصي ملڪيت کسڻ جو حڪم، بيڪار ٿي چڪو آهي. هر مسلمان ملڪ ۾ سوشلزم مروج ٿيندي وڃي ٿي.

x. مذهبي جهاد ناممڪن ٿي چڪو آهي.

xi. خلافت ختم ٿي چڪي آهي.

xii. عربن جي شريعت وارو قانون، بعد از وقت ۽ بي ڪار هئڻ ڪري، هر ملڪ ۾ رومن لا مطابق نوان قانون مرتب ٿي رهيا آهن، سواءِ ورثي ۽ شادي جي.

xiii. چئن زالن رکڻ جو قانون رد ڪيو پيو وڃي، سواءِ سعودي عرب جهڙي جاهل حڪومت واري ملڪ جي.

xiv. ننڍپڻ جي شاديءَ جو دستور رد ٿي چڪو آهي.

xv. ٻين ماڻهن کي مذهب جي نالي ۾ فتح ڪرڻ جو حڪم رد ٿي چڪو آهي.

xvi. ڏاڙهي رکائڻ، معاشري جي تبديليءَ ڪري ختم ٿي چڪي آهي.

xvii. بادشاهيءَ جو دستور، آهستي ختم ٿيندو وڃي.

xviii. قرآن جي معصوميت ۽ قطعيت کي، هاڻ ڪوبہ صاحبِ عقل ڪونہ ٿو مڃي.

xix. آدم انسان ذات جو ڏاڏو هو، غلط ثابت ٿي چڪو آهي.

xx. مسلمانن جي جدا قوم جو مذهب جي بنياد وارو نظريو سواءِ پاڪستان جي ڪٿي بہ مروج نہ آهي.

xxi. قصاص يعني قتل جي بدلي قتل، وحشيانہ دور جو قانون تصور ڪيو وڃي ٿو.

xxii. ڦرلٽ کي مال غنيمت سڏي ان کي جائز سمجهڻ، بيڪار ۽ غلط هئڻ ڪري ختم ٿي چڪو آهي.

xxiii. ڇتن وانگر ستن آسمانن جو قرآني تصور، غلط ثابت ٿيل آهي.

xxiv. غير مسلمانن کان، مسلمان حڪومتن ۾، جزيو وٺڻ جو قانون رد ٿي چڪو آهي.

xxv. زڪوات، معاشري جي بدلجڻ ڪري اهڙو فيشن آهي، جو عمل ۾ نٿو اچي. سواءِ چند بليڪ مارڪيٽي تاجرن جي اها ڪوبہ نٿو ڏئي.

xxvi. قاضين جون ڪورٽون سواءِ جاهل حڪومت سعودي عرب جي، ڪٿي بہ مروج نہ آهن.

xxvii. مهديءَ جو پيدا ٿي، اسلام کي زنده ڪرڻ جو اعتقاد بہ غلط هئڻ ڪري ختم ٿي چڪو آهي.

سن
30 .11 .76

سلامت هجين.

پياري جيجي درشهوار

پيارن بعد احوال، تہ زرين تاج* جي خط مان توکي هن وقت تائين ماڻهين جي وفاتيءَ جي خبر پهتي هوندي. آءُ پٽر تي ٻاهر بنگلي تي هٽڻ ڪري احوال ڏئي نہ سگهيس.

هن دنيا مان لاڏاڻو هر ڪنهن کي ڪرڻو آهي، هتي ڪابہ شيءِ رهڻي نہ آهي، تنهن ڪري ارمان ڪرڻ بيڪار آهي. اهو صرف ايسوسيئيشن جو سبب آهي، جو ماڻهوءَ کي گذر ڪيل ماڻهن جو ڏک رهي ٿو.

ماڻهين، وڏي خوش قسمت عورت هئي، جنهن ٽي موتيءَ جا داڻا ڏيئون، بہ صالح فرزند ۽ 17 پوٽا ۽ پوٽيون ڇڏي، سک کي لتون هڻندي، چڙهندي سج جيئن هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيو سهاڳڻ ٿي گذري. اسان سڀني صبر ۽ تحمل سان اهو صدمو برداشت ڪيو آهي، تون بہ اميد تہ اهڙي طرح صبر سان ان کي برداشت ڪنديءَ (Stoical fortitude)

1. اڳي ڏگهو خط لکيو اٿم اميد تہ اهو پهتو هوندو. پاڻوٽ وارا گهڻا مائٽ موتي ويا آهن، باقي ڪي رهيل آهن.
2. پئسا امداد کي 20 هزار بئنڪ ۾ پيارڻ لاءِ ڏنا هئم. پر ڪراچيءَ وڃڻ بعد حادثي جي خبر ٻڌي واپس آيو. ڪالهہ هتان پئسا پياري، ايڏانهين موڪلڻ لاءِ روانو ٿيو آهي. اول خير 20 هزار پيا بہ هفتي ٻن ۾ ڪنهن هٿ ڪري موڪليندس. اميد تہ خوش هونديءَ.

تنهنجو پيءُ
غلام مرتضيٰ

---

* سائين جي وڏي ڌيءُ

سن
10.12.76

پياري جيجي

پيارن بعد احوال تہ تنهنجا ٻئي خط پهتا. هڪ اخبار ۾ احوال پڙهڻ جو هو ٻيو پيٽهين جي خط ملڻ بعد جو هو.

منهنجو 28 تاريخ جو لکيل خط هن وقت تائين توکي پهتو هوندو. ماٺهين جو لاڏاٽو اوچتو ٿيو اڌ ڪلاڪ اندر بنا ڳالهائڻ جي موڪلائي ويئي. مون کي ياد ٿو اچي تہ جڏهين پڦي شمون حيدرآباد ۾ بيمار ٿي تہ آئون پڇڻ ويوسانس. مائي زهرا شيدياڻيءَ کيس غشي (ڪوما) مان اٿاري چيو تہ "امان ابو گلڻ آيو آهي ان سان ڳالهاءِ" چيائين تہ "مائي توکي ڪهڙي خبر تہ آئون هن وقت اهڙي حالت ۾ آهيان جو مون کي ڪلمو بہ ياد نہ آهي، ابي جي ڪهڙي ياد رهندي" اتي مائي چيس تہ "امان خير گهر اهڙيون ڳالهيون نہ ڪر." ان تي وري ڪوما ۾ ويئي هلي. ان وقت مون کي شيخ سعديءَ جو هڪ بيت ياد آيو تہ

چــو آهنــگ رفــتن کنــد جــان پــاڪ
چـــہ بـــر تخــت مــردن چـــہ بــر ذرهء خــاڪ

معنيٰ "جڏهين ساهہ نڪرڻ چاهي ٿو تہ، ان وقت اها پرواهہ ڪانہ آهي تہ تخت تان جان وڃي ٿي يا زمين جي مٽيءَ تان."

زندگي هڪ روشنيءَ جي جهلڪ وانگر آهي، جڏهين ڏيو يا بتي وسامي ٿي تہ چڙ هٽي ڪانہ. اهو ڏک ۽ ارمان، سڀ ايسوسيئيشن جي ڪارڻ آهن، جي زندگي جي سموري دکن جو ڪارڻ ٿين ٿا. مهاتما گوتم ٻڌ بہ اهڙيون حالتون ڏسي ۽ ان ڪري جي دک پيدا ٿين ٿا، تن مان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ لاءِ ورهين جا ورهيہ بن ۾ رهي، ڏيان ۽ فڪر بعد زندگيءَ جي اسرار کان واقف ٿيو هو. جنهن بعد کيس معلوم ٿيو تہ دک سڀ لاڳاپن جي ڪارڻ پيدا ٿين ٿا. انهن جي ڇار مان آزادي حاصل ڪرڻ صحيح علم جو مقصد آهي. جنهن کي "ٻڌي" سڏيو اٿن.

توکي فلسفہ روح مذهب جي پڙهڻ لاءِ ان ڪري موڪليو اٿم تہ تون ان

يزدان جي راز کان واقف ٿين. بيدل سائين فرمائي ٿو:

سـک رمـز وجـود وڃـاوڻ دي،
نهـين حاجـت پـڙهڻ پڙهـاوڻ دي.

هاڻ جي ٿون، جنهن کي علم حقيقي يا روحاني رمزون معلوم ڪري، ماڻهن کي ان مان واقف ڪرڻ لاءِ موڪليو اٿم، سا لاڳاپن جو شڪار ٿي، دک درد جو اظهار ڪنديءَ تہ اسان جو ڪهڙو حال ٿيندو. هزارها پکي، جانور ۽ ماڻهو روز ڄمن ۽ مرن ٿا. زندگيءَ جو اهو روزمرھ جو ڪارنامو آهي. بقول مرزا غالب:

*قيد حيات بند غم اصل ميں دونوں ايک ہيں،*
*موت سے پہلے آدمی غم سے نجات پائے کيوں؟*

يعني زندگي ۾ غم ۽ دک لازم ملزوم آهي، جيستائين زندگي آهي ان سان نباهڻو پوندو. شاھ لطيف فرمائي ٿو تہ:

اڄـا تـو منجهـان، ڪـک ڇُتـي رت نڪـري،
مـنهن ۾ محبـوبن جـا، ڪيـئن جهلينـدين گهـاءَ
سو تون ڪچاڙياءِ، تو سڪڻ جون سڏون ڪرين.

سالويشن بہ نجات، ڇوٽڪاري جي حاصل ڪرڻ جو اهو آهي تہ ماڻهو دک ۽ خوشي جي بنڌڻن کان آزاد ٿئي.
توکي بڌ، مهاوير، ڪرشن، محمد ﷺ، رومي، شاھ لطيف ۽ سچل جي علمن جو ڪستوڊين ٿيڻ لاءِ چيل آهي. جي توبہ ڪمزوري ڏيکاري تہ هيڏي ساري سنڌي قوم جو ڪهڙو حال ٿيندو. جي دکن ۽ دردن ۾ پيڙجي رهيا آهن.

تنهن جو پيءُ
غلام مرتضيٰ

سن
2.6.77

نور چشم جيجي درشهوار

پيارن بعد، حاجي دائود جي نياڻي هٿ شاهہ جا رسالا مسز ايلسا قاضيءَ وارو ۽ قاضي صاحب جو آرٽ وارو ڪتاب موڪليان ٿو. اول خير جلد "سنڌ ۾ تصوف" بابت مضمون لکي موڪليندس، جنهن ۾ گذريل ٽي هزار سالن جو احوال هوندو:

(1) موهن جي دڙي ۾ مذهب جي مسٽيسزم.
(2) ويدانت، گيتا، وغيره جو تصوف.
(3) ٻڌ ازم جو سنڌ جي تصوف تي اثر.
(4) جينزم جو سنڌي تصوف تي اثر.
(5) مانيزم (ايراني مذهب) جو اثر.

ڪبير، شاهہ، دادن، دلپت، سچل وغيره سڀ جو مختصر ذڪر هوندو.

i. شاهہ جي رسالي جا ڪہ سُر گيتا ۽ ڪرشن جي تعليم سان واسطو رکن ٿا. ڪلياڻ ۽ آسا.
ii. شاهہ جي رسالي جا ڪہ سر جينزم سان واسطو رکن ٿا. رامڪلي ۽ کاهوڙي.
iii. هڪ سر ڪبير ڀڳت ۽ ميران ٻائيءَ سان واسطو رکي ٿو.
iv. هڪ سُر ٻڌازم سان واسطو رکي ٿو.

اهو سڀ مضمون تيار ڪري اول خير جلد موڪليندس. سر جان مارشل وارو ڪتاب جلد موڪلج.

زياده خير والسلام
غلام مرتضيٰ

سن
11.2.78

نور چشم درشهوار

پيارن بعد احوال هي تہ، تنهنجا خط بہ ٽي پهتا آهن پر جنهن صورت ۾ جواب ڏکهو لکڻو هو ان سستيءَ ڪري اڄ نہ سيان ڪندي هيتري دير ٿي ويئي آهي. اڄ جيجي زرين تاج تنهنجو خط ڏيکاريو ان ڪري بيا سڀ ڪم ڇڏي خط لکان ٿو:

1. تنهنجي خط مان معلوم ٿيو تہ 22 هزار روپيا ميمڻ ڏيڻ کان انڪار ڪيو. امداد کي چيم، ان چيو تہ جيجيءَ جي ڪم موجب مون 32 هزار ڊاڪٽر نورانيءَ کي ڏنا. جنهن جو چوڻ آهي تہ هن هالن ۾ هن جي ماٽن کي ڏنا. هاڻ هو ڪجهہ ڪري نٿو سگهي. ڇوڪرو سرڪاري اسڪالرشپ تي ايڏانهن پڙهڻ آيو هو جو ناپاس ٿي پيو آهي. ان ڪري ڪيس خود پئسو ڪونهي، ان ڪري بہ شايد نڳيون ڪندو رهي ٿو. وري بہ امداد کي چيو اٿم تہ ڊاڪٽر نورانيءَ کي چئي پر امداد هاڻ چيڙاڪ ٿي پيو آهي وڏيڪ ڪيس چئجي ٿو تہ. ڪاوڙجي پوي ٿو تہ سندس ڪهڙو ڏوهہ آهي.

2. ذوالفقار• کي هڪ سئو پائونڊ ڏيڻ لاءِ پئسا ڏنل هئا. ڪالهہ حيدرآباد سندس والده جي وفاتيءَ تي آيو هو مون کيس چيو تہ اهي پئسا موڪليا اٿئي يا نہ. چيائين تہ اهو ڪنهن ماڻهوءَ جي حوالي ڪري آيو آهي. هن جو خيال هو تہ ايڏاهين اچڻو هو پر ڪونہ اچي سگهيو آهي مون تاڪيد ڪيو. مانس تہ ان ماڻهوءَ کي لکي تہ توکي پهچائي وڃي.

3. جنوريءَ جو خرچ حبيب بئنڪ ۾ پيارڻ لاءِ امداد کي ڏنو هئم، ان چيو تہ پياري آيو آهي. اڄ وري ٻن مهينن جو ويهہ هزار خرچ لاءِ، کيس چيڪ موڪليان ٿو تہ بئنڪ ۾ پياري.

4. زرين تاج چوي ٿي تہ هو خط لکندي رهي ٿي پوءِ الاجي ڇو توکي نٿا پهچن.

---

• ڪيپٽن سيد علي احمد شاهہ فرزند سيد يار محمد شاهہ

5. آئون پاڻ ڪتاب لکي رهيو آهيان ان لاءِ ڏاڍو پڙهڻو پوي ٿو اجا پوري ڪرڻ ۾ ٻه وقت کپي. مون مذهبن جي ارتقا تي ڪتاب لکڻ شروع ڪيو آهي. جنهن جي ابتدا ۾ ماڻهن جو اڻيمسٽ (جاندار) شين يا جانورن جي روحن جي اعتقاد. پوءِ اِن اڻيمسٽ شين جي روحن جي اعتقاد سج، چنڊ تارا. جنهن مان پوليٿزم (گهڻن خدائن) جو عقيدو پيدا ٿيو ان تي لکيو اٿم. ان کان پوءِ تري مورتي. (ٽن خدائن جو عقيدو) ان کان پوءِ ٻن خدائن جو عقيدو (دوئي) اهرمن ۽ ايزد. ان کان پوءِ هڪ خدا جو عقيدو ۽ ان جا مختلف قسم. ويدانيت، ٻڌازم، جينزم، زراشٽرزم، مٿرائزم، مزدهڪ، ماني مذهب، پڙهي. يهودي، ڪرسچينٽي، اسلام، مصر، بابل ۽ سمير جي مذهبن تي سرسري نظر ڪرڻ بعد. شاهه لطيف، سچل ۽ بيدل وغيره تي انهن جو ڪهڙو اثر پيو آهي، ان تي لکي رهيو آهيان. ڪتاب وڏو آهي، اجان پورو نه ٿيو آهي. ان ڪري ان جو اختصار ڪري ٻه موڪلي نٿو سگهان. تون جنهن سبجيڪٽ تي اسٽيڊي ڪري رهي آهين، ان تي ڪندي رهه. اول خير اختصار ڪرڻ بعد توکي موڪلي ڏيندس. پوءِ ان مان ٻه تون ڪجهه فائدو حاصل ڪري وٺندينءَ. پر ڪم اهو ايندءُ جو پاڻ پڙهندينءَ. محنت وڏي آهي. آئون عمر ۾ وڏو ٿيو آهيان پر تڏهين ٻه پيو محنت ڪريان. خدا توکي طاقت، همت، عمر وڏي ڏي، تون گهڻو ڪجهه ڪري سگهين ٿي. هت سڀ خوش آهن. امداد ۽ ٻار ٻچا نوابشاهه آهن. امير ۽ ٻار ٻچا ڪراچيءَ آهين. بدر ڪئناڊا هوائي جهاز جي سکيا لاءِ ويو آهي. هڪ مضمون مون ڪجهه اڳي لکيو هو پر اڌ ۾ رهجي ويو اهو حال موڪليان ٿو وڌيڪ پوءِ موڪليندس.

زياده خير والسلام

غلام مرتضيٰ

سن
22.4.78

پياري جيجي درشهوار

پيارن بعد احوال هي تہ گهڻا ڏينهن گذريا ويا آهن تہ مون خط ڪونہ لکيو آهي، جو ڪتاب لکي رهيو هوس. اهو ڪتاب اميد تہ توکي انهيءَ سبجيڪٽ ۾ جنهن ۾ پي ايچ ڊي ڪري رهي آهين، گهڻي مدد ڪندو. اميد تہ ان جي ڪاپي ڪرائي، ٻن ڏينهن جي اندر ڪنهن جي هٿان موڪلڻ جي ڪوشش ڪندس.

ان ڪتاب ۾ گذريل پنج هزار سالن کان سنڌ تي، جيڪي مذهبي تاثرات پيا آهن، جن مان شاهہ لطيف ۽ سچل وغيره صوفين، الله پذير تي سندن پيغام ڏنو آهي. ان جو ذڪر ڪيل آهي. سڄو ڪتاب تہ لکجي پورو نہ ٿيو آهي، پر 427 صفحا ڪن لکجي ويا آهن، سي توکي مواد ميسر ڪرڻ ۾ مدد ڪندا.

اميد تہ خوش و خرم هوندينءَ.

زياده خير والسلام
غلام مرتضيٰ

• تنهنجي تعليم جي ڪاميابي منهنجي زندگيءَ جي مشن جي سرانجامي جو واڌارو آهي.

• تنهنجي ٿيسز ڊگري وٺڻ واري ڪانہ ٿي گهرجي. سنڌ جي پنج هزار ورهين جي پيغام جي کوجنا ڪرڻي آهي. هڪڙا آرڪيالاجسٽ ڏڙا ڪوٽي سنڌ جي قديم تهذيب جو پتو لڳائين ٿا، توکي ان جي علمي، تاريخي، مذهبي فلاسافيءَ جي کنڊرن کي ڪوٽي، ان جو نچوڙ پيش ڪرڻو آهي.

**جي ايم سيد**

ISBN: 978-969-9544-07-1

9 789699 544071

Price Rs. 220

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ "لُڙهندڙ نسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي کي پئسا گَڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

ڄڻ ڄڻ جاڙ وڏي تي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٽي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن ڪي پڙهي سماجي حالتن ڪي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني ڪي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن ڪي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ ڪي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن ڪي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياکِي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)